
یونیورسٹيءَ ۾ گم ٿيل خواب

ٽيون ايڈيشن



ناول

عبدالرافع شيخ

نئون نياپو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

يونيورسٽيءَ ۾ گم ٿيل خواب

(ناول)

عبدالرافع شيخ

نئون نيا پو اڪيڈمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

کتاب جو نالو: يونيورسٽيءَ ۾ گم ٿيل خواب
موضوع: ناول
ليکڪ: عبدالرافع شيخ
تعداد: هڪ هزار
چاپو ٽيون: جنوري 2020
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي

C_4 سچل ڪوٽ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ
Ph # 021- 34690389 Cell # 0333-32115821

مُلهه =/200

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

شهر جانان ۾ جامشوري جي
جنهن جي هوائن ۾
ڪيترن ئي محبت ڪندڙن جي
وصل جا ٿهڪ ۽ فراق جا سڏڪا
اڄ به گونججن پيا.

۽

انهن خوبصورت ماڻهن جي
يادن جي نانءَ
جيڪي زندگي جي مايوس
گهڙين ۾ به مسڪرائڻ تي
مجبور ڪندیون آهن.

پنهنجي پاران

کتاب لکڻ کي سولو ڪم ڪونهي، خاص طور تي مون جهڙي ڪاروباري مڊل ڪلاس فيملي سان تعلق رکندڙ ماڻهوءَ، جن کي ڪتاب سان ايتري تائين دلچسپي هوندي آهي، جيستائين کين مالي فائدي جي اميد هوندي آهي. سنڌن پسنديده ڪتاب يا ته ڪورس جو هوندو آهي، جنهن کي پڙهي هو بيورو ڪريٽ ٽيٽ جا خواب ڏسندا آهن يا وري ڪاتن ۾ ڏيتي ليتي جا ڪتاب کين دلڪش لڳندا آهن. شايد اها مڊل ڪلاس جي مجبوري ب آهي، چاڪاڻ ته هي طبقو اميري ۽ غريبي جي هڪ عجيب پل صراط تي بيٺل هوندو آهي، هڪ طرف پري کان اميري جي خوبصورتي ديوي پنهنجون ٻانهون کولي پنهنجي حسن جي دعوت ڏيندي آهي ته ٻئي طرف ٿوري فاصلي تي غربت جي ڏاڻ، پنهنجي رت پياڪ ڏندن سان ٿورو ويجهو اچڻ جي انتظار ۾ هوندي آهي. ان طبقي جا ماڻهو جيترا ان ڏاڻ کان ڊنل هوندا آهن اوترا وري دولت جي ديوي جي ويجهو ويڃ جا مشتاق پڻ هوندا آهن. ان کانسواءِ کين ان ڳالهه جو ب پوري طرح احساس آهي ته انهن جون نه صرف دوستيون ۽ تعلقات پر انهن سان گڏ انهن جا رشتا ناتا ب دولت جي ڳنڍ ۾ ٻڌل آهن. ٿورڙي ڪاروبار ۾ غلطي سان نه رڳو هي طبقو پنهنجي دولت وڃائي ويهندو آهي پر ان سان گڏ ڪائنس پنهنجن دوستن عزيزن جي سڪ ۽ محبت ب کسجي ويندي آهي، پوءِ تعلقات بس ۾ گڏ سفر ڪندڙ مسافرن جهڙا ٿي ويندا آهن. ويجهو هوندي ب ڏور.

هن طبقي جو فرد هجڻ جي ڪري مون ب دولت ڪمائڻ جي ڊڪ ۾ ڀڄڻ جي ڪيترائي دفعا ڪوشش ڪئي آهي، پر پوءِ جڏهن ب ان جي ويجهو پهچندو آهيان ته مون کي دولت جي ديوي غربت جي ڏاڻ کان ب وڌيڪ پوائتي لڳندي آهي، تڏهن ئي آءُ وڌيڪ اڳتي ڊڪڻ بدران ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪو ڪتاب کولي پڙهڻ شروع ڪندو آهيان، ڪڏهن امر جليل، منٽو يا ڪرشن چندر جون ڪهاڻيون، جن ۾ انسانن سان انهن جي عيبن سميت محبت ڪرڻ جو درس هوندو آهي، ته ڪڏهن غالب، ايان ناصر ڪاظمي ۽ فيض جي شاعري پڙهندو آهيان. جيڪا دل جي ڳل تي پيار سان هٿڙو رکي دلجاءِ ڏيندي آهي.

اوهان بہ جيڪڏهن ڪنهن ڏوڙ کان فرار ٿي هي ڪتاب پڙهڻ وينا آهيو تہ ٿي سگهي ٿو اوهان ڪٿي منهنجي سوچ سان اتفاق نہ ڪيو پر مان اوهان کان والٽيئر جهڙي وڏي دل جي اميد رکان ٿو والٽيئر اڪثر پنهنجن مخالفن کي چوندو هيو تہ

"مان اوهان جي سوچ سان اختلاف رکان ٿو پر مان اوهان جي سوچ جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي زندگي جي آخري گهڙي تائين وڙهندس".

ڪتاب بابت توهان جي رايي ۽ تنقيد جو شدت سان انتظار رهندو.

عبدالرافع شيخ

401_ بلاڪ M، ماڊل تائون ايڪسٽينشن لاهور

موبائيل: 0333_7501345

abdulrafio@hotmail.com

یونیورسټيءِ ګم ټیل ځواب

(ناول)

عبدالرافع شیخ

ان ڏينهن گهر کان ٻاهر قدم رکڻ سان ايئن لڳو جڻ ڪنهن وڏي ٽڪريءَ تان پهريون دفعو اڪيلي سر پرواز لاءِ زمين ۽ آسمان جي لامحدود وسعتن ۾ چڏيو ويو هجان. منهنجي هڪ اک ۾ يونيورسٽي جي آزاد فضائن ۾ شامل ٿيڻ جي خوشي هئي ته ٻي اک ۾ جدائي جي اداسي. گهر کان جدائي جنهن جو ذرو ذرو منهنجي وجود کان آشنا هيو. امڙ کان جدائي جنهن کان هر نماز کان پوءِ مصلي تي پيار ۽ دعا ۾ ويڙهيل مٺي ملندي هئي ۽ بابا کان جدائي، جنهن کي منهنجا سڀ دوست ٽڪما ۽ منهنجو ڪهاڙين ۽ ناول پڙهڻ جو شوق ڏهني عياشي لڳندو هيو.

هڪ نظر گهر جي بند ٽيل دروازي تي وڌم ته محسوس ٿيو جڻ در جي پويان امڙ بيٺي هجي ۽ در ديوارون هوندي به مون کي ممتا جي نظر سان ڏسي رهي هجي. مان به هلڪي مرڪ سان ڪيس دلجاءِ ڏيندي، بيگ کي مضبوطيءَ سان کڻي، پنهنجي سوٽ شاهد سان گڏ هلڻ لڳس. سامان بيگ ۾ رکڻ وقت مون کي خوف ٿيو هو ته ايترو سامان هجڻ ڪري بيگ ڀاڙو ڀُورو ٿي ويندو پر هاڻي مون کي لڳو ته جڻ بيگ ۾ سامان نه پر منهنجا ۽ منهنجي والدين جا خواب هيا. يونيورسٽي ۾ پڙهڻ کان پوءِ هڪ سٺي زندگيءَ جا خواب.

خوابن ۾ ته سڄي ڪائنات سمائجي ويندي آهي پر خواب ڪيڏا نه هلڪا ۽ بي وزن هوندا آهن؟

اسٽاپ تي پهتاسين ته ڪوچ هلڻ لاءِ تيار هئي. ڪوچ تي سفر منهنجي لاءِ نئين ڳالهه ته نه هئي پر هن پيري سفر لاءِ منهنجا احساس مٽجي چڪا هئا. مون سوچيو هيو ته هن سفر ۾ خوبصورت احساس سان گڏ بس ۾ ڪي خوبصورت چهرا به گڏ همسفر هوندا. پر پنهنجين سيٽن تي ويهي جڏهن سڄي بس جو جائزو ورتم ته سخت مايوسي ٿي. اتفاقن سڄي بس ۾ گهٽائي مردن جي هئي ۽ صرف به ڪراڙيون عورتون پوئين سيٽن تي

وينل نظر آيون. هڪ لمحي لاءِ تہ مايوسي ٿي پر جلد ئي هڪ ٻيو خيال آيو. جيئن پاڙي ۾ ڪجھ گھر، ڪرائي لاءِ خالي هجن ۽ اسان سڀن ڪرائيدارن جي اچڻ جي اميد رکندا آهيون. تيئن بس جون ڪجھ سيٽون خالي هيون ۽ مون کي اميد ٿي تہ متان انهن تي ڪي خوبصورت چوڪريون اچي ويهن، جن کي ڏسي دل بي اختيار "سبحان الله" چئي.

گاڏي هلڻ لڳي پر اهي سيٽون ائين ئي خالي رهيون. جلد ئي مان مايوس ٿي پنهنجي سيٽ تي ٽيڪ ڏئي، پنهنجي ذهن کي ڪنهن ناراض ٻار وانگر دلاسو ڏيڻ لڳس.

منهنجا خيال، مون کان اڳ يونيورسٽي پهتا. مان ڪنهن صبح جو تيار ٿي يونيورسٽي ۾ پنهنجي ڪلاس ڏانهن وڃي رهيو هيس، ڪاريڊور جي موڙ تي اوچتو ئي هڪ خوبصورت چوڪريءَ سان ٽڪراءَ سبب هن جا ڪتاب ڪري پيا هيا.

سنهي ڏکڻي قد جي چوڪري، جنهن جون خوبصورت وڏيون اکيون مون کي گھورڻ لڳيون هيون، مون کي ايئن لڳو جڻ چئي رهي هجي.

"توهان جي تعريف؟"

مون سوچيو ڪيس چوان.

"مان آهيان..... توهان جي ضرورت".

اوچتو ڪنڌ تي هلڪي مڪ لڳي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ملهل چوڪري اکين اڳيان غائب ٿي وئي هئي، اکين اڳيان چوسيل انب جهڙي شڪل جهڙو شاهد اچي ويو هيو هن ڪاوڙ ۾ گھوريندي سامهون اشارو ڪيو ڏٺم تہ ڪلينر بينو ٽڪيٽ گھري رهيو هو.

"سائين ٽڪيٽ ڏيڪاريو" ڪلينر مون کي پاڻ ڏانهن ڏسندي يڪدم چيو هو جڏهن ڀالهائي رهيو هيو تہ هن جا اڳيان ٻہ ڏند ائين ٻاهر نڪتا پئي آيا. جڻ اجهو هو اسان جي ڳچي ۾ چڪ هٽي رت پيئڻ شروع ڪندو. مون يڪدم ڪيسي مان ٽڪيٽ ڪڍي هن کي ڏيکاري، خوف کان منهن شاهد ڏانهن ڪري ڇڏيم. شاهد مون کي پاڻ ڏانهن ڏسندي ڏٺو تہ پنهنجي روايتي انداز ۾ تڪڙو تڪڙو ڀالهائيندي چيو.

"ازي بدفضيلتا! اهو ڪهڙو نمونو آهي، گاڏي اڃا هلي مس آهي ۽ تون کونگرا هڻڻ شروع ڪيا آهن، ماٺهو ڪجھ صبر ڪندو آهي".

"اڙي يار! تو سڃو مزو خراب ڪري ڇڏيو اهڙي وي آءِ پي چوڪريءَ جا خيال پئي ڏنا. خبر اٿئي هوءَ مون سان ٽڪرائجي پئي ۽ هن جا ڪتاب ڪري پيا".

مون جوش ۾ هن کي چوڪريءَ جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو. آن‌ءُ ان چوڪريءَ جي تعريف ڪري رهيو هيس جو شاهد وچ ۾ ڳالهائيندي چيو.

"تون ته آهين ئي وائڙو سدائين پيو ماٺهن سان ٽڪرائين. چگو ٻڌاءِ چوڪريءَ جا ڪتاب ڪريا ته تو ڏٺا هن وٽ ڪهڙا ڪتاب هئا؟".

"نه مون خيال ڪو نه ڪيو" مون لاپرواهي مان چيو.

"پلا هوءَ ڪتاب جلدي جلدي ته ڪو نه پئي ڪٽي" هن جاسوسن وانگر سوال ڪيو.

"ها ها جلدي ۾ ڪٽي رهي هئي" مون حيرت مان هن ڏانهن ڏسي چيو "يار توکي ڪيئن خبر پئي".

شاهد مون ڏانهن ڏسي مرڪندي چيو.

"يار تون مڃ نه مڃ پر هن وٽ شادي جي پهرين رات يا شادي کان اڳ ۾ شادي کان پوءِ جهڙا ڪتاب هوندا".

"شٽ اپ يار" مون ڪاوڙ ۾ شاهد ڏانهن ڏسي چيو. هن ته منهنجي خوابن واري حسين چوڪريءَ جو سڃو اميج ئي خراب ڪري ڇڏيو. اها شاهد جي پراڻي عادت آهي، ڇڪي پلي شئي تي گندو تبصرو ڪري موڊ ئي بگاڙي ڇڏيندو آهي.

شاهد منهنجو نه صرف سئوٽ پر ننڍپڻ جو دوست پڻ آهي، عمر ۾ پڙهائي ۾ هو مون کان ٽي سال وڏو ۽ قد ۾ 4 انچ ننڍو آهي، سنهڙو نڪ، تلها چپ، ننڍڙيون اکيون وڏي پيشاني، جيڪا انجنيئرنگ ۾ داخلا کان پوءِ ڏينهون ڏينهن وڏي ٿيندي پئي وڃي، سندس چهري ۾ پرڪشش هن جون ميچون هيون، جيڪي چپ جي مٿان سنهڙي ليڪ وانگر اهڙي طرح سيٽ ڪندو هيو جڙ ڪويلين جي قطار پئي وڃي، طبيعت ۾ باقي ماٺهو پلو هيو. يارن جو يار هر وقت کل ٻوڙ ڪرڻ ۽ مذاق سهڻ وارو.

هو مون سان ڳالهين ڪرڻ جي موڊ ۾ هيو پر منهنجو موڊ اکيون بند ڪري سمهڻ جو هيو مون وري اکيون بند ڪري ڇڏيون، اکين جو بند

ڪرڻ هيو ۽ حسين پري صورت چوڪريون اڳيان ايندڙيون رهيون. گهٽو وقت اڳ اسان کي يونيورسٽيءَ جي معنيٰ ٻڌائي وئي هئي "هڪ اهڙي تعليم گاهہ جت مڪمل آزاديءَ سان خوبصورت چوڪرين سان گڏ تعليم ڏني ويندي آهي ۽ جنهن تعليم کان پوءِ جلدي ماڻهو وڏو ڪاموريا بيورو ڪريٽ ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ سرڪاري گهر، گهر ٻاهران سرڪاري گاڏي ۽ گهر اندر سرڪاري نوڪر چاڪر". ان وقت منهنجي خيالن ۾ گهڙي گهڙي ڪائي نہ ڪائي چوڪري اچي رهي هئي ۽ ساڳيو سوال ڪري رهي هئي.

"رافع توهان جيڪي نوٽس ٺاهيا آهن اسان کي فوٽو ڪاپي لاءِ ڏيندو". ۽ پوءِ هوءَ جيڪا يونيورسٽي ۾ سڀ کان خوبصورت چوڪري هئي، مون ڏانهن آئي ۽ ساڳيو سوال ڪيائين تہ ائين لڳو جڻ هر طرف موسيقي وڄي رهي آ. پر ان موسيقيءَ ۾ اچانڪ جڏهن شاهد جو بي سرو آواز ڪنن تي پيو تہ اک کلي پئي، شاهد ڪاوڙ ۾ ڏسندي چيو.

"يار اٺ ميهڙ اچي وئي هل تہ ٻاهران ميهڙ جا مشهور پڪوڙا ۽ مائو ڪاران۽".

مان بہ وڌيڪ ڳالهين ۾ دير نہ ڪندي هڪدم سيٽ تان اٺيم ۽ شاهد سان گڏ هيٺ لٿم. ٻاهران دڪان تان ايان شيون ونڊي رهيا هئاسين جو ڪوچ جي ڊرائيور هارن ڏيڻ شروع ڪيو. جلدي جلدي دڪاندار کي پئسا ڏئي شيون کنيون گاڏي ۾ چڙهياسين. سيٽ جي پرسان پهتاسين تہ پاڙي وارن سيٽن تي منظر ئي بدليل هيو. پرسان واري سيٽ تي هڪ خوبصورت نوجوان چوڪري ويٺي هئي. زيورن ۽ هٿن ۾ خوبصورت ڊزائن سان لڳل مهندي مان لڳي پئي تہ جڻ هاڻي شادي تي هجيس. هن جي شادي شده هجڻ جو سوچي منهنجي دل مان هڪ ڏڪ جي لهر اٺي. جيڪا هر خوبصورت چوڪريءَ جي شادي ٿيڻ تي گذريل ٻن سالن کان اٽندي آهي. الائي چو جڏهن بہ ڪنهن خوبصورت چوڪريءَ جي شادي جو ٻڌندو آهيان تہ ٿورو ڏک ٿيندو آهي ۽ خيال ايندو آهي تہ ويچاريءَ جي الائي ڪهڙي قسم جي ماڻهو سان شادي ٿي آهي؟ سندس خيال بہ رکندو يا ڪو نہ پوءِ سوچيندو آهيان جيڪڏهن هن جي مون سان شادي ٿئي ها تہ ڪيڏو نہ خيال رکانس ها.

مون وري هن ڏانهن ڏٺو ته خيال آيو جيڪڏهن هن جي شادي ٿيل آهي ته پوءِ هن جو مڙس ڪٿي آهي؟ ايئن ته ناهي هوءَ زبردستي نڪاح ٿيڻ ڪري گهران پڇي اچي هن ڪوچ ۾ ويٺي آهي، پوءِ ته مون کي هن جي مدد ڪرڻ گهرجي. مان اڃا اهو سوچي رهيو هئس، جو هڪ همراهه بوسڪي ڪپڙا ۽ سنڈي ٽوپي پاتل اچي پهتو جنهن کي ڏسي هوءَ چوڪري سري وڃي دري واري سيٽ تي ويٺي مون کي هو همراهه پنهنجي ۽ هن جي وچ ۾ رائين لڳو جڙ ديوار چين اچي وئي هجي، مان اتي بيٺو بيٺو چوڪريءَ کي ڏسي رهيو هئس جو شاهد مون کي سيٽ ڏانهن ڏکو ڏيندي چيو "اڙي ويهه نه پنهنجي سيٽ تي". مان پهرئين سيٽ تي ويهي ٽنگون، پوئتي ڪندي شاهد کي چيو.

"تون دري واري سيٽ تي ويهه، مان هتي ويهندس".

شاهد سيٽ تي ويهندي مرڪندي مون ڏانهن ڏسي آهستي چيائين

"وٽئي ٽي چا؟"

مون کو جواب ڪو نه ڏنو ۽ ان همراهه کي ان اميد سان ڏسي رهيو هيم ته من ٽورو هيڏي هوڏي چري پري ته وري چوڪريءَ جو چهرو ڏسي سگهان. شايد اهو همراهه به منهنجي نظرن کي سمجهي ويو تڏهن هن جي چهري تي ناگوار تاثر اپرڻ لڳا.

"گهٽو هن پاسي نه ڏس ڏي، مڙس نه ڪاوڙجيس". شاهد ڏاڍي آهستي سان چيو، مون يڪدم نظرون شاهد ڏانهن ڦيرائيندي چيم.

"مان هن کي ڪٿي پيو ڏسان".

"نه هوءَ توڏانهن پئي ڏسي"! شاهد ساجي پاسي ڏانهن ڪنڌ لوڏائي طنز مان چيو.

ٽوري دير گذرڻ کان پوءِ مون وري چور نظرن سان هڪ سيڪنڊ لاءِ هن ڏانهن ڏٺو هوءَ ته ڪو نه نظر آئي پر هن جو مڙس ٽوپي لاهي پنهنجا نالي ماتر وار ناهڻ ۾ مصروف هيو مون هن جو اڌ گنجو اڌ بالم مٿو ڏٺو ته ڏاڍو ڏک ٿيو. "چا خوبصورت چوڪري آهي ۽ وري مڙس کهڙو مليو اٿس! ؟ ڏاڍي ناانصافي ٿي آهي ويچاريءَ سان!" اهو سوچيندي منهنجو هٿ پاڻمرادو پنهنجي وارن ڏانهن هليو ويو ۽ مان هٿ جي آڱرين سان وار ناهڻ

لڳس، شايد لاشعوري طور ان وقت مون ان ڇوڪريءَ کي ڏيکارڻ پئي چاهيو ته ڏس هن کي ته وار به ڪونهن، مون کي ته وار به آهن.

ان کان پوءِ سڄي وات مون کي ننڍ ڪونه آئي. ٽوري ٽوري وقفي سان مان هن کي گهڙي پل لاءِ اهڙي طرح ڏسندو رهيس جو هن جي مڙس کي محسوس ئي ڪونه ٿيو ته مان هن جي حورن جهڙي زال کي ڏسي رهيو آهيان. جيتوڻيڪ هن جو چهرو صرف ڪجهه سيڪنڊن لاءِ ڏسڻ لاءِ پئي مليو پر ان کان پوءِ ان کي خيالن ۾ محسوس ڪندي ڪافي منٽ سڌا گذري پئي ويا. وقت جو ڪم ئي گذرڻ هوندو آهي پر جڏهن گاڏي جامشوري پهتي ته ان ڏينهن لڳو جڙ گاڏي ۾ وقت ڪجهه جلدي گذري ويو. مان شاهد سان سامان کڻي ان حسرت سان گاڏيءَ مان لٿس ته شل زندگي ۾ هن ڇوڪريءَ کي وري ڪڏي ڏسڻ نصيب ٿئي. گاڏيءَ مان هيٺ لهڻ سان جامشوري جي تيز هوائن اسان جو استقبال ڪيو. ڦاٽڪ تي ڪافي رش لڳي پئي هئي. هڪ نظر چئني پاسن کان ڦيرائي ڏني ته هر طرف نوجوان ڏسي، لڳو جڙ جواني هن شهر ۾ ئي جنم ونندي آ. جنهن طرف به نظر وئي نوجوان شاگرد جوانيءَ ۾ مست، زندگيءَ جي نواڻ ۾ پريل، ائين لڳي رهيا هئا جيئن ڪنهن باغ ۾ بهار جي مند ۾ رنگ برنگي تتڙيل گل، ڪو برگر ڪٽ وارن ۾ ٽي شرٽ ۾ پنهنجي خيالن ۾ وڃي رهيو هو ته ڪو وري 8 ميٽرن جي ڊگهي ويڪري شلوار پايون، لئي سان وڏن زميندارن وانگر گهمي رهيو هو. مون کي هڪ ڇالهه ياد آئي ۽ مون ڊگهو ساهه کڻي شهر جي خوشبو سنگهڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ دوست مون کي ٻڌايو هيو ته جامشوري ۾ هزارين شاگرد رهن ٿا ۽ هر وقت سوين شاگرد ڪجهه نه ڪجهه لکڻ ۾ مصروف هوندا آهن، پلي اهي سبجيڪٽس جا نوٽس ٺاهيندا هجن يا ڪنهن حسينا ڏانهن پيار پريو ليٽر لکندا هجن پر هت هر سيڪنڊ ۾ ڪجهه نه ڪجهه لکيو ويندو آهي. جنهن جي ڪري جامشوري جي هوائن ۾ هر وقت مس جي مهڪ ضرور محسوس ٿيندي آهي. پر مون کي ته مس جي مهڪ صفا محسوس ڪونه ٿي. ها دونهين جي ڏپ ضرور پکڙيل هئي! مان ڪلهي ۾ ٽيلهو لٽڪائيندو شاهد جي پويان هلندو رهيم.

هڪ هوٽل ۾ اچي ويناسين، هوٽل جو نالو پڙهي مون کي ڪل اچي وئي، "دلبر هوٽل". هوٽل ۾ چئني پاسن کان ڏنم پر ڪو به دلبر جوڙو نظر

.ڪو نہ آيو. سڀ چوڪرا ئي چوڪرا نظر آيا. مون ٽيبل تي رکيل جڳ مان گلاس ۾ پاڻي وجهندي شاهد کان پڇيو.

"سئوٽا هت ڪوئي دلبر ڪو نہ پيو نظر اچي". شاهد هوٽل جي ڪائونٽر ڏانهن وڏين ميڇين واري پوڙهي ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "هي اٽئي چاچو دلبر، هن هوٽل جو مالڪ".

چانهہ جو آرڊر ڏيڻ کان پوءِ شاهد مون کي سمجهائيندي چيو.

"سئوٽا هت ڪنهن کي بہ ايئن محسوس ڪو نہ ڪرائجانءِ تہ تون نئون شاگرد آهين نہ تہ ڏاڍي جٽ ڪندئي، شل نہ سينيئرن کي خبر پوي تہ نئون شاگرد آهي پوءِ تہ ان کي روئاري ئي بس ڪندا آهن. تنهنجي بئچ 94 آهي تون سيني کي ٻڌائجانءِ تہ تون 93 جو شاگرد آهين". شاهد جي ڳالهہ ٻڌي مان ٿورو پريشان ٿي ويس. مون هن ڏي ڏسندي چيو.

"ڪهڙو مذاق ڪندا آهن؟"

.اهو تہ ڊپينڊ ٿو ڪري تہ تون ڪنهن جي ور ٿو چڙهين. جي ڪامريڊن کي هٽ اچي وئين تہ هو داهو دڙڪو ڏيندئي ۽ پوءِ ماني کارائڻ يا چانهہ پيارڻ لاءِ چوندئي، باقي جي عام ڪنهن چوڪرن جي هٽ اچي وئين تہ اهي هر قسم جي مذاق ڪري سگهن ٿا. جيئن پوئين دفعي اسان نون چوڪرن کان بوٽ پالش ڪرايا سين، وري ڪجهہ چوڪرن هڪ چوڪري کي اچي سوڙهو ڪيو تہ تون پينٽ جي هينان اندر ويئر چو ڪو نہ پاتو آهي، توکي خبر آهي تہ هتي نياٽيون بہ پڙهنديون آهن، چوڪرو ويچارو قسم کٽڻ لڳو تہ سائين مون اندر ويئر پاتو آهي پر تيستائين جان نہ ڇڏيائون، جيستائين هن پينٽ لاهي نہ ڏيکاري هن جي پينٽ لاهڻ سان چوڪرن هن جي پينٽ کسي هن کي هن جي روم مان ڪيڏي ڇڏيو ويچارو روم جي ٻاهران ونگ ۾ شرٽ ۽ انڊويئر پائي ڪافي دير روم کلڻ جو انتظار ڪندو رهيو".

"يار اها تہ ڏاڍي زيادتي آهي". مون احتجاجي لهجي ۾ شاهد کي چيو.

"اڙي بابا هت هر شيءِ جائز آهي، ٻڌو نہ اٽئي تہ محبت ۽ يونيورسٽي ۾ هر شيءِ جائز هوندي آهي".

"ايڏا هڪڙي مزي جي ڳالهہ ٿو ٻڌايان". شاهد مون ڏي ڏسندي چيو.

"چوڪرن کي خبر پئي ته هڪڙي ونگ ۾ ڪيترائي نوان شاگرد رهيل آهن. انهن کنڊ ۾ ٺهيل باٿ روم جون سڀ لائيٽون ڪڍي چڏيائون ۽ ليٽرن ۾ رکيل لوٽن ۾ ڪتيل ڳاڙهو مرچ وجهي چڏيائون پوءِ ته جيڪو چوڪرو باٿ روم مان نڪري ته رڙيون لڳيون پيون هجن".

"اف خدايا" مون ٻئي هٿ متي کي ڏئي چڏيا.

بيري جڏهن چانهه ميز تي رکي ته مون چانهه جو ڪپ کڻندي شاهد کان پڇيو". سوٿ سڄ ٻڌائجانءِ تون جڏهن نئون آيو هيئن ته توسان ڪهڙي مذاق ڪيائون؟".

"ها ها ها" شاهد ٺهڪ ڏنو "اسان لڪي هئاسين. اسان کان هڪ سال اڳ ڪجهه چوڪرن ٻن وڏن زميندارن جي ٻارن سان ڏاڍي مذاق ڪئي. ان تي اهي چوڪرا ڪاوڙجي ويا. آخر رئيسائٽا ٻار هئا. هنن ڳوٺان کوڙ ماڻهو گهرايائون ۽ مذاق ڪرڻ وارن کي ٺاهوڪي مار ڪيرايائون. نه ڏنائون ته ڪامريد آهن يا عام چوڪرا. سيني کي سڀي مار ڏيارڻ کان پوءِ يونيورسٽي جو رخ ڪو نه ڪيائون. ا ن کان پوءِ جڏهن اسان جي بئچ آئي ته ڪنهن همت ئي نه ڪئي ته اسان سان مذاق ڪري. ايئن پيارا اسان مذاق بڻجڻ کان بچي ويا سين". شاهد فاتحانه انداز ۾ مسڪرائڻ لڳو.

"تون گهبراءِ نه. مان ڪوشش ڪندس توسان ڪو مذاق ڪو نه ڪري ها. جي ڪنهن ڪامريد جي هٿ چڙهي وئين ته پوءِ ڪجهه ڪو نه ڪري سگهبو". شاهد چانهه جو ڊڪ پريندي چيو.

"يار ڪامريدن جي ايڏي لڙ هوندي آهي چا. ڪامريد ٽبو ڪيئن آهي". مون تجسس مان شاهد کان پڇيو.

"سائين ڪامريدن جي لئي پڻ ئي ڪو نه. جنهن سان وڻين جهڳڙو ڪن. جنهن کي چاهين مار ڪين. چانهه ماني جا پئسا ڪو نه ڏين. ڪپڙا ڏوٻيءَ کان مفت ڏورائين. کين ڪنهن غريب هوٽل واري جي يا ڏوٻيءَ جي همت چا ٿيندي ڪجهه چوڻ جي! انهن کان ته يونيورسٽي جا استادءِ انتظاميه بہ ڊپ کائيندي آهي".

شاهد مون ڏانهن ڏسي چانهه جو آخري ڊڪ پي ڪوپ ميز تي رکندي چيو "ڪامريد ٽيڙ لاءِ توهان ڪنهن سياسي پارٽي جا عهديدار هجو يا ان جي عهديدارن سان اٺڻ ويهڻ هجي. هونئن عام طرح ڪامريد

ٿن قسمن جا هوندا آهن، هڪ لئه باز ڪامريڊ، جن جو ڪم صرف داڀا ڏيڻ هوندو آهي، ٻيا وري مفتي ڪامريڊ هوندا آهن، جيڪي غربت يا ٻي ڪنهن مجبوري جي ڪري ماني ٽڪي مفت ڪائڻ لاءِ ڪامريڊ ٿيندا آهن، ٽيان وري سوشل ڪامريڊ هوندا آهن جيڪي ڪجهه ڪرڻ جي نيت سان ڪامريڊ ٿيندا آهن پر اهي اسان جي يونيورسٽي ۾ نالي ماتر آهن. ڪامريڊ هر قسم جي داداگيري ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن ڪو انهن جي خلاف ايڪشن کڻندو ته ٻيا عهديدار ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرائي ڇڏيندا ۽ پوءِ يونيورسٽي بند".

"پوءِ پلا تون ڪامريڊ ڇو نه ٿئين" مون شاهد کي چيو.

"اسان شريف ماڻهو آهيون، اسان جو ڇا وڃي داداگيرين سان، هونئن به ڪامريڊ سڳورا رڳو عيش ڪو نه ڪندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن يونيورسٽي انتظاميه جي شڪايت تي پوليس به پڪڑي ويندي اٽن پر وري ڪجهه ڏينهن بعد احتجاجي تحريڪن کان پوءِ ڇڏائجي ايندا آهن، اسان جيڪڏهن هڪ دفعو الله نه ڪري جيل وڃئون ته خاندان ۾ ٽرٽلو مچي وڃي، تون ئي ٻڌاءِ ڪهڙي عزت رهندي، ان کان سواءِ مختلف پارٽين جا ڪامريڊ پاڻ ۾ اڪثر وڙهندا به آهن، ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ ٻئي کي سڌيون گوليون به هڻندا آهن. مان جنهن هاسٽل ۾ رهندو آهيان اتي هڪڙي روم ۾ هڪڙي پارٽي جي بن شاگردن کي هڪ ٻي پارٽي جي شاگردن گوليون هڻي ماري ڇڏيو جنهن روم ۾ انهن کي ماريو ويو. ان روم کي هاڻي شهداءِ روم چيو ويندو آهي.

شاهد جي ڳالهه ٻڌي مون کان خوف منجهان سيسرات نڪري ويا.

"يار هي ته ڏاڍو ظلم آهي، پيءُ ماءُ ڪهڙا خواب اکين ۾ سجائي اولاد کي يونيورسٽي موڪلين ٿا ۽ هت انهن جو حشر ڇا پيو ٿئي". مون اداس لهجي ۾ شاهد ڏانهن ڏسي چيو.

"بس ڇا ڪجي" اهو چئي شاهد ڪرسي تان اٽي واڇ ڏسندي چيائين "شٽل اچڻ جو ٽائيم ٿي ويو آهي اٽ ته هاسٽل هلون".

ڪائونٽر تي پئسا ڏيڻ کان پوءِ شاهد مون کي سمجهايو ته هت لوڪل سروس ۾ هاسٽلن کان جامشورو ڏاڪ تائين اچڻ لاءِ يونيورسٽيءَ جون پنهنجون بسون آهن، جن کي شٽل چئبو آهي، جيڪي مختلف ٽائيم

تي هلنديون آهن. باقي حيدرآباد اچڻ وڃڻ لاءِ سنڌ سرڪار جون بسون هلنديون آهن. شاهد جي "سنڌ سرڪار" چوڻ سان ڪجھ تسلي ٿي ته هت پاڪستان يا سنڌ سرڪار آهي ته سهي. نه ته يونيورسٽي جون خوفناڪ ڳالهيون ٻڌي مون کي لڳو هو ته هت رڳو "ڪامريڊ سرڪار" آهي.

ٻاهر روڊ تي ڪوڙ سارا شاگرد شٽل جي انتظار ۾ بيٺا هئا. چوڪرن جو ايڏو وڏو تعداد ڏسي مون شاهد کان پڇيو.

"سوٽ گھٽيون بسيون ايندیون؟"

"هڪ ايندي آهر ڪلاڪ ۾".

"پوءِ ايڏا سارا شاگرد ڪيئن ماپندا؟"

"ڪجھ سيٽن تي ويھندا. ڪجھ سيٽن جي وچ ۾ رستي تي بيھندا ۽ ڪجھ مٿي ڇت تي ويھندا باقي جيڪي بچندا سي يا ته ٽي روپيا ڀري رڪشا ۾ ايندا يا وري ڪلاڪ انتظار ڪندا".

ڪجھ دير کان پوءِ جڏهن شٽل آئي ته توقع مطابق چوڪرا ائين بس ۾ چڙھڻ لڳا جيئن شادي جي ماني ڏانهن مهمان پڃندا آهن. اسان به همت ڪري بس اندر بيھڻ جي جاءِ حاصل ڪري ورتي. سيٽن تي وينل شاگرد اسان ٻيئلن کي اهڙي نظرن سان ڏسي رهيا هئا. جيئن برهمڻ شودرن کي ڏسندا آهن.

هڪ هنڌ جڏهن شٽل بيٺي ته شاهد لهڻ لاءِ چيو شايد اها ئي هاسٽل هئي. سامهون هڪڙي وڏي گيٽ جو ننڍڙو دروازو کليل هيو جت هڪ سپاهي وينل هيو هاسٽل جي بلڊنگ کافي پراٽي هئي. روايتي اٽ ڪلر پتيون تيز نيري ڪلر جا دروازا. جڳھ جڳھ تان ٽٽل فرش. اندر گھڙياسين ته سامهون ڪمرن جي لائين هئي. سڀ ڪمرا جاڙن پائرن وانگر هڪجھڙا پيا لڳن. ڪمرن جي ٻاهران ڪاريدور ٽهيل هئي جنهن جي سامهون اجڙيل باغ هيو ۽ باغ جي هن پاسي وري ڪمرن جي قطار هئي. هيءَ پراٽي ٻه منزلہ بلڊنگ کافي مختلف هئي. ان جديد هاسٽل بلڊنگ کان جيڪا منهنجي تصور ۾ هئي.

هلندي هلندي شاهد هڪڙي ڪمري آڏو بيھي رهيو ڪيسي مان چابي ڪڍي هن روم جو لاڪ کوليو ته اندر وياسين. ننڍڙي روم ۾ ناسي

رنگ جو ڪارپيٽ وڇايل هيو ۽ هڪڙي ڪنڊ ڪان اتر واري پاسي هڪ پلنگ ۽ اولهه طرف ۾ استڊي ٽيبل رکيل هيون جڏهن ته ٻيٽ ۾ هڪ الماري پڻ لڳل هئي.

"ويلڪم ٽو روم نمبر 59 لطيف هاسٽل" شاهد پنهنجو ٽيلهو پلنگ هيٺان رکندي چيو.

آن‌ءُ پنهنجو ٽيلهو شاهد جي ٽيلهي سان گڏ رکي پلنگ تي ليٽي پيس.

"جيڪڏهن فريش ٽيٽو هجئي ته بات روم ٻنهي پاسي ونگ جي شروع ۽ آخر ۾ اٽئي ۽ صابڻ هي سامهون پيو اٽئي". شاهد پلنگ جي پرسان هڪ ننڍڙي ڪارنر ٽيبل ڏانهن اشارو ڪندي چيو جنهن تي ٻن صابڻ داڻين ۾ صابڻ ۽ پيسٽون ۽ برش رکيل هئا. جڏهن ته ان جي مٿان هڪ آئينو لڳل هيو.

مان صابڻ کڻي ڪمرن کان گذرندو آخر ۾ ٽهيل واش روم ۾ آيم. هڪ وڏي ڪمري ۾ ۽ واش بيسن لڳل هيون ۽ انهن جي پويان لائين ۾ چار ننڍا ننڍا ڪمرا ٽهيل هئا. جن ۾ ۽ ٽوائليٽ هئا ۽ ۽ وهنجڻ لاءِ باٿ روم هيا.

مان جڏهن هڪ ٽوائليٽ ۾ ويس ته مون کي فلمن ۾ ڏٺل هندن جو ڪجورا ۾ ٽهيل مندر ياد اچڻ لڳو جنهن ۾ مختلف جنسي عمل ڪندي انسانن جا مجسما ٽهيل آهن. هن ٽوائليٽ جي پٽين ۽ درَوازن تي ڪافي ساريون ننگيون تصويرون ٽهيل هيون. جن ۾ ڪلاڪار مختلف جنسي عملن کي تصوير جو روپ ڏنو هيو تصويرن جي هيٺان ڪافي دلچسپ جملا لکيل هئا. هڪ هنڌ لکيل هو "خبردار تصويرون ڏسي کو غلط ڪم ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندا" جڏهن ته ٻي جڳهه تي تصويرن سان گڏ لکيل هيو "سپ حق ۽ واسطا ٽيڪسٽ بڪ بورڊ وٽ محفوظ آهن". وري هڪڙي پاسي هڪڙن اکرن ۾ لکيل هيو "مهرباني ڪري پنهنجي ڪيل عمل تي پاڻي وجهي ويندا". ان جي هيٺان ئي ٻين اکرن ۾ لکيل هيو "اسان انجنيئر آهيون پنگي کو نه آهيون". وري ان جي هيٺان پهرين اکرن واري جواب ۾ لکيو هيو ته "پوءِ اوهان پاڻ کي صاف ڪرڻ لاءِ ۽ هڪ پنگي ونڊي ايندا ڪريو". مون کي ليٽرن ۾ ٽهيل تصويرون ۽ لکيل جملا

ڏاڍا دلچسپ لڳا. ان ڪري مان اتان نڪري، پر واري ليٽرن ۾ هليو ويس. اهو سوچي ته ڏسان ٻئي ٽوائليٽ ۾ ڪهڙا ڪارٽون ۽ جملا لکيل آهن. هت پينٽر پوري فلم ٺاهي ڇڏي هئي. پهرين تصوير ۾ مرد ۽ عورت کي جنسي عمل ڪندي ڏيکاريو هئائين، ٻي تصوير ۾ ٻار ٽيندو ڏيکاريل هو ٽئين تصوير ۾ ان ٻار کي وڏو ڪري ان کي ماءُ پيءُ سان گڏ ڏيکاريل هو ۽ چوٽين تصوير ۾ اهو ٻار هاسٽل جي ليٽرن ۾ ويٺل ڏيکاريو هئائين. ڪافي دير تصويرون ڏسڻ کان پوءِ مون ليٽرن ۾ رکيل لوٽي جو پاڻي هاري چيڪ ڪيم ته متان ان ۾ ڪجهه وڌل هجي، ان کان پوءِ فارغ ٿي ٻاهر نڪري آيس.

"ايڏي دير خير ته هيو؟" شاهد منهنجي روم ۾ داخل ٿيڻ سان سوال ڪيو.

"ها ٽورڙو استڊي ۾ مصروف ٿي ويس ان ڪري دير ٿي وئي".

"استڊي؟" شاهد تعجب ۾ سوال ڪيو.

"اڙي يار ٽوائليٽ جي پٽين تي ايتريون علمي ڳالهيون لکيل هيون جو لڳي پيو جهڙي نموني ڪتاب مهانگا ٿي رهيا آهن ته اڳتي هلي اديبن کي پنهنجون تحريرون ٽوائيلٽس جي پٽين تي ئي لکرائڻيون پونديون. جيڪي بنا خرچ جي ڇپجن ۽ بنا خرچ جي پڙهجن".

شاهد هڪ وڏو ٽهڪ ڏئي چيو "بات روم مان ته لڳندو ئي ڪو نه ته هتي انجنيئر ٽا رهن".

مون صابڻ ميز تي رکندي چيو.

"مان سوچيندو آهيان ڪنهن معاشري جي ذهنيت سمجهڻي هجي ته اوهان ان معاشري جي ٽوائلٽس کي ڏسو جي صاف هجن ته معنيٰ ماڻهو به جسماني ۽ ذهني طرح صاف آهن ۽ جي گندگي سان پريل هجن ته سمجهو ته ماڻهو به گندگي پسند آهن".

شاهد ڊگهو ساهه ڪڍندي چيو "چگو هاڻي اٺ ته هلون ماني کائڻ".

"ستين بجي ماني؟" مون گهڙي ۾ وقت ڏسندي شاهد کان پڇيو.

"يار هت ڪينٽين تي سادي ستين اٺين بجي کان ڪافي رش ٿي ويندي آهي. هونئن ته به ڪينيٽيون آهن. هڪ سنڌ يونيورسٽي جي بلاڪ هاسٽل تي آهي ۽ ٻي سينٽرل ڪينٽين آهي. پاڻ کي بلاڪ هاسٽل جي

ماني ئي ٽيڪ لڳندي آهي ان ڪري اوڏانهن ئي ٽا هلون".

ڪينٽين ۾ داخل ٿياسين ته تيز هوائن ۾ وڏي آواز سان شمن ميرالي جو گانو ٻڌڻ ۾ آيو. اونهاري جي ڪري باهر، لان جي ڪناري ڪان اٽ ڏهه ٽيبلون رکيل هيون. صرف هڪڙي ٽيبل تي ان وقت چار پنج چوڪرا ماني کائي رهيا هئا، اسان به هڪڙي ٽيبل تي ويناسين. ڪينٽين ۾ شمن ميرالي جو گانو ٻڌي، شاهد شڪر ادا ڪندي چيو.

"جنهن ڏينهن ٽيپ خراب هوندي آهي ته ماني پچائڻ وارو اڏ ڪلاڪ ۾ هڪڙي ماني پچائيندو آهي ۽ شاگرد ماني جو انتظار ڪندا آهن".

بيرو جڏهن آرڊر ونڊ آيو ته شاهد چيس.

"هڪ سبزي، هڪ انڊو".

مان شاهد ڏانهن ٿورو ناراضگي مان ڏسڻ لڳس. جنهن بنا منهنجي پڇڻ جي ته مان چا کائيندس، پنهنجي مرضي سان آرڊر ڏئي ڇڏيو.

"سئوٽ پلا هت سبزي ۽ انڊو هنن جو خاص ڊش آهي چا؟" مون طنزيه لهجي ۾ شاهد کان پڇيو.

"خاص سمجهين يا عام، هت سڄو سال رات جي ماني ۾ سبزي انڊو ۽ دال هوندي آهي. ان ڪري مون اهو آرڊر ڏنو دال ۾ ڪڏهن ڪڏهن پٿر به وڌل هوندا آهن. ان ڪري مان ڪو نه کائيندو آهيان. جي توکي کائڻي هجي ته گريبي ۾ گهرائجان ۽".

شاهد سامهون واري ٽيبل تي ويٽل چوڪرن ڏانهن ڏسندي چيو "هت ٽيڪي تي ماني اڻئي. ستين روپين ۾ جيتري ماني توڙي پاڻي ۽ جي گريبي وڻئي گهرائجان ۽، گوشت مرغي وغيره منجهند جو هوندي آهي. اها نون روپين ۾ هڪ ٻوٽي سان گڏ جيتري رس ۽ جيتري سبزي ماني کائين!".

"پر رات جي ماني ۾ گوشت مرغي چو نه ڪن"

ان کان اڳ جو شاهد منهنجي سوال جو جواب ڏئي هن ڪينٽين ۾ پري کان نون ايندڙ چوڪرن جي ٽولي کي هٿ مٽي ڪري سلام ڪيو ۽ پوءِ مون ڏانهن ڏسندي چوڙ لڳو.

"يار هت اڳ ۾ ئي منجهند جي ويلي تي ڪينٽين وارا دانهن

ڪندا آهن تہ اڏ گوشت مرغيون ڪامريڊ ۽ انهن جا چاڙتا ۽ مهمان بنا پئسي جي ڪائي ٿا وڃن. پوءِ رات جو ڪيئن ڪن، ٻيو وري اسان ٻڌو آهي. خبر نہ آهي صحيح آهي يا غلط تہ يونيورسٽي انتظاميہ بہ ڪينٽين وارن کي جهليو آهي تہ گهٽو گوشت مرغي شاگردن کي نہ ڪارايو انهن جي پڙهائي تي اثر پوندو جيڪڏهن شاگرد گهٽو گوشت مرغي ڪائيندا تہ شادي شده جلدي گهر پڃڻ جي ڪندا ۽ ڪنوارا وري بگڙجي پوندا".

شاهد جي ڳالهہ ٻڌي مون کان ٿهڪ نڪري ويو.

"ان کان سواءِ اسان کي لڳي ٿو تہ انتظاميہ ڪينٽين جي اڻي پر ڪا شيءِ ملائي ٿي، جنهن جي ڪري مون پاڻ محسوس ڪيو تہ جيترو ٽائيم يونيورسٽي پر هوندا آهيون، برا خيال تمام گهٽ ايندا آهن". شاهد تعجب پر چيو.

"سوڻ پوءِ تہ خيال ڪرڻ گهرجي ايئن نہ ٿي جو جڏهن اسين يونيورسٽي کان فارغ ٿيون تہ بلڪل ئي فارغ هجون".

"ها ها ها" منهنجا لفظ ٻڌي شاهد ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳو.

ماني کائڻ کان پوءِ شاهد مون کي ٿوري فاصلي تي ٽهيل يونيورسٽي جي سينٽرل ڪينٽين، جنهن کي شاگرد سي سي سڏيندا آهن، ڈيکارڻ آيو. ڪينٽين پر اينٽرنس وٽ هڪ ڪنڊ کان ننڍڙو جنرل اسٽور هيو ۽ ٻئي طرف ڪينٽين جو ڪچن هيو جنهن کي لوهي گرل هئي، شاگرد پئسا ڏئي ماني کڻائي اندر هال پر ويهي کائي رهيا هئا. هال ڪافي وڏو هيو جنهن پر چئني پاسي ايئرڪنڈيشنر لڳل هيون، جڏهن تہ پتين تي هر پارٽي جا ڪافي پوسٽر لڳل هئا جنهن پر اڪثر پوسٽرن تي مختلف پارٽي عهديدارن کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو لکيل هيو اسين بہ پنهنجي چانهہ ڪنيون هڪ ٽيبل تي اچي ويناسين. ڪينٽين پر ڪافي گوڙ لڳو پيو هيو سئو کان مٿي شاگرد هال پر موجود هئا، جن مان اڪثريت گلاس ٽيبل سان ڪڙڪائڻ پر يا رڙيون ڪري بيري کي سڏ ڪرڻ پر مصروف هئي.

"يار هر طرف مذڪر ئي مذڪر آهن، چوڪريون ماني ڪو نہ ڪائيندیون آهن ڇا؟" مون شاهد کان پڇيو.

"چوڪريون ماني پنهنجي هاسٽل پر ڪائيندیون آهن، سندڙ يونيورسٽي واريون چوڪريون مارئي هاسٽل پر، مهراڻ جو ايلسا قاضي

هاسٽل ۾".

"چا اسان اتي ماني کونہ ٿا کائي سگھون؟" مون شاهد ڏانهن ڏسندي پڇيو". منهنجو مطلب آ ڪينٽين ۾ ته ڪوئي بہ وڃي سگھي ٿو نہ؟"

"افسوس! اهي هاسٽلون صرف ڇوڪرين لاءِ مخصوص آهن. توجهڙا صرف انهن هاسٽلن کي ٻاهران ڏسندا آهن ۽ اندر خيالن ۾ گهمي ايندا آهن". شاهد مرڪندي چيو.

چانهہ پي جڏهن اسان روم تي ويا سين ته شاهد جو پارٽنر بہ ڳوٺان آيل هيو هاسٽل ۾ روم شاهد ۽ ان جي پارٽنر علي جي نالي الاٽ هيو ان کان سواءِ بہ هڪ ٻيو پارٽنر هيو جيڪو صرف نالي ۾ پارٽنر هيو جنهن جي فيس شاهد ۽ علي پريندا هئا. هاسٽل ۾ روم ٽن جڻن کي الاٽ ٿيندو هيو پر اڪثر شاگرد هڪڙو پارٽنر ڪنهن شهر رهندڙ ڇوڪري کي ڪري ان جي فيس پاڻ پريندا هئا ته جيئن بہ جڻا مزي سان رهي سگهن ۽ جيڪڏهن ڪو مهمان وغيره اچي ته مسئلو کونہ ٿئي. علي، شاهد جو ڪلاس ميٽ هيو سندس شخصيت ڪافي نرالي هئي. ڊگهو قد اڇو رنگ، وڏيون مڇون شاهد ٻڌايو هيو ته ڪيس پڙهائي کان سواءِ هر شيءَ ۾ دلچسپي هئي. چرس ۽ پنگ جو نشو باقاعدگي سان ڪندو هيو. اسين جڏهن روم ۾ پهتاسين ته علي ڪيڏانهن وڃڻ جي تياري ۾ هيو هن مون سان هٿ ملائي خيريت پڇا ڪئي ۽ ڪمري مان هليو ويو. شاهد ٻڌايو ته مٽان واري روم ۾ سڀ موالي شاگرد گڏ ٿيندا آهن. جتي پنگ ۽ چرس پيئندا آهن. مون کي اهو ٻڌي ڏاڍي حيرت ٿي ته انجنيئرنگ يونيورسٽي جا شاگرد بہ موالي ٿي سگهن ٿا.

ٿوري ئي دير ٿيندي جو چت مان آواز اچڻ لڳو جڻ مٽين فلور تي ڪا شيءِ ڪٽجي رهي هجي. شاهد مون کي آواز ڏانهن متوجہ ڏسي چيائين "پريشان نہ ٿيءُ. مٽي پنگ گهوٽجي رهي آهي".

مان هن آواز کان پريشان ڪرسي تي ويٺو ڪجهہ سوچي رهيو هيس جو روم جي در تي ڪنهن ناڪ ڪيو. هڪ ڇوڪري اڌ دروازو کولي ٻاهر ٻيني. صرف منهن روم ۾ ڪندي شاهد کي ٻاهر سڏ ڪيو.

"مان ٿوري دير ۾ اچان ٿو". اهي چئي شاهد ان سان گڏ ٻاهر

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

نکري ويو ٿوري دير کان پوءِ وري دروازي تي ناڪ ٿي ۽ ڇهه چوڪرا هڪ ٻئي پٺيان اندر آيا. مان تعجب ۾ هنن ڏانهن ڏسي رهيو هئس پر هو ڏاڍي مزي سان اڇي ڪمري تي قبضو ڪري ويٺا. انهن مان ٻه ڇڪا ڪرسي تي ۽ چار ڇڪا پلنگ تي ويهي رهيا. هڪڙي وڏين مڇين واري مون ڏانهن مصنوعي ڪاوڙ ۾ ڏسندي چيو.

"تہ تون آهين نئون رنگروٽ، نالو ڇا ٿئي؟"

هن جي نئين رنگروٽ چوڻ سان مون کي پڪ ٿي وئي تہ هي سينئر شاگرد آهن. جيڪي ريگنگ لاءِ آيا آهن. مون دل ئي دل ۾ الله پاڪ کان مدد گهري ۽ پاڻ کي دل ۾ چيو "يار رافع هونئن تہ پاڻ کي وڏو سياڻو سمجهندو آهين، هاڻي ڏي منهن تہ خبر پوي".

"ازي ڪامريد جي ڳالهه ڪونہ ٻڌئي ڇا نالو ٻڌاءِ". ڪٽ تي ويٺل هڪڙي ننڍي قد جي شاگرد مون کي خيالن ۾ ڏسي چيو.

"سائين نواب عبدالرافع چانڊيو". مون هروپر وائين ئي چوڪرن تي رعب رکڻ لاءِ ذات چانڊيو ٻڌائي. چو جو اسان جي علائقي ۾ چانڊيا هڪ ڳوري ذات سمجهي ويندي آهي. جڏهن تہ شيخ ڪمزور ۽ ڊڇڪا مشهور آهن.

منهنجي نالي ٻڌائڻ سان ڪٽ تي ويٺل چوڪرا پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا.

تڏهن ڪرسي تي ويٺل وڏين مڇين واري چوڪري مون ڏانهن ڏسندي چيو.

.صحيح پيو ٻڌائين؟ اسان تہ ٻڌو هيوسين تون شاهد شيخ جو مائٽ آهين".

"مائٽ نہ سائين دوست آهيون ۽ ساڳي تر جا پٺ آهيون". مون نماڻي آواز ۾ چيو.

"چانڊيا صاحب هيءَ يونيورسٽي آهي هتي نوابي ماڻهو گهر ڇڏ ايندا آهن، توهان ٻه هت شاگرد آهيو. پاڻ کي شاگرد ئي سمجهو" ٻي ڪرسي تي ويٺل سانوري چوڪري ڪجهه نرم لهجي ۾ چيو.

"جي سائين برابر". مون ڪنڌ لوڏي جواب ڏنو.

"پلا ڪو هٿيار تہ ڪونہ ڪٽي آيو آهين نہ؟" ڪٽ تي ويٺل هڪ ٻئي چوڪري پڇيو.

"نہ في الحال نہ، بابي تہ ڏنو پئي پر مون سوچيو پهرئين هاسٽل جو ماحول ڏسي اچان، سائين چاهي جو اسان جون ڪافي دشمنيون آهن، ان ڪري پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿيار تہ ٻار ٻچو ٻہ رکندو آهي".

ڪٽ تي وينل چوڪرا هاٿي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ بدران ڪرسي تي وينل چوڪرن ڏانهن ڏسڻ لڳا. ڪجهہ دير چپ رهڻ کان پوءِ ڪرسي تي وينل سانوري چوڪري مون ڏانهن ڏسندي چيو.

"چانديا صاحب مهمان توهان وٽ آيا آهن، ڪا خدمت چاڪري ڪو نہ ڪندوءِ" هن جو لهجو هاٿي دوستاڻو هيو.

"سائين مان تہ نئون آيو آهيان ڪا شيءِ ورتي ڪونهي، باقي شاهد جي ٽيلهي ۾ بسڪيٽ ءِ ٻيون شيون پيون آهن جنهن کي تالو لڳل آهي".

ڇهہ ئي ڇٽا هڪ ٻئي کي مايوسي ۾ ڏسندي اٿي بيهي موڪلائڻ لڳا. مان هنن کي ٻاهر ڪڍي روم بند ڪري شڪر الحمدالله پڙهي ڪٽ تي ليٽي پيم.

روم جو دروازو ڪلڻ جو آواز آيو مون اکيون کوليون تہ مٽان شاهد بينو ڪلي رهيو هيو.

"ڏاڍو سوئر آهين هنن کي وري ٻڌايو اٿئي تہ چانديو نواب آهين".

"يار سيلف ڊفينس ۾ سپ جائز هوندو آهي" مون اتي ئي ليٽي جواب ڏنم. ڪجهہ ئي دير ۾ مون کي ننڊ اچي وئي.

صبح جو الارم وڄڻ لڳو تہ شاهد ءِ مان يڪدم اٿي ويناسين جڏهن تہ علي پاسو ورائي سمهي پيو شاهد، علي جي ڪليل وات ڏانهن ڏسندي چيو "لڳي ٿو اڄ ٻہ آخري ڪلاس ۾ ايندو".

شاهد ءِ مان پنهنجا پنهنجا برش، پيسٽ ءِ صابڻ ڪٽي ٽوائليٽ جو رخ ڪيوسين، ٽوائليٽ ۾ ويگن استيندڙ جهڙي رش لڳي پئي هئي، ٻن واش بيسن تي ٻہ ڇٽا بينا ڏاڙهي لاهي رهيا هئا، جڏهن تہ انهن جي پاسي ۾ ڄار ڇٽا برش ڪري رهيا هئا، انهن مان هڪڙو ايڏو زور سان برش سان ڏندن کي مهٽي رهيو جڙ سالن جي مير جميل هجيس، وري هڪڙو برش کي وات ۾ وجهيون ڪنهن سوچ ۾ گم هيو يا شايد ننڊ اچي رهي هيس. ٻئي ٽوائليٽ ءِ باٿ روم نہ صرف پريل هئا پر هر هڪ جي ٻاهران ٻہ ٻہ ڇٽا بينل

ڏسي اندازو ٿي ويو ته اسان جو وارو ڪافي دير سان ايندو. شاهد ۽ مان بہ پنهنجا برش ڌوئي ان تي پيسٽ رکي ڏندن کي صاف ڪرڻ ۾ لڳي وياسين. باٿ روم جي ٻاهران اچو ٽوال ڏکيل چوڪري ٻئي کي ٻڌائيندي چيو. "خبر اٿئي اندر ڪير آهي؟".

"ڪير آهي؟" پرسان نيري ٽوال اوڙهيل چوڪري اکين مان چپيون ڪيندي پڇيو.

"فياض ميمڻ اٿئي" هن پر جوش لهجي ۾ چيو.

"پوءِ ٿي وڃي" اهو چئي ٻئي هڪ ٻئي کي اک هٽي. باٿ روم جي دروازي تي زور سان ناڪ ڪري، ڏکي اچي واش بيسن وٽ اسان سان گڏ بيهي رهيا. ٿوري دير ۾ باٿ روم مان پاڻي ۾ پگهل، هڪ صفا ننگو چوڪرو نڪري پيڙ لڳو.

"ادا ڪنهن دروازو کڙڪايو ڪنهن کي تڪليف آهي؟"

اچي ٽوال وارو جيڪو اسان جي پرسان ئي بينو هيو تنهن ان ننگي چوڪري کي غور سان ڏسندي چيو.

"يار پلمبر هيو چيڪ ڪرڻ آيو هيو ته پاڻي صحيح اچي رهيو آهي يا نہ مون جڏهن ٻڌايومانس ته پاڻي ٺيڪ ٿو اچي ته هليو ويو. توهان وهنجو آرام سان".

"هاڻي وري چا وهنجان سجو ٽيمپو ئي ٽٽي ويو". اهو چئي اهو ننگو چوڪرو دروازي ۾ لٽڪندڙ ٽوال کڻي ان کي ٽنگن ۾ پيٽ تي ٻڌي ٽوائليٽ مان نڪري ويو. مون کي ان چوڪري جي بيباڪي ۽ بي حيائي ڏاڍي عجيب لڳي. جيئن ئي باٿ روم خالي ٿيو نيري ٽوال وارا ٻئي چوڪرا گڏ هڪ ئي باٿ روم ۾ هليا ويا، ٻڙ جٽن کي گڏ اندر ويندو ڏسي لڳو جڙ مان يورپ ۾ اچي ويو آهيان.

ساڍي اٺين بجي تيار ٿي مهراڻ يونيورسٽي جي ڪينٽين تي پهتاسين. ڪينٽين صفا سنڊ يونيورسٽي جي سينٽرل ڪينٽين جهڙي هئي. بس ان کان ڏيگهہ ۾ ٿوري ننڍي ۽ حالت ۾ ٿوري ڇڳي. وڏي هال ۾ ٻنهي پاسن کان صوفي جهڙيون بئنچون رکيل هيون جن جي وچ ۾ ٽيبليون هيون. هال جي هڪڙي پاسي کان هڪ ڏاڙهي سان همراهہ چڙيا گهر جي پنجري وانگر لوهي گرل جي پويان وينو چوڪرن کان پئسا ونڊي مانيءَ ڇانهہ ڏئي

رهيو هيو اتي هڪڙي ڪنڊ واري ٽيبل تي ويهي بيري کي سڏ ڪري ٻن آملیٹن جو آرڊر ڏنوسين. بيري جڏهن اسان جي اڳيان ناشتو رکيو تہ شاهد ناشتي ڏانهن ڏسندي چيو.

"سئوٽ هيءَ امداد جي ڪينٽين اٿئي. هن ڪينٽين جي ماني جنهن هضم ڪري ورتي. ان ۾ اها خوبي اچي ويندي آهي جو زندگي ۾ ڪٽي ٻہ هليو وڃي. ڪهڙي ٻہ ماني اڳيان رکندس. منٽن ۾ لکڻ هضم پٽر هضم".

ناشتو ڪرڻ کان پوءِ شاهد مون کي منهنجي ڪلاس جو رستو سمجهائي پاڻ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ڏانهن هليو ويو. مان شاهد جي ٻڌايل رستي تي وڃي رهيو هئس منهنجي پرسان ٻہ چوڪرا ڪتاب هٿ ۾ ڪنيون وڃي رهيا هئا. مون کي لڳو تہ هي ٻہ ساڳي ڪلاس ۾ وڃي رهيا آهن. ان ڪري مان ڪنفرم ڪرڻ لاءِ انهن جي پرسان اچي هلندي هلندي پڇيم.

"ادا توهان ٻہ 94 سول ۾ پڙهي رهيا آهيون".

هو پهريون تہ مون کي ٻيهي پير کان مٿي تائين غور سان ڏسڻ لڳا پوءِ هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندي مرڪندي چيائون "نہ اسين 91 ٻئچ جا آهيون". اهو چئي هنن وري هلڻ شروع ڪيو اسان اڳتي وڌي رهيا هئاسين جو پويان کان ٽڪ ٽڪ کندي هڪ ننڍڙي قد واري چشمو پاتل چوڪري اسان کي ڪراس ڪندي تڪڙو تڪڙو اڳتي وڃڻ لڳي. هن چوڪريءَ کي ويندو ڏسي انهن ٻن چوڪرن مان هڪ سيٽي وڄائي "چراڪي دل ميرا گوريا چلي" سر ۾ چيو. اهو چئي ٻئي ڇڙا هڪ ٻئي ڏي منهن ڪري ايئن ٻيهي رهيا جڙ هو اتي ڪافي دير کان ٻينا ڳالهائي رهيا هجن جڏهن تہ چوڪري سيٽي ٻڌي هڪدم اتي ٻيهجي وئي. هن جڏهن پوئتي ڪاوڙ ۾ ڏنو تہ اتي ان وقت هن جي پويان مان اچي رهيو هئس. مون هن کي پاڻ ڏانهن ڪاوڙ ۾ ڏسندي ڏنو تہ مان اڳتي وڌڻ بدران اتي ئي ٻيهجي ويس. هوءَ مڙي منهنجي پرسان آئي ۽ ڪاوڙ ۾ ڳالهائيندي چيائين.

"توکي شرم نہ ٿو اچي چوڪرين کي تنگ ٿو ڪرين. تنهنجي پنهنجي ماءُ ڀيٽ ڪونهي. ڪنهن توکي عورت جو احترام ڪرڻ نہ سيکاريو آهي. شرم اچڻ گهرجي توکي. تو جهڙن چوڪرن جي ڪري چوڪرين جو پڙهڻ تہ چا پر گهر کان نڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. تو چا

سمجهو؟ مان عام چوڪرين وانگر تنهنجي بدتميزي چپ چاپ برداشت ڪندس. مسٽر! جي تون آئنده اهڙي ڪا بدتميزي مون سان يا ڪنهن بہ چوڪريءَ سان ڪئي تہ يونيورسٽي ۾ تون رهندين يا سماني قاضي رهندي".

"مس مون نہ..... مون نہ..... هو" مون هُن کي حقيقت ٻڌائڻ چاهي پر منهنجي زبان بيوس ٿي وئي هئي تڏهن ئي مون هٿ جي اشاري سان هن کي اصل چوڪرن ڏانهن اشارو ڪري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن جڏهن منهنجي هٿ جي طرف ڏٺو تہ اتي بينل ٻئي چوڪرا ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا پر جڏهن هنن هن چوڪريءَ جو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو چهرو ڏٺو تہ هڪدم کل رڪجي وين ۽ تڪڙا تڪڙا قدم وڌائيندا اتان هليا ويا. مون سمجهيو تہ هاڻي هن چوڪريءَ کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيندو ۽ مون کان معذرت ڪندي پر هوءَ بنا ڪجهہ چئي اتان هلي وئي. مان بہ ٽڪل قدمن سان آهستي آهستي ڳولهيندو ڳولهيندو ڪلاس ۾ پهچي ويس.

ڪلاس ۾ اڃان استاد ڪو نہ آيو هيو جنهن جي ڪري ڪافي گوڙ لڳو پيو هيو ڪجهہ چوڪرا ٻئنچن تي وينا ڪچهري ۾ مصروف هئا ۽ ڪجهہ بينچ بيني حال احوال ڪري رهيا هئا. هڪڙو چوڪرو بورڊ تي لکي رهيو هيو "ويلڪم ٽو سول 94" مان چپ چاپ هڪڙي وڏي ڊيسڪ جي ڪنڊ کان ويهي رهيس. ڪلاس ۾ بن لائينن ۾ ڇهہ وڏيون ڊيسڪون هڪڙي پاسي ۽ ڇهہ ڊيڪسيون ٻئي پاسي رکيل هيون وچ ۾ رستو هيو هر ڊيسڪ تي پنج چوڪرا ويهي پئي سگهيا. مان ان وقت ڊيسڪ تي وينو ان چوڪريءَ جي باري ۾ سوچي رهيو هئس. جنهن پهرئين ڏينهن ئي منهنجو پٽڪو لاهي ڇڏيو. منهنجي ذهن ۾ هن جا لفظ هٿوڙي وانگر لڳي رهيا هئا. هن جو نالو منهنجي ذهن ۾ اچڻ سان منهنجي طبيعت ۾ اهڙي تہ ناگواري اچي رهي هئي جيئن آمريڪا يا اسرائيل جي حڪمران جي نالي سان ڪنهن ملان جي طبيعت ٿي ويندي آهي. مان پنهنجي سوچن ۾ اهڙو تہ گم هيم جو استاد جي اچڻ جي خبر ئي ڪو نہ پئي. جڏهن ڪلاس ۾ هڪدم خاموشي ٿي وئي تہ مون سامهون ڏٺو بورڊ جي پرسان ڪلين شيو نوجوان عينڪ پاتل بينو اسان ڏانهن ڏسي رهيو هيو ڪلاس ۾ مڪمل خاموشي

ٽيڻ تي هن پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو تہ هو يونيورسٽي ۾ ليڪچرار آهي ۽ اسان کي ڇهن مهينن تائين انجنيئرنگ ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل لوهہ سيمينٽ سرن بابت پڙهائيندو.

هن پنهنجو تعارف ڪرائڻ کان پوءِ سيني چوڪرن کي واري واري سان تعارف ڪرائڻ لاءِ چيو اڄا پهرين بئنچ تي ويٺل چوڪري تعارف ڪرائڻ لاءِ وات کوليو مس تہ استاد کان اجازت وٺي چار چوڪريون ڪلاس ۾ داخل ٿيون، تقريبن سيني ڏيسڪن تي ٻہ ٻہ ٽي ٽي چوڪرا ويٺا هئا، چوڪريون هر هر ڪڏهن شاگردن ڏانهن ڏسي رهيون هيون تہ من ڪو انهن مان ڏيسڪ خالي ڪري ۽ ڪڏهن استاد ڏانهن ڏسي رهيون . استاد پاڻ ڏانهن چوڪرين جون التجائي نظرون ڏٺيون تہ هن اڳين ڏيسڪ تي ويٺل ٽن چوڪرن کي ڏيسڪ چڏي ڪري پوئين ڏيسڪ تي ويهڻ لاءِ چيو پر انهن مان هڪڙي چوڪري ٻيهي استاد کي چيو.

"سر اسان جي معاشري ۾ عورتون آخر اها ناانصافي ڪيستائين ڪنديون، هڪ طرف تہ هو گوڙ ڪنديون آهن تہ اسان کي مردن جي برابر حق ملن، ٻئي پاسي وري هو اسان سان گڏ ويهڻ کو نہ ٿيون چاهين، يونيورسٽي جي داخلا هجي يا نوڪري جو انٽرويو عورتون برابري جي بنياد تي پهچي ويندیون آهن، باقي بل جمع ڪرائڻ لاءِ قطار ۾ ڪو نہ بيهندیون، بس ۾ سفر ڪرڻ وقت ويهي سفر ڪرڻ پنهنجو ازلي حق تصور ڪنديون، سر عورتن کي جي اسان جي برابري ڪرڻي آهي تہ اسان سان هر هنڌ برابري وارو سلوڪ ڪن، اسان جي ڏيسڪن تي ٻن ڇڻن جي گنجائش آهي جي هو اسان سان ويهڻ چاهين تہ موسٽ ويلڪم".

"ياءِ ٽورو سري ويهہ". هن چوڪري ٻين چوڪرن کي پنهنجو ويجهو ويهڻ لاءِ چيو تہ جيئن چوڪرين لاءِ ڪافي جڳهہ ٿئي.

چوڪري جو جواب ٻڌي هر هڪ شاگرد ان ڏانهن ايئن تعريفي نظرن سان ڏسي رهيو هيو ڄڻ هو انهن جي جذبن جي عڪاسي ڪري رهيو هجي، مون ان چوڪري کي جڏهن غور سان ڏٺو تہ هن جو ڏگهو قد، هلڪيون مڇون جيڪي صرف پاسن کان هيون ۽ وچ تي اڄا کو نہ جميون هيون ۽ پتڪڑين اکين مان هو ايڏو سياڻو کو نہ پئي لڳو جهڙيون ڳالهيون ڪيون هئائين.

استاد پهرئين چوڪرين ڏانهن ڏٺو جيڪي ڪاوڙ ۾ ان چوڪري ڏانهن ڏسي رهيون هيون. پوءِ ان چوڪري سان مخاطب ٿيندي ٽڏو ساهه ڪڍندي چيائين.

"ادا توهان بلڪل صحيح تا چئو ته عورتون اسان سان ڏاڍيون ناانصافيون ٿيون ڪن پر هي عورتون نه چوڪريون آهن. توهان مهرباني ڪري هنن کي ڊيسڪ خالي ڪري ڏيو".

استاد جيئن ئي ڳالهائڻ بند ڪيو ته صفا پوئين ڊيسڪ تان ڪنهن چوڪري شرارتي لهجي ۾ چيو.

"سائين غور سان ڏسو چارئي عورتون اٿئو!".

پويان آيل جملي چوڪرين کي ويتر ڪاوڙ ڏياري چڏي تڏهن انهن مان هڪ چوڪري جيڪا پنهنجي ڊگهي قد جي ڪري چوڪري گهٽ ۽ عورت گهٽي پئي لڳي. خالي بئنچ تي بلڪل آخري ڪنڊ ڪان ائين اچي ويٺي جو ٿورو وڌيڪ سرڻ سان هيٺ اچي ڪري پئي ها. چوڪريءَ کي اهڙي اٽائي سان ويٺل ڏسي ڊيسڪ تي ويٺل ٽئي چوڪرا اٿي وڃي پوئتي ويهي رهيا. تڏهن استاد جي پرسان بينل باقي ٽي چوڪريون تڪڙا تڪڙا قدم ڪڍنديون اچي پهرين ڊيسڪ تي ويهي رهيون.

استاد جڏهن تعارف ڪرائڻ لاءِ چيو ته سڀ کان پهرئين چوڪرين کي موقعو مليو. سڀ کان پهرين چوڪري جيڪا ننڍي قد سان ننڍين اکين واري گول مٽول جٽ چيني يا جاپاني هجي پنهنجو نالو شازيہ ٻڌايو. ان کان پوءِ وچولي قد سان اچي رنگ هجڻ باوجود طوطي وانگر نڪ هجڻ جي ڪري بي ڪشش چوڪري پنهنجو نالو ماريہ ٻڌايو. وري ٽيون نمبر چوڪري جيڪا سانوري ڪلر هجڻ جي ڪري ڳاڙهي لباس ۾ عجيب پئي لڳي تنهن پنهنجو نالو ثريا ٻڌايو. جڏهن ته آخر ۾ ويٺل عورتن جهڙي ڊگهي ۽ موٽي چوڪريءَ پنهنجو نالو ثناءِ ٻڌايو. ڪلاس ۾ چارئي چوڪريون قبول صورت ڏسي ٿورو افسوس ٻ ٽيو ۽ ٿوري خوشي ٻ ٽي. افسوس ان ڪري ٽيو جو جيڪو سوچيو هيو ته يونيورسٽي ۾ گڏ خوبصورت چوڪريون پڙهنديون. پهرئين هيلو هاءِ پوءِ دوستي ۽ ان کان پوءِ محبت ٿيندي. اهو هاٽي هيلو هاءِ تائين ٽي ختم ٿيندو نظر اچي رهيو هيو. جڏهن ته خوشي ان ڳالهه جي هئي ته اميءَ جي مرضيءَ مطابق هاٽي پيار محبت کان پري صرف

پڑهائي تي توجهه رهندي هونئن به صبح واري مس سماني کان بي عزتي کان پوءِ يونيورسٽي جي چوڪرين کان ٿورو ڊپ لڳي رهيو هو.

چوڪرين کان پوءِ چوڪرن تعارف ڪرائڻ شروع ڪيو. جڏهن ان پتڪڑين اکين واري سياڻي چوڪري تعارف ڪرايو ته سڀ ان ڏانهن غور سان ڏسي رهيا هئا. هن پنهنجو نالو محمد شفيق عالماڻي فرام حيدرآباد ٻڌايو ۽ جڏهن منهنجو وارو آيو ۽ مون عبدالرافع شيخ فراهم شهدادڪوٽ ٻڌايو ته استاد کي نالو سمجهه ۾ ئي ڪونه آيو. هن وري ٻڌائڻ لاءِ چيو مون جڏهن وري ٻڌايو ته هن نالو غور سان ٻڌي ڪنڌ لوڏي چيو "اوڪي مسٽر عبدالراشد". مون کي ان وقت نه صرف اميءَ جو مرحوم ڏاڏي تي ڪاوڙ اچي رهي هئي، جنهن منهنجو نالور ڪيو هيو پر ان سان گڏ يونيورسٽيءَ ۾ پهريون استاد ئي ايڏو سمجهه وارو ڏسي ٻين استادن جي عقل بابت به ڪٿتي ورائي وئي.

ڪلاس ۾ واري واري سان چوڪرا پنهنجو تعارف ڪرائيندا رهيا. مون کي لڳو ته ٻيا چوڪرا به مون وانگر تعارف ان ڪري غور سان ٻڌي رهيا آهن ته متان ڪو ڪلاس ۾ ڪونائي نڪري پئي. ان وقت اوچتو چوڪرا ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳا جڏهن هڪ شاگرد پنهنجو تعارف انجنيئر قمرالزمان وگهيو فرام شاهاڻي محلا دادو ڪرايو.

هن جو تعارف ڪرائڻ هيو ۽ پويان چوڪرن جا آواز اچڻ شروع ٿي ويا.

"ياءِ گهر نمبر به ٻڌاءِ....."

"شاهاڻي محلو ايڏو پلو آهي چا؟"

"شاهاڻي محلي ۾ ڪهڙي فٽ پاٽ تي؟"

"منظور سخيراڻي جي گهر کان ڪهڙي طرف؟"

چوڪرو ويچارو شاهاڻي محلو ٻڌائي ڦاسي ويو.

جڏهن تعارف ختم ٿيو ته دوستاڻي انداز ۾ استاد شاگردن کان پڇيو.

"اڄ پلا حال احوال ۾ ئي ليڪچر پورو ڪندو يا پڙهڻ جو موڊ به آهي؟".

چوڪرين جي ٻئي پاسي اڳين بئنچ تي ويٺل هڪ شاگرد چيو.

"سائين اڄ پهريون ڏينهن آهي، ان ڪري صرف حال احوال ٽيڻ گهرجي ته جيئن هڪ ٻئي کي سمجهي سگهون. وڌيڪ جيڪا سنگت جي صلاح". لفظ "سنگت" چوندي جڏهن چوڪري چوڪرين جي طرف ڏنو ته ڪلاس ۾ ٽهڪ گونجڻ لڳا.

استاد به سمجهي ويو ته شاگردن جو اڄ پڙهڻ جو موڊ بلڪل ڪونهي تڏهن اسان سان مخاطب ٿيندي چيو.

"توهان سڀ واري واري سان ٻڌايو ته انجنيئر ٿيڻ چو ٿا چاهيو؟"

"مان درياءَ جي پاسي ۾ ٻيون نمبر ڊيسڪ تي ويٺو هيس. مون کان پهرين تقريبن پندرنهن سورنهن چوڪريون چوڪرا هيا ان ڪري مون وٽ ڪافي وقت هيو سوچڻ لاءِ ته مان انجنيئر چو ٿيڻ چاهيان. پهرئين ته ڪجهه شاگردن روايتي جواب ڏنو ته سائين ملڪ جي خدمت لاءِ يا ڪنهن چيو سائين انجنيئر ملڪ جو معمار آهي. ملڪ ۾ سڀيون سڀيون بلڊنگون روڊ پليون ٺاهيندو آهي، ان ڪري اسين به انجنيئر ٿيڻ ٿا چاهيون. جڏهن انجنيئر قمرالزمان وگهيو فرام شاهاٽي محلا دادو جو وارو آيو ته ان ڏاڍو دلچسپ جواب ڏنو هن چيو.

"سائين منهنجو پيءُ ۽ منهنجو چاچو گڏ پڙهندا هئا پر اتفاق سان منهنجي چاچي جي انجنيئرنگ ۾ داخلا ٿي وئي ۽ هو انجنيئر ٿي ويو جڏهن ته منهنجي پيءُ جي داخلا کو نه ٿي سگهي ۽ هن دڪان کوليو اڄ منهنجي چاچي وٽ انجنيئر ٿيڻ جي ڪري ڪافي ڏوکڙ آهن ۽ هو اسان کان رهٽي ڪرٽي ۽ اٽڻ ويهڻ ۾ به ڪافي اڳتي آهي. ان جي ڪري ئي منهنجي پيءُ مون کي انجنيئر بڻائڻ چاهيو ته هن کان ته منهنجو چاچو گوءِ ڪٽي ويو پر مون کان منهنجا سئوٽ اڳتي نه نڪري وڃن".

استاد قمرالزمان جو جواب ٻڌي مرڪندي هن کان پڇيو.

"تنهنجو سئوٽ چا ٿو پڙهي؟"

"سائين هن پڙهائي ڇڏي بزنس شروع ڪيو اهي" قمرالزمان استاد ڏانهن ڏسي چيو.

"پوءِ ته لڳي ٿو هن پيري وري تنهنجو سوٽ توکان گوءِ ڪٽي ويندو چو جو اڳئي زمانو انجنيئرن جو هيو هاٽي ته ڪاروبار جو دور آهي". استاد جو جواب ٻڌي قمرالزمان جي چهري تي مايوسي اچي وئي.

چوڪرا واري واري سان پنهنجو پنهنجو جواب ٻڌائي رهيا هئا پر مون کي ايڏا تائين سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مان کهڙو جواب ڏيان. ڪڏهن سوچيم چوان انجنيئر ٿيڻ پيو چاهيان عزت جي لاءِ. ڪڏهن سوچيم ته چوان دولت لاءِ. جڏهن ڪنهن جواب تي متفق ڪو نه ٿيس ته مون اکيون بند ڪري پنهنجو پاڻ کان وري پڇيو ته انجنيئر ڇو پيو ٿيڻ چاهيان. جڏهن منهنجي پر وارو چوڪرو جواب ڏئي ويهي رهيو ته مان جواب ڏيڻ لاءِ اڳي بينئر پر ڪو جواب سمجهه ۾ نه اچڻ جي ڪري خاموش رهيم. ڪجهه سيڪنڊ خاموش رهڻ کان پوءِ اچانڪ مون کي هڪ شرارتي جواب ذهن ۾ اچي ويو مون استاد ڏانهن ڏسندي چيو.

"سائين اصل ۾ اسان جي برادري ۾ هر سڀ چوڪريءَ جي رشتي لاءِ ان جا مالڪ ڏسندا آهن يا ته چوڪرو ڊاڪٽر هجي يا انجنيئر. ان ڪري مون وٽ اهي به ڇوائس هيون. رهيو سوال ته مان ڊاڪٽر ڇو نه ٿيس ته ان جي وجهه اسپرٽ جي بوءِ آهي. مون کي اسپتال ۾ موجود اسپرٽ جي بوءِ ۾ چڪر ايندا آهن".

منهنجو جواب ٻڌي ڪلاس ۾ ويٺل ڪافي چوڪرا کلڻ لڳا پر منهنجي جواب کان وڌيڪ پويان ڪنهن جي ان چيل جملي تي وڌيڪ ٽهڪ گونجڻ لڳا ته اسپتال ۾ صرف اسپرٽ جي بوءِ نه پر خوبصورت ڊاڪٽرياڻين ۽ نرسن جي خوشبو به هوندي آهي.

جڏهن شفيق عالماڻي جو وارو آيو ته ڪلاس ۾ مڪمل خاموشي ڇائنجي وئي. ائين لڳو جڙ هر شاگرد هن کي ٻڌڻ پيو چاهي. هن پنهنجي جواب ۾ چيو.

"سائين اسان کي ننڍپڻ کان اهو ٻڌايو ويو آهي ته ڏرتي به انسان جي ماءُ هوندي آهي ۽ مان جڏهن به ڪنهن روڊ ڪنهن پل يا ڪنهن بلڊنگ کي ڏسندو هيس ته ائين لڳندو هيو جڙ اهي منهنجي ماءُ جا زيور آهن پر مون کي اڪثر مايوسي ٿيندي هئي. اهي زيور ڏسي ائين لڳندو هيو جڙ ڪنهن سوناري انهن ۾ سون جي بدران پتل ملايو هجي. اڪثر پليون. رستا. بلڊنگيون جيڪي منهنجي ماءُ جي سيني تي ناهيون ويندیون آهن. ا جا ڏهندیون مس آهن ته ڀڃڻ شروع ٿي ويندیون آهن. مون کي انهن سونارن تي ڪاوڙ ايندي آهي. جيڪي ماءُ سان به بي ايمانيءَ مان نه ٿا مڙن. تنهن

ڪري مون اهو پڻ ڪيو ته پنهنجي ڌرتي ماءُ کي مان زيورن سان سينگاريندس، اهڙيون عمارتون ناهيندم جو دنيا ڏسندي ته ڏندين آڱريون اچي ويندن".

عالماڻي جو جواب ٻڌي اڪثر چوڪرن جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. ائين پئي لڳو جڻ اهي چوڪرا چئي رهيا هجن ته اسان به مستقبل ۾ هڪ سڻا سونارا ٿي ڏيکارينداسين. اڃا هڪ به چوڪرا جواب ڏيڻ لاءِ رهن پيا جو ڪلاس جي دروازي تي هڪ ٻيو استاد پهچي ويو يونيورسٽي ۾ گهنڊ وڄائڻ جو سسٽم ڪو نه هيو استاد وقت جي حساب سان پاڻ ئي ڪلاس ۾ پهچي رهيو هو ٻئي استاد کي در تي ڏسي استاد جلدي جلدي ۾ اسان سيني جي حاضري پيري اسان کي نئين استاد جي حوالي ڪري پاڻ ڪلاس مان نڪري ويو.

نئون آيل استاد وچولي عمر جو هيو سندس ڪاري ڏاڙهي ۾ ڪٽي ڪٽي اڇو وار نظر اچي رهيو هيو. هو پنهنجي ڏاڙهي، موٽي جسم ۽ اڏ گنجي مٿي جي ڪري 45 يا 50 سالن جو لڳي رهيو هو. پر مون جڏهن ان کي غور سان ڏٺو ته هو مون کي 40 کان به گهٽ جو محسوس ٿيو. ان استاد کي اسان کي مئٽس پڙهائڻ جو شرف حاصل ٿيل هيو. روايت موجب هن استاد به سيني شاگردن کي مختصر تعارف ڪرائڻ لاءِ چيو پنجن منٽن ۾ سيني شاگردن پنهنجو تعارف ڪرائي ڇڏيو ته ان کان پوءِ ٻين پنجن منٽن ۾ استاد سبجيڪٽ بابت ٿوري جاڻ ڏني ته ڪهڙا عنوان اٽس ۽ اسان کي اهو ٻڌائي ڏيڃاري ڇڏيائين ته هي سبجيڪٽ انهن کي صحيح سمجهه ۾ ايندو جيڪي يارهين بارهين جي مئٽس صحيح پڙهي چڪا آهن. اڃا استاد کي آئي ڏهه منٽ مس ٿيا هئا جو هو حاضري پيري ڪلاس مان هليو ويو. استاد جي وڃڻ کان پوءِ ڪلاس ۾ ڪافي گوڙ شروع ٿي ويو هر هڪ حال احوال ۾ لڳي ويو. ڪيترائي چوڪرا شفيق عالماڻي کي چنبڙي ويا. دل ته منهنجي به ڪري پئي ان سان حال احوال ڪيان، پر ان وقت هن جي چوڌاري ڪيترائي چوڪرا ڏسي ان خواهش کي ڪجهه دير لاءِ روڪي ڇڏيو مون جڏهن سامهون واري بئنچ تي قمرالزمان وگهيو کي واندو ويڙل ڏٺو ته ان جي پرسان وڃي ويهي رهيم. هيلو هاءِ کان پوءِ جڏهن حال احوال شروع ٿيا ته مون کي هي همراهه ڪافي سادو ۽ مخلص لڳو جنهن ۾ ڪا فارملٽي ڪا نه

هئي جيڪا ڳالهه دل ۾ اچي ٿي، سا ڪري پيو ڏئي. هن ڪجهه دير هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ مون کي چيو.

"سائين اوهان جيڪو چيو نه ته توهان جي برادري ۾ ڊاڪٽر انجنيئر کي رشتا سنا ملندا آهن اسان وٽ به ائين اٿئو منهنجي داخلا جيئن ئي ٿي ته منهنجي گهر ڪافي مائٽن ۽ پاڙيوارن ڇوڪرين جي مائٽن جا فون منهنجي امڙ ڏانهن اچڻ شروع ٿي ويا. ڪنهن عورت امڙ کي چانهه پيئڻ جي دعوت ڏني ته ڪنهن ماني يا گهر ڏسڻ جي بهاني ٿي گهرائڻ چاهيو ۽ مزي جي ڳالهه ٻڌايانو؟" هن وڏي جوش ۾ مون کان پڇيو.

"ها ها" مون به اهڙي طرح هن کي چيو جو هن کي لڳو ته مان وڏي چاهه سان هن جي ڳالهه ٻڌي رهيو آهيان.

"مون سان بن ڇوڪرين فون تي به ڳالهائيو ۽ مون کي انجنيئرنگ ۾ داخلا تي مبارڪباد ڏني".

"واهه واهه" مان دل ئي دل ۾ پنهنجي مائٽاڻيٽين تي ڪاوڙجڻ لڳم. جن داخلا ٽيسٽ کان پوءِ به لفٽ ڪو نه ڪرائي. مان پنهنجي خيالن ۾ گم قمرالزمان وگهيو جون ڳالهيون ڪنڌ لوڏي ٻڌي رهيو هيم. اوچتو هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو.

"سائين ڪلاس شروع ٽيسٽ ۾ ايڏا ڏ ڪلاڪ آهي، چو نه هلي ڪينٽين ۾ چانهه پيئون".

مون گهڙي ۾ ڏٺو ته واقعي ايڏا ڏ ڪلاڪ هيو مان ۽ قمرالزمان وگهيو ڪلاس مان ٻاهر نڪري ڪاريڊور کان گذري رهيا هئاسين ته سامهون سماني قاضي پنهنجي سهيلين سان گڏ اچي رهي هئي. هن کي ڏسي مون کي ڪاوڙ ته ڏاڍي پئي اچي پر مان ڪري ڪجهه ڪو نه پيو سگهيس. هڪ ته هوءَ عورت ذات ۽ ٻيو وري مون کان سينئر. هونئن به پاٽي ۾ رهي ڪري واڳون سان دشمني ته ڪو نه ڪبي آهي. اهو سوچي مان خاموشي سان هن کي ڏسندو اڳتي نڪري ويس. ٽورو اڳتي ويو هوندس جو اوچتو مون کي هڪ خيال آيو ۽ قمرالزمان کي هڪڙو منٽ انتظار ڪرڻ جو چئي پوئتي پير ڪيم. سماني قاضي جي پرسان پهچي مون هن کي سلام ڪيو هن مون کي پاڻ سان مخاطب ڏٺو ته اتي ئي بيهي رهي. مون هن جي طرف ڏسي ڏاڍي نماڻي آواز ۾ اداڪاري ڪندي چيم.

"ميم توهان کي صبح جو ڪائي غلط فهمي ٿي هئي ۽ توهان مون کي ڏاڍو برو ڀلو ڳالهائيو. اصل ۾ مون سيٽي ڪو نه وڄائي هئي مان ان قسم جي حرڪت ڪري ئي ڪو نه ٿو سگهان".

"ها..... ها..... مون کي لڳو!....." هن ڪنفيوز ٿيندي پنهنجي سهيلين ڏانهن ڏسي چيو. ان کان اڳ جو هوءَ ٻيو ڪجهه چوي ها مون وري ڳالهائيندي چيو.

"ميم مان هڪ سٽي فيملي جو فرد آهيان. اسان کي نن‌ڍپڻ کان عورتن جو احترام ڪرڻ سيکاريو ويو آهي نه ڪي تنگ ڪرڻ".

"ها... مون کي احساس آهي پر....."

مون وري هن جي ڳالهه ڪٽيندي چيو.

"ڏسو نه جيڪڏهن مان ڪو لوفر چوڪرو هجان ها ته اوهان وٽ ڪو نه اچان هان. مان پنهنجي ماءُ جو سنو پٽ آهيان مون کي لڳو توهان کي مون بابت غلط فهمي ٿي آهي ۽ اهو منهنجو اخلاقي فرض آهي ته ان غلط فهمي کي دور ڪيان ۽ مون...."

"توهان منهنجي ڳالهه بہ ٻڌندو يا پنهنجي....." هن مسڪرائيندي مون ڏانهن ڏسي جملي کي اڌ ۾ روڪي ڇڏيو. شايد ان کان پوءِ هوءَ لفظ بڪواس چوڻ واري هئي پر مروتن چپ ٿي وئي.

"جي جي اوهان چئو. چا پيئون چوڻ چاهيو؟" مون عاجزي ۾ چيو.

"مان اهو پئي چوڻ چاهيان ته واقعي مون کي غلط فهمي ٿي هئي ۽ پڇڙ ٿي چاهيان ته سوري چوڻ سان ڪم هلي ويندو؟" هن هڪ ساهيءَ ۾ اهو سڀ ڪجهه چيو.

منهنجي دل ته ڏاڍو چيو. چوانس ته سوري سان ڪم نه هلندو. ها جيڪڏهن ڏهه دفعا ڪن پڪڙي اٺ ويهه ڪرين ته پوءِ ٺيڪ آهي. پر مان هن جي پريشان چهري ڏانهن ڏسي ڪجهه نرم ٿي ويس ۽ هن جي موت جي ڪوهه جهڙي اکين ۾ ڏسندي چيم.

"ميم سوري جي ڪا ڳالهه ڪونهي پر اوهان ڳالهائڻ کان اڳ ۾ ٿورو دماغ کان ڪم ونندیون ڪيو. جيڪڏهن دماغ پاڻ وٽ سمجهيو ته....."

اهو چئي مان تکڙا قدم کڻندو قمرالزمان وگهيو ڏانهن آيم. ان وقت مون کي ٿورو ڊپ محسوس ٿي رهيو هيو ته متان هو ڪنهن کي دانهن

ڏئي مار ڪيرائي شاهد مون کي ٻڌايو هيو ته يونيورسٽي ۾ ڪافي شاگرد ويچارا انتظار ۾ هوندا آهن ته ڪائي چوڪري انهن کي ڪو حڪم ڪري پوءِ پلي هو ڪوئي جيترا چونه هجن پر شينهن سان وڙهڻ ۾ دير کونه ڪندا آهن ۽ ڪامريڊ ته خاص منتظر هوندا آهن ته هو ڪنهن طرح چوڪريءَ جي ڪم اچي نيڪي ڪمائين. ڪڏهن ڪڏهن ته هو چوڪريءَ جي چوٽ کان سواءِ ئي ميدان ۾ لهي ايندا آهن بقول شاهد جي هڪ دفعي ڪينٽين جي ٻاهران هڪ چوڪرو هڪ چوڪريءَ کي ڪنهن ٻگالهه تي ڏڙڪا ڏئي رهيو هيو ته ڪامريڊ کي ڪاوڙ اچي وئي. هن چوڪري کي ٻچي کان پڪڙي مار ڪيندو چوٽ لڳس.

"ازي نياڳا تون سنڌ جي نياڻي کي. سنڌ جي مارئي کي ٿو ٻگالهائين. تو چا سمجهيو ته يونيورسٽي ۾ هن چوڪريءَ جو مالڪ وارو ڪونهي ۽ تون هن کي بي جهجڪ تنگ ڪندئين" هو ٻگالهائيندو به. وڃي پيو ۽ چوڪري کي ٿڦون به هڻندو پيو وڃي. تان جو چوڪريءَ اچي ڪامريد کي هٿ ٻڌا ته ادا هن کي چڏيو هي منهنجو وڏو ياءُ آهي ۽ مون کي ڏڙڪا پيو ڏئي ته مان هن جو رجسٽر گهر چو وساري آيم".

قمرالزمان ۽ مان امداد جي ڪينٽين ۾ ويناسين. قمرالزمان گلاس ۾ پاڻي وجهي مون ڏانهن وڌائيندي چيو.

"سائين توهان ته ڪمال ڪري چڏيو پهرئين ڏينهن ئي چوڪري سيٽ".

"ها يار بس چا ڪجي جنهن مقصد لاءِ يونيورسٽيءَ ۾ آيا آهيون اهو ته پورو ڪرڻو آهي نه".

قمرالزمان منهنجي ٻگالهه تي وڏو ٽهڪ ڏنو هن مون ڏانهن ڏسي آهستي چيو "سائين مون کي به طريقو ٻڌايو نه؟"

"يار مذاق چڏ نه. تون ڪافي سمارٽ آهين. توسان ته ڪيتريون چوڪريون سيٽ هونديون" مون هن جي گلابي چهري ڏانهن ڏسندي چيم.

"سائين اهي ته دادو ۾ سيٽ آهن نه. ۽ اهي به سيٽ ڪونهن بس ويچاريون ماءُ پيءُ کي رشتي ٻگولهڻ جي پريشاني ڏيڻ کونه ٿيون چاهين. مان چاهيان ٿو ڪا يونيورسٽي جي پڙهيل لکيل ذهين چوڪري سيٽ هجي جنهن کي کوڙ چوڪرا چاهين پر هوءَ صرف مون کي چاهي. صرف

مون کي".

"الله سائين توهان جي مراد پوري ڪندو" مون بيري کي هٿ سان اشارو ڪري سڏ ڪندي چيو.

مون بيري کي ۽ چانهيون چيون ته قمرالزمان پر واري ٽيبل تي ويٺل شاگردن کي سموسا کائيندي ڏسي سموسن جو به آرڊر ڏئي ڇڏيو. چانهه پي اسين جڏهن ڪلاس ۾ پهتاسين ته استاد اڳ ۾ ئي ڪلاس ۾ پهتل هيو ۽ واري واري سان ڪلاس ۾ ايندڙ ڇوڪرن کي ڏسي رهيو هيو. جڏهن ڪافي شاگرد ڪلاس ۾ اچي ڏيسڪن تي ويهي رهيا ته استاد ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن ايڏا پهريون لفظ ڪونه چيو جو چار شاگرد ڪلاس ۾ داخل ٿيا جن کي مون پهرين ڪلاس ۾ ڪونه ڏٺو هيو هنن جا ڪلف وارا ڪاٽن جا ڪپڙا ۽ رعبدار شڪلون ڏسي مون کي شڪ پيو ته هي ڪامريڊ آهن. منهنجو شڪ تڏهن پڪ ۾ بدلجي ويو جڏهن هنن يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ تي پليڪار ڇڪي پنهنجو تعارف ڪرائيو ۽ پنهنجي پارٽي ۾ شموليت جي دعوت ڏني. ڪافي دير پنهنجي پارٽي جي باري ۾ ۽ ان جي جدوجهد جي باري ۾ ٻڌائڻ کان پوءِ انهن اسان جي ڪلاس ۾ ويٺل هڪ شاگرد جو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو ته هو انهن جي پارٽي جو اسان جي ڪلاس ۾ نمائندو آهي ۽ اڄ کان پوءِ اسان جي ڪلاس جو سي آر پڻ هوندو. سي آر لفظ مون پهريون دفعو ٻڌو هيو نه صرف مون پر ٻين ڇوڪرن جا چهرا به ان لفظ ٻڌڻ کان پوءِ سوالیہ ڏسي مون کي لڳو ته ڪلاس جي اڪثر شاگردن کي سي آر جي خبر ڪونهي. شايد ڪامريڈن کي اسان جي اڻڄاڻائي جو احساس هيو تڏهن هنن وضاحت ڪندي ٻڌايو ته سي آر معنيٰ ڪلاس ريپريزينٽيٽو. جيئن اسڪول ۾ مانيٽر هوندو آهي. تيئن يونيورسٽي ۾ سي آر هوندو آهي. مون پنهنجي ڪلاس جي سي آر کي ڪلف واري ڪاٽن ۾ ڏٺو ته خيال آيو "پلا ڪاٽن ڪامريڈن جو يونيفارم ته ڪونهي؟"

ڪامريڊ جڏهن پنهنجي تقرير ختم ڪري هليا ويا ته استاد پنهنجو تعارف ڪرايو. استاد جي اچن وارن مان لڳي پيو ته ڪافي پراڻو استاد آهي. هن اسان سان مخاطب ٿيندي چيو.

"توهان کي هن عظيم اداري ۾ داخلا وٺڻ تي مبارڪباد هجي. هي

يونيورسٽي جيڪا ايشيا جي سڀ کان وڏي انجنيئرنگ يونيورسٽي آهي جنهن ۾ ايتريون ٽيڪنالوجيز پڙهيائون وجن ٽيون ۾ پاڪستان ۾ پهرين نمبر جي يونيورسٽي آهي. جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ پي ايڇ ڊي استاد آهن".

استاد جو اهو چوڻ هيو ۾ پويان هڪ چوڪري آواز ڏنو.

"اها يونيورسٽي جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪامريڊ آهن"

استاد جي لفظن اسان کي ب سيٽائي ڇڏيو ته اسان هڪ وڏي يونيورسٽي ۾ پڙهي رهيا آهيون. وري جو استاد جڏهن اسان کي ٻڌايو ته ڊاڪٽر ۽ انجنيئر هر معاشري جي پڙهيل لکيل طبقي جي ڪريم يعني ملائي هوندا آهن ته ڪافي شاگرد نٿي ڏيسڪ تي وينا. ڪافي ساري تعريفن کان پوءِ هن استاد تعارف ڪرائڻ لاءِ چيو ۽ تعارف ۾ نه صرف پنهنجو نالو پر پنهنجي پيءُ جو نالو ۽ ان جي روزگار بابت ٻڌائڻ لاءِ چيو سيني شاگردن واري واري سان پنهنجو تعارف ڪرائيو تعارف ٻڌڻ کان پوءِ استاد جڏهن ڪلاس مان وڃڻ لڳو ته ڪافي شاگردن هڪ ئي وقت ڳالهائيندي استاد کي حاضري لڳائڻ لاءِ چيو اصل ۾ يونيورسٽي جو قانون هيو ته هر سبجيڪٽ جون 100 مان 10 مارڪون حاضري تي هيون. استاد سيني چوڪرن کي هڪ ٿي ان جي آفيس ۾ اچي حاضري لڳرائڻ لاءِ چيو.

مان جڏهن استاد جي آفيس ۾ حاضري لڳرائڻ ويس ته مون کي هن جي ياداشت تي حيرت ٿي. هن مون ڏانهن ڏسي چيو ته توهان جو والد صاحب چانورن جو ڪاروبار ڪندو آهي نه؟

مون ها ڪئي ته هن چيو

"شيخ صاحب مون کي سڏا چانور ڪپن. گهر لاءِ اوهان وٽي ڏئي سگهو ٿا؟"

ان وقت مون کي سمجهه ۾ آيو ته سائين پيءُ جو ڪاروبار چو پيو پيچي.

جڏهن چوٿين ۽ آخري ڪلاس جو وقت ٿيو ته مون سمجهيو هن ۾ به ساڳي طرح پهرئين ڏينهن جي ڪري صرف تعارف ٿيندو پر هي ڪلاس ٻين کان مختلف هيو. هڪ شاگرد ٻڌايو ته هي ورڪشاپ جو

ڪلاس اهي جيڪو هن ڪلاس ۾ نہ پر يونيورسٽي جي ٺهيل ورڪشاپ ۾ ٿيندو. اسين جڏهن ورڪشاپ ۾ پهتاسين تہ اتي پٽيوالي لسٽ ۾ نمبر پڙهي پنهنجي پنهنجي شاپ ۾ ويڙ لاءِ چيو. اصل ۾ ورڪشاپ جو سبجيڪٽ پريڪٽيڪل هيو جنهن ۾ پنجن هنرن جي تعليم پئي ڏني وڃي. هڪڙو اليڪٽرڪ شاپ هيو جنهن ۾ بجلي جو ڪم سيکاريو ويندو هيو. جيئن اليڪٽريشن تارون ڳنڍيندو ۽ بٽڻ هٽندو آهي تيئن ئي هت شاگرد کي بنيادي تربيت ڏني پئي وڃي. ٻيو وري وڊ شاپ هيو جنهن ۾ لڪڙي جو هڪڙو ٽڪرو ۽ اوزار ڏنا پيا وڃن ۽ ان کي ڪٽي رندو هڻي چيل سائيز جو ڪڏهن فريم پيو ٺاهرائيو وڃي ۽ ڪڏهن ٻي ڪا شيءِ ٿيون شاپ مشينن جو هيو جنهن ۾ ليٿ ۽ ڊرل مشين سان لوهہ جي پيس کي ڪٽي ٺاهڻ سيکاريو پيو وڃي. چوٿون ۽ پنجون شاپ فورجنگ ۽ فٽنگ جا هيا جيڪي سين کان ڏکيا هيا جن ۾ لوهہ جي ٽڪر کي هٿ ۽ ڪجهہ اوزارن جي مدد سان ڪٽي ٺاهڻو هيو. منهنجو نمبر اچوڪي ڏينهن فورجنگ شاپ ۾ لڳل هيو. اسان جڏهن ان شاپ واري هال ۾ پهتاسين تہ ان ڪمري ۾ ٻنهي پاسي کان پندرنهن ويهہ چلها ٻرندڙ ڏسي پريشان ٿي وياسين. وڏيڪ حيرت تڏهن ٿي جڏهن استاد هڪ ٿي انچ ڊگهو ۽ ٿي انچ ويڪرو لوهہ جو ٽڪرو ڏنو ۽ چيائين تہ هن کي ڇهہ انچ ڊگهو ۽ ڇهہ انچ ويڪرو ڪري ڇڏيو. ٽڪرو ڏسي اسان کي ڏاڍو اچرج لڳو. هر شاگرد جيڪو يونيورسٽي ۾ داخلا ملڻ سان پاڻ کي چيف انجنيئر سمجهڻ لڳو هيو سوچڻ لڳو تہ يونيورسٽي هنن سان فراڊ ڪري انجنيئر بدران لوهر تہ نٽي بنائڻ چاهي.

هر هڪ شاگرد پنهنجو لوهہ جو ٽڪرو هٿوڑو ۽ چمٽو وٽي هڪڙي هڪڙي چلهہ تي ٻيهي رهيو. هڪ اسسٽنٽ اسان کي سمجهايو تہ لوهہ کي باهہ تي رکو. جڏهن صفا ڳاڙهو ٿي وڃي تہ چمٽي سان کڻي هٿوڙن سان ڪٽيوس جيستائين ڊيگهہ وڌندي رهيس. وري جڏهن ٽڏو ٿي وڃي ۽ وڏيڪ ڊگهو نہ ٿئي تہ پوءِ وري باهہ ۾ وجهي گرم ڪيوس ۽ ساڳيو پروسيجر ورجايو.

هڪ اڳ ۾ ئي گرمي هئي. مٿان وري باهہ پئي هري تہ ويتر گرمي ٿي وئي. هر شاگرد کي استاد تي ڪاوڙ پئي اچي جيڪو مزي سان پنهنجي

افيس ۾ وينو هيو ۽ اسان جي مٽان اسسٽنٽ بيهاري ڳرو ڪم ڏنو هئائين.
هڪ شاگرد جڏهن هٿوڙا هٽي هٽي ٽڪي پيو تہ ٽڏو ساهہ پري چيائين.
"ظالم کي رحم بہ ڪو نہ آيو. تن انچن مان سايا تي يا چار انچ
ڪرڻ لاءِ چئبو آهي ڪن پهرين ڏينهن ئي ڇهہ انچ"
وري هڪڙي شاگرد ٻانهن سان پگهر اگهندي چيو "امان تو واري
انجنيئر بنائڻ واري خواهش تہ مون کي ماري وڌو".

پنهنجي ٽڪري کي ڪٽڻ کان پوءِ مون وري ان کي باهہ ۾ رکي
جڏهن پنهنجي کاپي پاسي ڏنم تہ مون کي لڳو چوڪرا منهنجي طرف
ڏسي رهيا آهن پر پوءِ جڏهن مون پنهنجي ساڃي پاسي نهاريو تہ خبر پئي
منهنجي ساڃي پاسي ٻن چوڪرن کان پوءِ ٽناءَ ٻيني هٿوڙا هلائي رهي
آهي. لوهہ تي بہ ۽ دلين تي بہ. هٿوڙو جيتوڻيڪ هوءَ گهٽي زور سان ڪو نہ
هٽي رهي هئي پوءِ بہ سندس جسم ائين جهٽڪا هٽي رهيو هو جيئن
ڪچي روڊ تي هلندڙ بس ۾ بينل ماڻهن جو جسم هٽندو آهي؟ هن کي ڏسي
مون کان بہ پنهنجو لوهہ جو ٽڪرو وسري ويو. هن جي چهري ۾ ايتري
ڪشش ڪو نہ هئي جيتري هن جي جسم ۾ ان وقت ڪشش پيدا ٿي وئي.
هن کي ڏسندي ڏسندي وقت گذرڻ جو احساس ئي ڪو نہ ٿيو خبر تڏهن
پئي جڏهن اسسٽنٽ ٻڌايو تہ باقي پنج منٽ رهجي ويا آهن. جلدي ڪم
ختم ڪري پنهنجا پنهنجا ٽڪرا سائين جي آفيس ۾ جمع ڪرايو. مون
جڏهن پنهنجي ٽڪري جي ماپ ورتي تہ ان وقت ان جي ڀيگهہ چار انچ ۽
ويڪرا سايا ٿي انچ ڏسي منهنجو پگهر ويتر تيز ٿي ويو. مون کي ان وقت
پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ پئي آئي جو مون پنهنجو وقت ٽناءَ کي ٽڪڙ ۾ وڃائي
ڇڏيو. منهنجي حالت ان وقت ان جواري جهڙي هئي جيڪو پنهنجا پئسا
جوا ۾ هارائڻ کان پوءِ سوچيندو آ تہ جيڪر اهي پئسا ڪاروبار ۾ لڳايان
ها.

جيئن جيئن منٽ گذري رهيا هئا تيئن تيئن منهنجي پريشاني
وڌي رهي هئي. نہ پيو وڌي تہ اهو نياڳو لوهہ جو ٽڪرو ڪو نہ پيو وڌي. وڌي
بہ ڪاڏانهن. گرم هجي تہ هٿوڙو ڪم ڏيکاري. آخر تنگ ٿي مون هٿيار
ڦٽي ڪندي هٿوڙو هڙٻ بند ڪيو پر چوندا آهن تہ پريشاني بہ الله ڏئي. تہ
خوشي بہ الله ڏي هو وڏو رحمان. رحيم ۽ بي وسن جو وسيلو آهي. تڏهن ان

وقت هن مون ڏانهن پٽيوالي کي وسيلو ڪري موڪليو پٽيوالو منهنجي پرسان اچي آهستگي سان جوڙ لڳو

"سائين ڪم ڪو نه ٿيو"؟

"چاچا ڪوشش ته ڏاڍي ڪيم پر لوهه ڏاڍو سخت هيو" مون مايوسي مان چيم.

"ابا پوءِ چئه ته لوهه کي نرم ڪري ڏيانءِ..."

"اهو ڪيئن ٿيلا؟"

"ڏي ڏهه روپيا ته 6x6 انچن جو سئو ٿهيل ٽڪرو ٿو آڻي ڏيانءِ 10 مان 10 نمبر ملندئي".

مون خوشي سان ڪيسي مان ڏهه روپيا ڪڍي وڏي رازداري سان چاچي کي ڏنم ۽ هن اهڙو ته فرسٽ ڪلاس ٽڪرو آڻي ڏنو جو مان ۽ ڪلاڪ ٻيا لڳايان هان ته ۽ ڪو نه ٿهي هان.

ٻئي ڏينهن ۽ ساڳا ڪلاس هئا پر اڄ استاد حال احوال ڪرڻ بدران بورڊ تي لکي لکي پنهنجو وقت پورو ڪري وڃي رهيا هئا. تقريبن ڪلاس ۾ سيني ڇوڪرن جو حال مون وانگر هيو استاد جو ليڪچر سمجهه ۾ گهٽ اچڻ باوجود پنن تي پوري جو پورو لکي رهيا هئاسين. اڄ جو ڏينهن ان ڪري ۽ ڪلهه ڪان پلو هيو جو اڄ ورڪشاپ جي ڪلاس جي بدران انگريزي جو ڪلاس هيو جت ٻڌو هيو ته استاد ۽ عورتون هيون.

اسين جڏهن انگريزي جو ڪلاس وڃڻ لاءِ ان لاءِ ٿهيل مخصوص ڪلاس ۾ ويا سين ته ڪلاس ڏسي ائين لڳو جڙ انگلستان پهچي ويا آهيون. سڄي ڪلاس ۾ قالين وڇايل، ويهڻ لاءِ جديد قسم جون ڪرسيون جن تي ڪتاب رکڻ لاءِ اسٽينڊ ٿهيل هئي، پويان پٽ تي لڳل ۽ن ايئر ڪنڊيشنن اونهاري کي ۽ سيارو ڪري ڇڏيو هيو سامهون واري پٽ تي ڪاري بدران ڪير کان ۽ اڇو بورڊ جنهن تي مارڪر سان اکر لکيل هئا. وري جو ڪلاس ۾ مس آئي ته اها ان بورڊ کان ۽ اڇي، 23، 24 سالن جي عمر جي رهڙ جي گڏيءَ جهڙي مس کي ڏسي ڇوڪرن جي چهرن تي رونق اچي وئي.

مس بورڊ تي انگريزي ۾ ڪجهه لکي رهي هئي پر مان ۽ ٻين ڇوڪرن وانگر بورڊ کي گهٽ ۽ مس کي گهٹو ڏسي رهيو هيم. اوچتو

جڏهن مون کي خيال آيو تہ استاد پيءُ ماءُ وانگر هوندا آهن تہ خيالن ۾ بابا سان گڏ ان مس کي بيئل ڏسي شرمندگي ٿيڻ لڳي. ڪٽي 40 سالن جو پيءُ ۽ ڪٽي اسان جيتري ماءُ.

مس کي ڏسندي ڏسندي انگلش جي ڪلاس ۾ وقت گذرڻ جي خبر ئي ڪو نہ پئي ۽ نہ ئي مس جي پڙهايل ليڪچر جي ئي ڪا خبر پئي.

***

يونيورسٽي ۾ آئي سال کان وڌيڪ عرصو گذري ويو پر پوءِ بہ اهو ڪجهہ حاصل ٿي نہ سگهيو جنهن جي اميد هئي. شروع شروع ۾ تہ هر شيءِ وٽندڙ پئي لڳي. ڪينٽين جي ماني. ڪاڪ جي ڪڙاهي. مارئي ۽ ايلسا قاضي هاسٽل جون چوڪريون. پر پوءِ ماحول ۾ يڪسانيت جي ڪري اداسي بہ ٿيندي هئي. پر روز ساڳي طرح تيار ٿي ڪلاس وڃڻ. منجهند جو موتي اچي ماني کائي ننڊ ڪرڻ ۽ پوءِ شام جو يا تہ هاسٽل تي ويهي وقت گذاربو هيو يا وري شاهد سان گڏ ڪاڪ تي چڪر لڳندو هيو. ان کان پوءِ ٿوري گهٽي پڙهائي ۽ پوءِ ننڊ.

روز اهوئي ساڳيو روٽين ڪڏهن ڪڏهن تہ بوريت ايتري ٿيندي هئي جو وقت گذارڻ بہ ڏکيو ٿي ويندو هيو ان وقت بس اها اميد هوندي هئي تہ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ موڪل ٿيندي تہ گهران چڪر هڻي اچبو تہ وري نوان تازا ٿي ويندا سين. گذريل هڪ سال ۾ ڪڏهن بہ ائين ڪو نہ ٿيو جو پندرهن ڏينهن کان مٿي ڪلاس هليا هجن ٻارهن تيرنهن ڏينهن ڪلاس اٽينڈ ڪرڻ کان پوءِ چوڪرا ملي فيصلو ڪندا هئا تہ هاٿي موڪل ڪرڻ گهرجي. جڏهن موڪل جو فيصلو ٿي ويندو هيو جيڪا گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو هوندي هئي تہ ڪلاس جو CR اعلان ڪندو هيو تہ هڪ هفتي لاءِ ڪلاس بند ڪيو ٿو وڃي. ان ڪري ڪو بہ شاگرد ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري نہ تہ ڏميوار پاڻ هوندو ان کان علاوہ بورڊ تي لکي ڇڏيندا هئا تہ اسان هڪ هفتي لاءِ گهر وڃي رهيا آهيون استاد صاحبان ڪلاس ۾ اچڻ جي تڪليف نہ ڪن. اڪثر ٻن ٽن ڪامريڊن چوڪرن جي ڪري ڪلاس ۾ موڪل ٿي ويندي هئي چاڪاڻ تہ جيڪڏهن هو صرف پاڻ موڪل ڪن ها تہ انهن جي غير حاضري لڳي

ها ۾ حاضري جون ماڻهون ڪٺجي وڃن ها پر جڏهن سڄو ڪلاس موڪل ڪندو هيو تہ اهو ڏينهن ئي ڳڻپ ۾ ڪونہ ايندو هيو. موڪل ۾ مزو تہ ڏاڍو هيو پر ان جي سزا اها پوڳٽي پئي جو امتحان جيڪو سيمسٽر سسٽم هجڻ جي ڪري ڇهن مهينن ۾ ٽيڙهيو اهو نون مهينن ۾ ٽيو. پهرئين سيميسٽر جي امتحان مان ئي اسان کي اندازو ٿي ويو تہ اسان کي يونيورسٽي ۾ اڃ سيمسٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ ڏگري ملڻي آهي ۽ هر سيمسٽر ڇهن مهينن بدران نون مهينن ۾ ٽيڙهڻ جي ڪري ڏگري ٻہ ڇهن سالن بدران ڇهن سالن ۾ ملندي. جڏهن ڇهه مهينا يونيورسٽي ۾ آئي ٽپيا هئا تہ اسان جي ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين ڪلاس ۾ اچي ڇوڪرن کي ڏاڍو سمجهايائين تہ موڪل گهٽ ڪيو تہ جيئن ڪلاس وڌيڪ هلن ۽ ڪورس پورو ٿي سگهي. پر شاگردن کي لڳي پيو ڏگري ونڊ جي ڪائي جلدي ڪو نہ هئي. آخر مجبور ٿي يونيورسٽي انتظاميہ ايڏا ڏ ڪورس مڪمل ٽيڙهڻ باوجود نون مهينن ۾ اسان جو سيمسٽر ڪرائيو. مزي جي ڳالهہ اها هئي جو امتحان سبجيڪٽ جي ان حصي مان ٽيو جيڪو اسان کي پڙهايو ويو هيو. ان ڳالهہ شاگردن جو ويتر مٿو خراب ڪري ڇڏيو. هنن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهجي وئي تہ جيڪڏهن ڪلاس گهٽا اٽينڈ ڪيا تہ استاد ڪورس بہ گهٽو پڙهائي ونڊندا پوءِ امتحان بہ گهٽي ڪورس مان ٽيندو ان ڪري هوا ايڏا وڌيڪ موڪلون ڪرڻ لڳا.

مون کي موڪلون پهرئين تہ ڏاڍيون سٺيون لڳيون. مهيني ۾ پندرنهن ڏينهن گهر ۽ پندرنهن ڏينهن يونيورسٽي ۾ پر پوءِ مون محسوس ڪيو تہ گهر ۾ گهٽو رهڻ جي ڪري مائٽ سمجهڻ لڳا هئا تہ مان يونيورسٽي مان گسائي ٿو اچان. جنهن جي ڪري منهنجي يونيورسٽي مان اچڻ جي ڪري انهن جي ملڻ ۾ جيڪا پهريون گرمجوشي هوندي هئي. اها ختم ٿي وئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ يونيورسٽي مان موٽي اچي مائٽن سان ملڻ ويندو هئس تہ هو مون کي ڏسي پهريون سوال ڪندا هئا.

"ڏي خبر ايڏا اتي آهين. يونيورسٽي ڪڏهن ٿو وڃين".

ان وقت منهنجي دل چوندي هئي يونيورسٽي مان موٽان ئي ڪونہ پر پوءِ ڪا شيءِ اهڙي هئي ئي ڪا نہ جيڪا يونيورسٽي ۾ روڪي رکي. داخلا کان اڳ ذهن ۾ يونيورسٽي جي تصور سان خوبصورت چهرن تي

خوبصورت اکيون جن ۾ پنهنجي لاءِ پيار ٽمڪندو نظر ايندو هيو. پر پوءِ هر پاسي چوڪرين جي اکين ۾ تاندا ڏسي خبر پئي ته نه يونيورسٽي کوهه قاف آهي جنهن ۾ پريون رهنديون آهن ۽ نه اسان کي شهزادا آهيون. يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ خوبصورت سمارٽ ۽ روز نون ڪپڙن ۾ ايندڙ ڪافي شاگردن کي ڏسي يقين ٿي ويو ته هت پنهنجي دال ڪو نه ڳرندي. چاڪاڻ ته اسان جي يونيورسٽي ۾ ايتريون چوڪريون ڪو نه هيون. جيترا ٽپ ٽاپ چوڪرا هئا. ظاهر آ پهريون ته انهن کي وارو ملٽو هيو مٿان وري هاسٽل جو پاڻي هيو جيڪو ڏينهون ڏينهن مٽي تان ائين وار گم ڪري رهيو هيو جيئن جادوگر ٽوپي مان ڪبوتر گم ڪندو آهي. پهرين سال ئي آئيني ۾ مٽي جي پاسن کي وارن کان آجو ڏسي ڊپ ٽيڙ لڳندو هيو ته ڪٽي آخري سال ۾ وڃي مٽي تي جهالر نه بچي.

اسين جڏهن ٻئين سال ۾ آياسين ته شاهد فائنل جو امتحان ڏئي يونيورسٽي مان وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو هن کان پوءِ لڳندو هيو ته يونيورسٽي ۾ بوريت ايڏا وڏي ويندي. پر پوءِ يونيورسٽي جي بور زندگيءَ ۾ هڪدم خوشگوار تبديليون اچڻ شروع ٿي ويون. ٻئين سال ۾ اچڻ سان يونيورسٽي اسان کي هاسٽل ۾ پنهنجو ڪمرو ڏنو. هر ڪمري ۾ ٽي شاگرد رهندا هئا. مون قمرالزمان وگهيو ۽ شفيق عالماڻي هڪ ئي روم ۾ رهڻ جي درخواست ڏنيسين جيڪا منظور ٿي وئي. گذريل ڏيڊ سال ۾ منهنجي چوڪرين کان سواءِ باقي سيني شاگردن سان سني دوستي ٿي وئي هئي پر گهٽي ويجهڙائپ شفيق عالماڻي ۽ قمرالزمان وگهيو سان هئي. جيتوٽيڪ هو ٻئي هڪ ٻئي جي ابتڙ هئا ۽ مان ٽورو ٽورو ٻنهي جهڙو هئس.

قمرالزمان کي هر وقت عشق محبت جون ڳالهيون پسند هيون. ڪيس پڙهائي کان سواءِ يونيورسٽي جي هر شيءِ وٽندي هئي. جڏهن ته عالماڻي کي پڙهائي ۽ علمي ادبي ڳالهين کان سواءِ ڪائي شيءِ ڪو نه وٽي. مان پڙهي ٽڪجي پوان ته قمرالزمان سان چوڪرين جون ڳالهيون ڪيان. عالماڻي پڙهي ٽڪجي پوي ته ڪورس جو ڪتاب رکي ڪهاڻين جو ڪتاب پڙهڻ شروع ڪري يا وري مون سان ڪنهن سنجيده موضوع تي ڳالهائي. باقي قمرالزمان ته پڙهي بلڪل ڪو نه. ان ڪري ٽڪجي به ڪو نه. بس چوڪرين جون ڳالهيون هجن ۽ هي هجي. هن جي دل چوندي

هئي ته ڪو هر وقت هن سان چوڪرين جون يا ننڍپڻ جون ڳالهيون ڪري، ڪيس ننڍپڻ ايڏو ته پسند هيس جو اڄا تائين برش به ٻارن وارو هٽندو هيو ۽ اهي ساڳيون ننڍپڻ واريون تافيون ڪٽمڻڙا ڪائيندو هيو ننڍپڻ کان سواءِ ڪيس ننڍ سان به عشق هيو رات جو جڏهن به سمهندو هيو ته وهنجي پائوڊر ڪريم ۽ پرفيوم هٽي پوءِ سمهندو هيو ته جيئن ننڍ ۾ ڪا چوڪري مليس ته اها امپريس ٿئيس.

هڪڙي ڏينهن مان ۽ عالماٽي پنهنجي پنهنجي ٽيبلن اڳيان وينا پڙهي رهيا هئاسين ۽ قمرالزمان واڪ مين لڳايون ڪٽ تي ليٽيو گانا ٻڌي رهيو هيو ڪافي دير گانا ٻڌڻ کان پوءِ هن ڪنن مان هيڊ فون ڪڍندي مون ڏانهن ڏسي چيو.

"يار رافع توهان ايترو چوٽا پڙهو؟"

"اڙي پڙهنداسين ڪو نه ته وڏا ماڻهو ڪيئن ٿيندا سين؟" مون ڪي قائداعظم جو چيل جملو ياد اچي ويو.

"وڏو ماڻهو به ته زندگي مان وڏيڪ مزو ونڊ لاءِ ٿبو آهي، توهان کي پڪ آهي ته پڙهڻ سان وڏا ماڻهو ٿي ويندو؟"

مون هن جي ڳالهه جو ڪو جواب ڪو نه ڏنو هن وري ڳالهائيندي چيو.

"خبر اٿئي مان چو نه پڙهندو آهيان؟ ان ڪري ته ائين نه ٿيئ جو مان زندگي جو اڄ" سياڻي جي آسري تي هنن خشڪ ۽ بور ڪتابن کي ڏئي چڏيان ۽ پوءِ سياڻو ٿئي ئي ڪو نه. ٿي سگهي ٿو مان ڏگري ونڊ سان يا ان کان اڳ ۾ ئي مري وڃان. پوءِ ته رن به وئي ته رلي به وئي نه؟"

هن جي ڳالهه ٻڌي مون سان گڏ عالماٽي کان به ٽهڪ نڪري ويو. مون سمجهيو ته هو ڪتاب ۾ گم آهي پر هو به قمرالزمان جي ڳالهه ٻڌي رهيو هيو. عالماٽي کي ڪلندو ڏسي قمرالزمان هن سان مخاطب ٿيندي چيو.

"يار عالماٽي تون ته ڪافي سمجهدار آهين هڪڙي ڳالهه ڪافي ڏينهن کان سمجهه ۾ ڪو نه پئي اچي، ٻڌائيندين؟

"ها چئه"

"يار چوڪريون ائين چو ڪنديون آهن؟ مان جڏهن به ڪنهن مائٽ جي گهر ويندو آهيان ته اتي ويٺل چوڪريون هڪدم مون کي ڏسي

پنهنجي سيني کي رئي سان ائين لڪائڻ جون ڪوششون ڪنديون آهن جيئن ڪو سيٽ ڪنهن ڏاڙيل کي ڏسي پنهنجي دولت کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو آهي. چا هو سمجهندڙيون آهن تہ مان...."

"شٽ اپ يار"

قمرالزمان جي ڳالهہ ڪٽيندي عالماڻي ڪاوڙ ۾ چيس ۽ وري پڙهڻ ۾ لڳي ويو.

مون ڪتاب بند ڪري قمرالزمان جي شرارتي چهري ڏانهن ڏسندي چيو.

"يار قمرالزمان ان سوال جو جواب تہ تو پاڻ مثال سان ڏئي ڇڏيو. اصل ۾ تنهنجون مائٽاٽيون توکي ڏاڙيل سمجهندڙيون اٽئي ۽ تنهنجي ڊپ کان هو پنهنجي دولت کي لڪائڻ چاهيندڙيون آهن".

"واهہ واهہ ڏس عالماڻي! اڄ هڪ بيوقوف بہ عقل جي ڳالهہ ڪئي اٽئي. ان خوشي ۾ اڄ مان توهان سيني کي پيپٽي جو ملڪ شيڪ پيارينڊس. هلو بند ڪيو ڪتاب".

اهو چئي قمرالزمان منهنجا ڪتاب ٽيبل تان مون کان پري ڪري رکي ڇڏيائين ۽ جڏهن عالماڻي جي ٽيبل تي وڃي ان جا بہ ڪتاب هٽائڻ لڳو تہ هن عالماڻي جي ڇهريَ تي ڪاوڙ ڏسي هڪدم سياستدانن وانگر بيان مٽائي چڏيو.

"اسان اها خوشي بعد ۾ ملهائينداسين هن وقت پڙهائي جو وقت آهي".

اهو چئي هن عالماڻي جي اڳيان رکيل ڪتاب هن جي ويتر ويجهو رکي چڏيا.

عالماڻي قمرالزمان جو ڏنل ڇهرو ڏسي ڪتاب پري ڪندي مون ڏانهن ڏسي چيو "رافع هل تہ اسان تا هلي ملڪ شيڪ پي اچئون. قمرالزمان جو موڊ ڪونهي".

قمرالزمان سان گڏ هڪڙي ڪمري ۾ رهندي يونيورسٽي ۾ بور ٽيڻ جو احساس بلڪل ڪونہ ٽيندو هيو. مذاق ۾ هن کي اڪثر چوندو هئس "قمرالزمان اسان سول انجنيئر آهيون ۽ تون انٽرٽينمينٽ انجنيئر آهين". اسين اڪثر شام جو گهمڻ جامشورو ٿاڻڪ تي ويندا هئاسين.

ڪاتڪ کان منٽ ۾ ڪيترين ئي ڳاڏيون ڪراچي وڃڻ لاءِ يا ڪراچي کان اندرون سنڌ وڃڻ لاءِ گذرنديون هيون. قمرالزمان هڪ گيم ايجاد ڪئي هئي. ڪاتڪ وٽ روڊ جي ڪناري کان ريلوي جو هڪ وڏو گرڊر لڳل هيو. اسين ان تي وڃي ويهي رهندا هياسين ۽ قمرالزمان ڪراچي کان ايندڙ ۽ مان ڪراچي ويندڙ ڳاڏيون ڳڻندو هئم ان سان مقابلو شروع ٿيندو هيو. اڌ ڪلاڪ ۾ جنهن جي پاسي وارين ڳاڏين ۾ وڌيڪ سهڻيون چوڪريون ويٺيون هونديون هيون اهو ڪٽي ويندو هيو. عام چوڪري تي 1 نمبر. قبول صورت تي 2 ۽ خوبصورت تي 5 نمبر هئا. عالماٽي کي جج مقرر ڪندا هئاسين. پهرين ڏينهن هو نتائيندو رهيو پر پوءِ اسان جي دل رکڻ لاءِ اهڙو راضي ٿي ويو جو هاٽي چوڙ کان اڳ ئي جج ٿي ويندو هيو. هڪڙي ڏينهن قمرالزمان مون کان ڪافي نمبر وڌيڪ ڪٽي ويو هيو. مون عالماٽي کي اڪ هٽي پنهنجا نمبر وڌائڻ لاءِ چيو ان کان پوءِ جيڪا ڪار اچي ان ۾ ڪا به چوڪري ڏسي رڙ ڪري چوان "ڏاڍي سُهٽي آهي پنج نمبر" ۽ عالماٽي بلڪل ٺيڪ چئي پني تي لکندو وڃي. قمرالزمان به مسلسل پنج نمبرن جي رڙ ٻڌي سمجهي ويو تہ اسان بي ايماني ڪري رهيا آهيون. هڪڙي ڳاڏي ۾ جڏهن هڪ موٽي چوڪري ڏسي مون رڙ ڪندي چيو. "ڏاڍي سهڻي آ پنج نمبر" تہ قمرالزمان ڪاوڙ ۾ چيو "اڙي هيءَ سهڻي آهي".

"ها" مون هن تي دهمان ڪندي چيو.

"وري سوچ؟" هن مون ڏانهن ڏسي چيو.

"ها ڏس تہ ڪيڏي سهڻي آهي چا ٿي ويو آهي تنهنجي نظر ڪي".

مون ابتو قمرالزمان تي ڪاوڙجندي چيم.

"اڙي جيڪڏهن هيءَ سهڻي آهي تہ الله ڪندو اهڙي ئي سهڻي زال ملندئي ۽ ٻڌ منهنجي زبان ڪاري اٿئي جيڪو چوندو آهيان اهو ٿي ويندو آهي". هن ڊيڄاريندي چيو.

"يار تون پنهنجا لفظ واپس وٺ عالماٽي لک هڪ نمبر" مون شڪست مڃيندي چيم.

عالماٽي ۽ قمرالزمان جي طبيعت ۾ ڪافي فرق هيو پر جيئن چوندا آهن تہ گدرو گدري کي ڏسي رنگ متائيندو آهي. تيئن گڏ رهڻ ڪري هنهي ۾ هڪ بي جي شخصيت جو ٿورو ٿورو حصو شامل ٿي ويو

ڪجھ مهينن پر ئي عالماڻي بہ ڪچهري پر حصو ونڻ لڳو. پر هن جي ڪچهري ڪرڻ جو انداز مختلف هوندو هيو. هو ڪنهن هڪ موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ چوندو هيو. اڪثر موضوع بہ هو پاڻ ڏيندو هيو. ان ڏينهن هن چيو اچو تہ بحث ٿا ڪريون تہ چريو ڪنهن کي چئبو آهي. قمرالزمان کي شرارت سجهي هن پت تي لڳل آئينو ڪوڪي مان ڪڍي عالماڻي جي اڳيان رکي چيائين.

"هن پر ڏس چريو نظر اچي ويندئي".

"چگو تنهنجي ڳالهہ سچ ٿا ميجيون تہ مان چريو آهيان. پوءِ تون اهو ٻڌاءِ تو پر ۽ مون پر ڪهڙو فرق آهي؟ تون چاجي ڪري سياڻو سمجهيو ٿو وجين ۽ مان چو ٿو چريو لڳان؟"

"ان جي ڪري جو تون اهي ڳالهيون ڪندو آهين جيڪي ٻين جي سمجهہ کان ٻاهر هونديون آهن".

"ان جو مطلب تہ نيوٽن کي بہ چريو سمجهيو ويندو هوندو جڏهن هن وڻ تان صوف ڪرندي ڏسي چيو تہ صوف هيٺ چو ڪريو مٿي چو نہ ويو؟"

عالماڻي سوالیہ نظرن سان قمرالزمان ڏانهن ڏسي پڇيو. مان ڏاڍي مزي سان ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هئس.

"ازي عالماڻي مزي جي ڳالهہ ٿو ٻڌايان ۽".

قمرالزمان پنهنجي ڪرسي تان اٿي عالماڻي جي ڪرسي پرسان رکيل پلنگ تي ويهندي چيو.

"بابو چوندو آهي تہ نيوٽن کان اڳ پر اسان جي ڏاڏي جي ڏاڏي بہ اهو ئي سوال ڪيو هيو تہ صوف زمين تي چو ڪريو پر پوءِ جڏهن سيب هن کي چوڙ لڳا. "چريا صوف زمين تي نہ ڪرندو تہ ٻيو ڪٿي جي پٽڪي تي ڪرندو چا ان ڏينهن کان پوءِ چپ ٿي ويو ۽ نيوٽن گوءِ ڪٽي ويو".

"رافع! تون ٻڌاءِ چريو چاکي چئبو آهي؟" عالماڻي قمرالزمان کي غير سنجيده ڏسي مون کان پڇيو.

"يار منهنجي خيال پر تہ چريوان کي چئبو آهي جيڪو اهڙيون ڳالهيون ڪري جنهن کي عقل تسليم ڪو نہ ڪري. يلي اهي عقل کان هيٺائون هجن يا عقل کان مٿاهيون".

"عقل کي جيڪڏهن صحيح ۽ غلط ثابت ڪرڻ جو ذريعو سمجهون ته کوڙ ڳالهيون اهڙيون آهن جن کي عقل کو نه ميچيندو آهي. سچ ٻڌائجاڻ تنهنجو عقل مڃي ٿو ته هي سامهون نظر ايندڙ سج اسان کان لکين ڪلوميٽر پري آهي ۽ جي عقل جي ٿو ڳالهه ڪرين پوءِ ته هر ماڻهو جو پنهنجو پنهنجو عقل هوندو آهي، جيڪڏهن تون ڪنهن بهراڙي جي ماڻهو کي جنهن کي جهاز جي خبر نه هجي ٻڌائيندي ته هزارئين مڙ لوهه جو هڪ ٽڪرو هوا ۾ اڏامندو آهي ته هو تنهنجي ڳالهه کو نه مڃيندو چا ان جو مطلب اهو ٿيو ته تون چريو آهين".

"يار عالماڻي تون ڳالهيون ڏاڍيون پليون ٿو ڪرين، واهه جي ننڊ پئي اچي".

قمرالزمان عالماڻي جي پلنگ تي ئي ليٽي، چادر منهن تي ڏيندي چيو.

اڪثر عالماڻي جون ڳالهيون ٻڌندي ٻڌندي قمرالزمان کي ننڊ اچي ويندي هئي پر ان ڏينهن عالماڻي قمرالزمان جي ننڊ اڏائي ڇڏي جڏهن قمرالزمان وڏي جوش ۾ 95 بئچ جي هڪ ڇوڪريءَ جي سونهن جي تعريف ڪري رهيو هيو تعريف ٻڌي عالماڻي چيس.

"قمرالزمان اهو ٻڌاءِ ڇوڪري سهڻي آهي يا تنهنجون اکيون جن کي اها ڇوڪري سهڻي لڳي؟"

"يار ڇوڪري سهڻي آهي ايتري سهڻي آهي جو حورون بـ نـ پڃن"

"پوءِ جي ڇوڪري سهڻي آهي ته سين کي سهڻي لڳي نـ؟ اها ڇوڪري جيتري توکي سهڻي لڳندي آهي اوتري ٻين کي سهڻي ڇو نه پئي لڳي؟".

"هر ڪنهن جي ڏسڻ جو پنهنجو پنهنجو انداز آهي". قمرالزمان وضاحت ڪئي.

"مطلب ته سونهن اکين ۾ هوندي آهي تڏهن هڪڙي ڇوڪري ڪنهن کي خوبصورت لڳندي آهي ۽ ڪنهن کي ان ۾ ڪا ڪشش نظر کو نه ايندي آهي".

"ها ها بلڪل" قمرالزمان ڪنڌ لوڏيندي چيو.

"پوءِ جيڪڏهن سونهن اکين ۾ هوندي آهي تہ خوبصورت اکين کي هر شيءَ خوبصورت لڳڻ گهرجي. تنهنجي اکين کي موٽي ٿنا چو نہ خوبصورت لڳندي آهي".

"ها اها تہ سوچڻ جي ڳالهہ آهي جي اکيون سهٽيون ٿيندیون آهن تہ اکين کي پوءِ هر شيءِ سٹي لڳڻ گهرجي".

"جي سونهن شيءِ ۾ هوندي آ تہ پوءِ اها شيءِ هر ڪنهن کي وٹڻ گهرجي" قمرالزمان عالماٹي جي ڳالهہ دهرائي مرڪندو رهيو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جڏهن ڳوٹان ٹي موٽي آيو تہ اسان کي فخر مان ٻڌائيندي چيائين.

"يار سڄي دادو کي پريشان ڪري چڏيو مانءِ تہ سونهن اکين ۾ هوندي آهي يا شين ۾، هر ڪو منهنجي تعريف ڪرڻ لڳو تہ واهہ جو دماغ اٿس".

***

جامشورو جي مقناطيسي هوائن، هاسٹل جي دير تائين جاڳندڙ راتين ۽ عالماٹي ۽ قمرالزمان جي دلچسپ صحبت ۾ زندگي ننڍپڻ جي بي فڪريءَ وانگر ڏاڍي خوشگوار گذري رهي هئي جو ان ۾ ادبي پروگرامن وڌيڪ رنگ پري چڏيا.

يونيورسٹي ۾ هڪڙي ادبي تنظيم هر هفتي گڏجاٹي ڪرائيندي هئي جنهن ۾ شاعري ۽ ڪهاڻين سان دلچسپي رکندڙ ڪيترائي شاگرد شريڪ ٹي پنهنجون تخليقون ٻڌائيندا هئا. هڪڙي پروگرام ۾ مون جڏهن سماني قاضي کي شاعري پڙهندي ڏٺو تہ پهريون پيرو مون کي هوءَ اهڙي چوکري لڳي جنهن جي سيني ۾ محبت کندڙ دل ۽ اکين ۾ اهڙي گهرائي نظر آئي جنهن ۾ ٻڌڻ جي خواهش ڪٹي يونيورسٹي ۾ هر شاگرد ايندو آهي. ان کان اڳ ۾ تہ هوءَ جڏهن بہ ملندي هئي تہ هٹلر جي ننڍي پيٹ لڳندي هئي پر ان ڏينهن الائي چو هوءَ مون کي محبت جي ديوي وانگر مقدس لڳي. هن سيني جي اڳيان آزاد نظم پڙهي.

"جاپان جا ماڻهو جديد روبوٹ ناهڻ ۾ مصروف آهن
آمريڪا جا ماڻهو وڌيڪ خطرناڪ بم ناهڻ ۾ مصروف آهن

جرمني جا ماڻهو نئين قسم جي ڪار ٺاهڻ ۾ مصروف آهن
منهنجي ملڪ جا ماڻهو ها منهنجي ملڪ جا ماڻهو
پنهنجي ڏينهن جو ڏاڪ ٺاهڻ ۾ مصروف آهن".

سماني شاعري پڙهي بس ڪئي ته سيني کان وڌيڪ مون تاڙيون وڄائيون، جنهن کي نه صرف منهنجي پرسان ويٺل شاگردن پر خود سماني به محسوس ڪيو.

جڏهن پروگرام ختم ٿيو ۽ سماني هاسٽل وڃڻ لڳي ته مون به هن سان گڏ هلڻ شروع ڪيو هن سون کي پاڻ سان گڏ هلندو ڏسي چيو.

"جيستائين مون کي ياد اچي ٿو مون ته اوهان کي نه چيو هو هاسٽل تائين ڇڏڻ لاءِ".

"ضروري ته ڪونهي مان صرف اهو ئي ڪيان، جيڪو اوهان مون کي چئو ڪجهه سماجي ڪم ڪرڻ ته منهنجو اخلاقي فرض به آهي".

"اخلاق توهان ۾". هن طنزيه چيو.

"توهان جي شاعري ٻڌي ڏاڍي خوشي به ٿي ۽ افسوس به ٿيو" مون ڳالهه مٽائيندي چيو.

"چو چو" خوشي ڇاتي ۽ افسوس چو؟" هن تجسس ۾ پڇيو.

"خوشي ٿي ته اسان جي يونيورسٽي ۾ هڪ سٽي شاعره پڙهي رهي آهي".

"افسوس؟" هن تڪڙ ۾ پڇيو.

"افسوس ان ڪري ٿيو جو اسان جو چاچو ويچارو ڏاڪ ٺاهڻ ۾ مصروف آهي".

"چاچو؟" هن تعجب ۾ مون ڏانهن ڏٺو.

"اوهان جو والد"

"منهنجو والد توهان جو چاچو ڪيئن ٿيو؟"

"توهان جو والد مسلمان منهنجو والد به مسلمان، مسلمان مسلمان جو ياءُ هوندو آهي، ان حساب سان توهان جو والد منهنجو چاچو ۽ توهان منهنجي سٽوٽ".

منهنجي دليل ٻڌي هوءَ ٿڪ ڏئي کلڻ لڳي. ٿڪ ڏيڻ سان هن جي ڳل ۾ ڇڳهه پئجي رهيو هيو مان هن جي چهري کي غور سان ڏسڻ لڳس.

کلڙ سان هن جي سفيد شفاف چهري تي نظر ايندڙ رڳون به جڙ خوشيءَ ۾ هن سان گڏ جهومي رهيون هيون.

هن مون ڏانهن ڏسي چيو.

"توهان جو نالو عبدالرافع آهي نہ؟ ۽ توهان مون کان هڪ سيمسٽر جونيئر آهيو؟"

"جي پر توهان کي ڪيئن نالي جي خبر پئي" مون حيرت ۾ چيو.

"توهان پهريان شاگرد هيو جنهن جونيئر هڙ باوجود ايڏي همت ڪري مون کي منهنجي ساهيڙين اڳيان ايترا سخت لفظ چيا. مان اوهان کي ڪيئن ٿي وساري سگهان".

"مان اوهان کي سوري به چوان ٿو ۽ ٿئنڪ يو به" مون هلندي هلندي هن ڏانهن ڏسي چيو.

"سوري ته منهنجي سمجهه ۾ اچي ٿي، ٿينڪ يو چا لاءِ؟" هن اچرج ۾ مون ڏانهن ڏٺو.

"ٿينڪ يو ان جي لاءِ اوهان مون کي ڪو نہ وساريو ۽ اميد ڪيان ٿو اڳتي به ڪو نہ وساريندو".

منهنجا اهي لفظ ٻڌي هن جي چهري تي ڳاڙهاڻ ۽ چپن تي مرڪ وڌيڪ گهري ٿي وئي. ان ڏينهن کان پوءِ ڪڏهن به مون هن جي لهجي ۾ پاڻ لاءِ اها پٽر جهڙي سختي ڪو نہ محسوس ڪئي، جنهن جي ڪري هوءَ سڄي يونيورسٽي ۾ مشهور هئي بلڪ هن کي ڏسي ته مون کي احساس ٿيندو هيو ته ڪنهن به باهران سخت نظر ايندڙ جو من، گل جيان نرم ٿي سگهي ٿو.

پهرئين مان انهن چوڪرن تي ڪلندو هئس جيڪي روز ايلسا قاضي يا مارئي هاسٽل تي مريدن وانگر حاضري پريندا هئا. پر پوءِ مان به ان صف ۾ شامل ٿي ويس. ان وقت چوڪرين جي هاسٽل تي شام جو ڪنهن چوڪريءَ سان ملڻ لاءِ وڃڻ برو نہ سمجهيو ويندو هيو بلڪ ان ۾ انهن چوڪرن جي ويتر عزت ۽ لئي وڌي ويندي هئي. پهرئين ته هن سان ملڻ به مان تفريح جو هڪ ذريعو سمجهندو هيم پر پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد مون محسوس ڪيو ته هوءَ صديون اڳ وڃايل منهنجي وجود جو حصو آهي. جنهن هاڻي اچي مون کي مڪمل ڪيو آهي. هن ۾ ته انيڪ خوبيون

هيون پر مون کي اڄ تائين سمجهه ۾ ڪو نه آيو ته هن کي مون ۾ ڇا نظر آيو. مون کان ڪيئي ڀيرا سمارٽ، سلجهيل ۽ ذهين ڇوڪرا يونيورسٽي ۾ پڙهي رهيا هئا پوءِ آخر مون سان ملي ڪري ئي هوءَ ڇو ائين پگهر جي وئي.

ان شام اسان ايلسا قاضي هاسٽل کان واڪ ڪندي يونيورسٽي جي نئين ٺهندڙ آڊيٽوريم جي پوئين پاسي وڃي ويٺاسين. سماني سيمينٽ جي ٺهيل فرش تي ويهندي روز وانگر مون کان پڇيو.

"رافع اڄ ڏينهن ڪيئن گذريو؟"

"ڏينهن ڪنهن اسپتال جي سفيد چادر تي پيل ان غريب مريض جي ڏينهن وانگر گذريو جنهن کي اميد هجي ته شام ولايت کان آيل ڊاڪٽر اچي هن جو معائنو ڪندو".

"ڇا مطلب؟" هن ڇاٽي واٽي اڻ ڄاڻ ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي.

"مطلب! مطلب ته ڪنهن ٻار جي ان نه ڪٽندڙ ڏينهن وانگر گذريو جيڪو ڪافي دير کان شام جو انتظار ڪري رهيو هجي. ان شام جو جنهن ۾ هن جي پيءُ هن سان واعدو ڪيو آهي ته هن کي هن جي پسند جو رانديڪو وٺي ڏيندو".

سماني مرڪندي مون ڏانهن ڏسندي چيو.

"رافع ايڏا ڇالهه سمجهه ۾ ڪو نه آئي"

مون سماني کي ڪلهڙ دوران ڳل ۾ پوندڙ پنور ڏانهن ڏسندي چيو "پلا ائين ڪٽي سمجهه ته اڄ منهنجو ڏينهن ان غريب نوجوان عورت جي ڏينهن وانگر گذريو جنهن کي ڪنهن معمول رشتي اچڻ جي آس ۾ ڪيترائي سال ٿي ويا آهن پر اڄ کان اڳ وٽس ڪو ئي به زندگي گڏ گذارڻ جو نيا پو ڪٽي ڪو نه آيو آهي پر اڄ ڪيس الائي ڇو پڪ هجي ته هن جو انتظار ختم ٿي ويندو".

اسان ان قسم جون ڇالهيون روز ڪندا هئاسين پر هر روز ائين لڳندو هيو جن اڄ پهريون دفعو اهي ڇالهيون ٿي رهيون هجن.

"تون ٻڌاءِ اڄ گهٽن پنهنجي ادن کي دڙڪا ڏئي آئين آهين" مون هن کان پڇيو.

"رافع!" هن ناراضگي مان مون ڏانهن نهاريو اها هن جي عادت هئي جڏهن به ڪا ڇالهه ڪو نه وٽيس ته جواب ۾ صرف رافع چوندي هئي.

جيڪڏهن منهنجي ڪنهن ڳالهه تي شرمائجي ويندي هئي تہ رافي چوندي هئي ۽ جي ڪا ڳالهه مڃائڻي هوندي هئس تہ رافع جي عين ڪي زبر ڏئي ائين رافع چوندي هئي جو دل تي ضرب لڳي ويندي هئي ۽ مان هن جي ڳالهه جو قائل ٿي ويندو هئس.

"سماني! اڪثر دوست مون کان پڇندا آهن تہ منهنجي توسان ڪيئن لڳندي آهي؟ جڏهن تہ اسان ٻنهي جي طبيعت ۽ ڏينهن رات جو فرق آهي".

"پوءِ تون ڇا جواب ڏيندو آهين؟"

هن دلچسپي سان مون ڏانهن ڏسي پڇيو.

"مان تنهنجي تعريف ڪري هنن کي سمجهائيندو آهيان تہ سماني ائين ڪونهي جيئن توهان سمجهو ٿا".

"ڪهڙي تعريف ڪندو آهين؟".

"مان چوندو آهيان سماني بلڪل هنڌاڻي وانگر آهي ٻاهران سخت اندران نرم".

"اها تعريف آهي.....؟" هن پنهنجي روايتي انداز ۾ مسڪرائيندي چيو.

"ارڙي بابا جيڪڏهن مان هنن جي اڳيان صحيح تعريف ڪيان ۽ پوءِ رقيب ٿي پون تہ مان ڇا ڪندس. مس مس تہ الله سائين ڪا سهيلي ڏني آهي".

"رافع!" هن مصنوعي ڪاوڙ ۾ چيو.

"سماني توکي يونيورسٽي ۾ ٽيندڙ ان حادثي جي خبر پئي جنهن ۾ هڪ شاگرد زخمي ٿي پيو؟"

مون سماني ڏانهن سنجيدگي سان ڏسي پڇيو.

.ڪهڙو حادثو؟" هن اڻڄاڻائي جو اظهار ڪندي پڇيو.

"توسان محبت جو حادثو ۽ اهو زخمي مان آهيان". مون ڪلندي جواب ڏنو.

"رافع، هن ڪاوڙ ۾ مون ڏانهن ڏسي مڪ اولاريندي چيو. "مون کي خبر آهي تہ تون روز محبت جو اظهار چو ڪندو آهين تہ جيئن مان بہ موت ۾ اظهار ڪيان. ها نہ؟".

"ها بلڪل، ڏس محبوب پاڻ ڪان عمر ۾ وڏو هجي ته ڪافي ڳالهين جي وضاحت ڪرڻ جي ضرورت پيش نه ايندي آهي".

"رافع آءُ صرف توکان تعليم ۾ وڌيڪ آهيان عمر ۾ نه. چگو مان توسان اڄ محبت جو اظهار ڪيان ٿي".

هن جا لفظ ٻڌي منهنجي ته جڙ عيد ٿي وئي، لڳو اجهو ڪوڙ ساري محبت جي خرچي ملڻ واري آهي.

"رافع مان....." هو ايترو چئي چپ ٿي وئي.

"سماني چئو نه پليز"

رافع مان..... هن وري ايترو ئي چيو.

"سماني ڪم آن يو آر بولڊ گرل" مون هن ۾ همت پيدا ڪندي چيو.

"رافع آءِ.... آءِ نو يو آر..... ايڊيٽ"

ائين روز ڪلاڪن جا ڪلاڪ اسان اهڙيون ڳالهيون ڪندا هئاسين جو وقت ته ڪافي گذري ويندو هيو پر پوءِ به لڳندو هيو اڃا هاڻي مليا آهيون ۽ اڃا وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ تي دل چوندي هئي پر آسمان جي ڏيئي کي اسان جي محبت جو ڪو احساس ڪو نه هوندو هيو. تڏهن ته پنهنجي وقت تي جبل پويان لڪي اسان کي مغرب ٽيڻ جو احساس ڏيندو هيو. مان ڪوشش ڪندو هئس ته سماني کي مغرب کان پهرين هاسٽل تي ڇڏي اچان، جنهن ڏينهن کان هن مون کي ٻڌايو هيو ته هن ۽ هن جي ٻيڻ کي هن جي ماءُ جيڪا هڪ پرائيويٽ ڪاليج ۾ پرنسپال آهي پاليو آهي ۽ هنن جو پيءُ پنهنجي ٻي زال سان گڏ. هنن کان لاتعلقي جي زندگي گذاري رهيو آهي تنهن ڏينهن کان منهنجي ڪوشش هوندي هئي ته سماني جي عزت جو پورو خيال رکان ته جيئن ڪو هن تي آڱر نه کڻي. مان سماني کي هاسٽل تي ڇڏي پنهنجي هاسٽل تي هليو ويندو هئس، جتي عالماڻي پڙهائي ۾ ۽ قمرالزمان يا ته روم ۾ ليٽيو واڪ مين تي گانا ٻڌڻ ۾ مصروف هوندو هيو يا وري هاسٽل جي گيٽ تي رکيل ٽيليفون تي ڪنهن چوڪريءَ سان ڳالهائيندي ملي ويندو هيو. هاسٽل تي يونيورسٽي طرفان مفت لوڪل ٽيليفون جي سهولت هئي، جتي شهر ۾ فون ڪرڻ لاءِ آپريٽر کي چوٽو پوندو هيو جڏهن ته هڪ هاسٽل کان ٻي هاسٽل تي فون پاڻ

ڪري سگهبي هئي. اڪثر شاگرد مارئي يا ايلسا قاضي هاسٽل تي نون ڪري هوا پر تير هلائيندا هئا. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن نشاني تي صحيح به ويڄي لڳندا هئا. قمرالزمان کي به اڪثر مون اها ڪوشش ڪندي ڏٺو هيو پر هو ايڏا تائين ڪامياب ڪونہ ٿيو هيو ڪيترين گارين ۾ ڏڙڪا کائڻ باوجود هن جا حوصلا بلند ڏسي مون کي ڪڏهن ڪڏهن شڪ ٿيندو هيو تہ هن جو تعلق محمود غزنوي سان تہ ڪونهي!.

هڪڙي ڏينهن هن مارئي هاسٽل تي فون ڪئي ۽ئي طرفان جڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ هن کان پڇيو تہ ڪنهن سان ڳالهائڻو آهي تہ هن چيو.

"سهڻيءَ سان".

ڪير سهڻي؟ ۽ئي طرف ڇوڪريءَ پڇيس.

"جيڪا هاسٽل جي سپ ڪان سُهڻي ڇوڪري آهي ان سان ڳالهائڻو آهي".

"اها تہ مان آهيان ڇئو ڪهڙو ڪم آهي؟" ۽ئي طرفان جواب آيس.

"سچ! پوءِ تہ ڪمال ٿي ويو توهان جو نالو ڇا آهي؟"

"منهنجو نالو ادي آهي ۽ اوهان آپي. باجي به ڇئي سگهو ٿا".

اهو ڇئي ڇوڪريءَ فون رکي ڇڏي پر ادي ۽ڏي قمرالزمان ان کان اڳ ۾ئي فون رکي ڇڪو هيو.

مان جڏهن هاسٽل جي روم ۾ آيم تہ عالماڻي ۽ قمرالزمان جو ڪنهن موضوع تي بحث هلي رهيو هيو قمرالزمان مون کي ڏسي خوش ٿيندي چيو.

"رافع يار هن عالماڻي کي تون سمجهاءِ هي ڇئي پيو ڇوڪرين جي محبت وقت، پئسي ۽ زندگيءَ جو زيان آهي. تون جيڪو وقت گذاري آيو آهين ۽ڏائينس تہ اجايو هيو يا سجايو".

"يار عالماڻي اهو تہ ڇوڪريءَ تي آهي نہ ڪجهہ ڇوڪريون واقعي اهڙيون هونديون آهن جيڪي وقت ۽ پئسي جو زيان هونديون آهن. هنن جي دوستي جو مقصد ئي اسان جي پئسن تي تائيم پاس ڪرڻو هوندو آهي پر يار ڪجهہ ڇوڪريون اهڙيون هونديون آهن جن جي دوستي، جن جي محبت توهان کي همتائيندي آهي ڪجهہ بهتر ڪرڻ لاءِ، ڏس ڪڏهن

ڪڏهن منهنجي دل ڪو نہ چوندي آهي پڙهائيءَ لاءِ پر پوءِ خيال ايندو آهي، مون کي پڙهڻ گهرجي. سڀين مارڪن سان پاس ٿيڻ گهرجي تہ جيئين سماني کي مون تي فخر رهي. ائين نہ ٿئي جو هن کي اهو محسوس ٿئي مان يونيورسٽي جو سيڪنڊ ڪلاس استودنٽ آهيان".

عالماڻي منهنجي دليل ٻڌي چوڻ لڳو.

"رافع ٿي سگهي ٿو ايئن هجي پر سڀني سان ائين ڪونہ ٿيندو آهي. محبت ۾ اڪثر ماڻهوءَ جو حشر ان مڪ جهڙو ٿيندو آهي جيڪا بوتل ۾ رکيل ماکيءَ تي اچي ويهندي آهي. ماکي جو مزو وٺندي هن کي ماکي ڏاڍي مٺي لڳندي آهي ۽ هوءَ وڌيڪ ان جو مزو وٺڻ لاءِ اڃا وڌيڪ ان ۾ لهندي آهي ۽ جڏهن هوءَ خوب مزو وٺي ٻاهر نڪرڻ چاهيندي آهي تہ ڪوشش باوجود ماکي مان ٽنگون نہ ڇڏائي سگهندي آهي ۽ پوءِ اها ماکيءَ جي محبت هن جي موت جو سبب ٿيندي آهي".

عالماڻي جي دليل جو ان وقت مون وٽ ڪو جواب ڪونہ هيو. ان ڪري مان پنهنجي استدي ٽيبل اڳيان رکيل ڪرسي تي ويهندي هن کي چيم.

"يار اهو بحث بعد ۾ ڪنداسين. ٿوري دير مان استدي ڪري ونان تہ پوءِ هلون ٿا ماني کائڻ". اهو چئي جان ڇڏائي پڙهائي ۾ لڳي ويس.

قمرالزمان کي منهنجي جواب تي مايوسي ٿي. هن کي اميد هئي تہ مان جيڪڏهن عالماڻي کان بحث ۾ نہ بہ کٽيو تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ ڪافي دير تائين دليل ڏيندس ۽ جلدي شڪست نہ مڃيندس.

چنڇر هجڻ جي ڪري اسان رات جو ڏهين بجي تائين پڙهائي ڪندا رهياسين. ان کان پوءِ هر هفتي وانگر پنڌ ڪاڪ جو رخ ڪيوسين جيڪو اسان جي هاسٽل کان تقريبن 3 ڪلوميٽر پري هيو. قمرالزمان جي رومانوي ڀڳالهين، عالماڻي جي فلسفي ۽ جامشوري جي تڏڙي هوا ۾ فاصلي جي خبر ڪونہ پوندي هئي. ڪاڪ جي گوشت جي ڪڙاهي ڪافي عرصي کان مشهور پر ان جو ڳهہ وڌيڪ هجڻ جي ڪري گهٽا شاگرد پناڻن جي هوٽل تي سبزي ڪڙاهي کائيندا هئا. انهن پناڻن جي هوٽل تي هر قسم جي ڪڙاهي ملندي هئي پٺاڻن جي ڪڙاهي، پينڊين جي ڪڙاهي ۽ انڊي دال جي ڪڙاهي، ڪٽن تي پلٽي هٽي ويهي پليٽ بجاءِ ڪڙاهي ۾

ماني ڪائينڊي ڏاڍو مزو ايندو هيو ۽ ٽي ڪلاڪ ڦاٽڪ تي گذرڻ بعد اسين وري پنڌ هاسٽل ويندا هئاسين رات جو هڪ ڏيڍ بجي هاسٽل اچي مان ۾ عالماڻي جڏهن سمهڻ جي لاءِ پنهنجي ڪٽن تي ليٽندا هئاسين ته قمرالزمان ڪتاب کولي پڙهڻ لاءِ ويهندو هيو. پنج منٽ مشڪل سان پڙهڻ ڪان پوءِ هو ڊائري ۾ لکندو هيو. "رات جو ڏيڍ بجي پڙهائي ختم ڪري هاڻي مان سمهان پيو" تقريبن روز رات جو سمهڻ کان اڳ ائين ڪندو هيو ۽ پوءِ جڏهن به ڳوٺ ويندو هيو ته پاڻ سان ڊائري هٽ ۾ ڪنيون پنهنجي ماسيءَ جي گهر ويندو هيو جتي هن جي پياري ماسات رهندي هئي جيڪا هن جي ڊائري پڙهي ڏاڍي متاثر ٿيندي هئي ۽ بقول قمرالزمان جي هوءَ هن کان پڇندي هئي.

"توهان ايتري دير تائين ڪيئن پڙهندا آهيو ٿڪي ڪونه پوندا آهيو".

"انجنيئرنگ جي پڙهائي ڪو سولو ڪو ته ڪونهي ۽ مون کي ته گهمڻ ڦرڻ ۾ مزو ڪونه ايندو آهي. منهنجي لاءِ ته منهنجا ڪتاب ئي سڀ ڪجهه آهن" هن جو جواب ٻڌي هن جي ماسات ڏاڍي متاثر ٿي وئي هئي ۽ ويچاريءَ قمرالزمان جي ريس تي رات دير تائين پڙهڻ شروع ڪيو ته جيئن سندا نمبر ڪٽي هوءَ ڊاڪٽر ٿي سگهي.

قمرالزمان جڏهن پنهنجي ماسات جو ذڪر ڪندو هيو ته هن جي اکين ۾ چمڪ ڏسي مون کي هن جي محبت جو احساس ٿيندو هيو.

***

ان ڏينهن آنءِ ۾ سماني آبزرويٽر جي پويان دڪين تي وينا ڳالهائي رهيا هئاسين، سماني جو چهرو ڪارن ڪپڙن ۾ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪي رهيو هيو.

"سماني هڪڙي ڳالهه ته ٻڌاءِ، ڪافي ڏينهن کان سوچيان پيو".

"پڇ"

"توهان چوڪريون به هاسٽل تي ائين ئي رهندیون آهيو جيئن اسان چوڪرا رهندا آهيون، هر وقت ڪنهن نه ڪنهن ڪمري ۾ هنگامو لڙ".

"ها اسان وٽ بہ چوڪريون شرارتون ڪنديون آهن هڪٻئي کي تنگ بہ خوب ڪنديون آهن". هن آگر ۾ پهريل چلي کي گهمائيندي چيو.

"پلا توهان جي هاسٽل ۾ باٿ روم پينٽر آهن. جيڪي باٿ روم جي پتين تي تصويرون ٺاهڻ يا پنهنجي خيالن جو اظهار ڪن".

"نہ اهڙيون چوڪريون ڪونهن، هونئن بہ چوڪريون تہ سليقي واريون هونديون آهن".

"پلا اهي سليقي واريون چوڪريون هڪ ٻئي سان پيار محبت جون ڳالهيون بہ ڪنديون آهن؟" مون پڇيومانس.

"ها اهو مرض چوڪرين کي گهٽو آهي. اڪثر هلندي هلندي ڪو سنو چوڪرو بہ نظر اچي وڃين تہ ٻئي کي ضرور ٻڌائيندیون تہ "اڙي چوڪريءَ جا وار ڪيڏا پلا آهن يا ڪيڏو نہ اسمارٽ چوڪرو آهي. منهنجي روم ميٽ بہ رات جو سڄي ڏينهن ۾ ڏنل چوڪرن جي باري ۾ پنهنجا خيالات ۽ جذبات ٻڌائي پوءِ سمهندي آهي".

"۽ تون؟" مون ڏاڍي دلچسپي سان هن کان ان اميد تي پڇيو تہ هوءَ منهنجو ذڪر پنهنجي سهيلين سان ڪندي هوندي.

"مان اهڙيون ڳالهيون ڪو نہ ڪندي آهيان". هن چلو آگر مان ڪيندي چيو.

"تون منهنجو ذڪر بہ ڪو نہ ڪندين آهين؟" مون مايوسي مان پڇيومانس.

"رافع! مان توکي ڪنهن سان شيئر ڪرڻ ڪو نہ ٿي چاهيان. تون سڄو جو سڄو منهنجو آهين ۽ مان تنهنجو ذڪر ڪري توکي ٻين جي ذهنن ۾ ورهائڻ نہ ٿي چاهيان".

هن جا لفظ ٻڌي مون کي لڳو جڙ منهنجو قد ڪيئي فوٽ ڊگهو ٿي ويو هجي. ان وقت منهنجي دل چاهيو تہ هن جو هٿ پڪڙي چمانس پر پوءِ ڪجهہ ڏينهن اڳ هن جا چيل لفظ ياد آيا. جڏهن مون جذبات ۾ هن جو هٿ پڪڙيو هيو ۽ هن چيو هيو.

"رافع مان توکي پنهنجي روح جو ساٿي سمجهندي آهيان ۽ منهنجو روح رقيب برداشت نہ ڪري سگهندو پلي اهو رقيب منهنجو پنهنجو جسم چو نہ هجي، جي تون منهنجي جسم سان محبت ڪندين تہ

منهنجو روح توسان تعلق ٽوڙي ڇڏيندو".

"پر سماني روح ۾ به ته جسم جي ذريعي لهبو آهي نه؟" مون وضاحت پيش ڪرڻ چاهي.

"جيڪڏهن تون روح سان ميلاپ جو ذريعو جسم کي ٻڌائيندين ته پوءِ محبت جسم جي جدا ٿيڻ سان ختم ٿي ويندئي".

"تون مرڻ جي ڳالهه چو ٿي ڪرين؟" مون ناراض ٿيندي چيو.

"ارڙي بابا مون مرڻ جي ڳالهه کو نه ڪئي، مان ته جسم جدا ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي ڪيان. تون چا ٿو سمجهين ته جيڪڏهن مان توکان جدا ٿي وڃان، ته چا محبت ختم ٿي ويندي، هرگز نه رافع، اسان جي محبت هن طبعي جسم سان تعلق نه ٿي رکي پر ان جي پويان جيڪي اسان جا روح آهن، جيڪي احساسات ۽ جذبات آهن ان سان اسان جي محبت ڳنڍيل آهي، جيڪڏهن محبت صرف جسم سان هجي ته پوءِ جيڪڏهن کو تنهنجو هم شڪل هجي ته مان چا ان سان به ساڳئي محبت ڪندس؟ نه هرگز نه".

"چا پيو سوچين،؟ سماني مون کي خيالن ۾ ڏسي پڇيو.

"بس هڪ خواهش پيدا ٿي پر پوءِ تنهنجي گذريل ڳالهه ڪنهن خوفناڪ جن وانگر ائين آئي جو ويچاري خواهش ئي پڄي وئي".

"مون کي خبر آهي تنهنجي خواهش به تو وانگر شرارتي هوندي". هن مرڪندي چيو.

"تون پينٽرن جو ذڪر پيو ڪرين توهان جي هاسٽل ۾ ڪي باٿ روم پينٽر به آهن چا؟"

مان اڃا هن کي کو جواب ڏيڻ وارو هيس جو سامهون چار چوڪرا ايندا ڏسي چپ ٿي ويس. ڪيڏن ۽ استائيل مان سمجهي ويس ته هي ڪامريڊ آهن. هڪڙي ڇٽي جيڪو انهن جو چگو مڙس پيو لڳي مون ڏانهن ڪاوڙ ۾ ڏسي چيو.

"ارڙي هي توهان روز هت ڪهڙيون حرڪتون ٿا ڪيو يونيورسٽي جو ماحول توهان جي ڪري خراب ٿي رهيو آهي، هي تعليمي ادارو آهي ڪا ڪلب ڪونهي جو توهان هتي اچي عاشقي معشوقي ڪيو".

"سائين اسان هتي....." مان اڃا ايترو چيو ته سماني منهنجي

ٻانهن ۾ هٿ وجهي مون کان وڌيڪ ڳالهائڻ کان روڪيو هوءَ ڪامريڊن جي پرسان وڃي وڏي ڪامريڊ جي اکين ۾ اکيون وجهي ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳي.

"مون کي خبر آهي يونيورسٽي جو ماحول اسان جي ڪري يا توهان جهڙن ڪامريڈن جي ڪري خراب ٿيو آهي. توکي ڪهڙي تڪليف آهي جيڪڏهن اسان هت ويهي ڳالهائيون پيا. جيڪڏهن چوڪرن چوڪرين جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ توهان کي ٻڌو ڪو نه ٿو لڳي ته پوءِ يونيورسٽي ۾ ٻنهي کي گڏ هڪڙي ئي ڪلاس ۾ چو ٿو پڙهائيو وڃي".

"مان توسان بحث ڪرڻ ڪو نه ٿو چاهيان اڙي چورا. جيڪڏهن وري هن چوڪريءَ سان هت نظر آيو آهين ته پوءِ ٻڌو ڪو نه ٿيندئي".

ڪامريڈ ڏمڪيون ڏئي هليا ويا پر سماني اڳيان هنن جا ڇيل لفظ منهنجي ذهن تي هٿوڑن وانگر لڳي رهيا هئا. سماني کي هاسٽل ڇڏي مان جڏهن پنهنجي روم ۾ پهتس ته ائين لڳو جڙ بخار ٿي پيو هجي. منهنجو سڄو بدن ڏڪي رهيو هو عالماڻي لائبريري ويل هيوءِ قمرالزمان ٽيبل تي پتا سڄائي اڪيلو وينو تاس کيڏي رهيو هو مان هڪدم کٽ تي ليٽي چادر پائي ڇڏي. قمرالزمان سمجهي ويو ته ڪا گڙبڙ آهي تڏهن بار بار پڇڻ لڳو ته ڇا ٿيو آهي.

"منهنجي طبيعت ٺيڪ ڪونهي" مون صرف ايترو چيو پر منهنجي لفظن سان هن جي تسلي ڪو نه ٿي ۽ هو بار بار پڇڻ لڳو "ڇا ٿيو آهي؟".

"منهنجي طرفان ڪو جواب نه ٻڌي هو به چپ ٿي ويو ڪجهه دير خاموشي کان پوءِ هن وري آهستي آواز ۾ ڳالهائيندي چيو.

"يار رافع هڪڙي ڳالهه پڇڻي هئي".

"يار منهنجي طبيعت صحيح ڪونهي سياڻي پڇجانءِ" مون چادر جي اندران ئي ڳالهائيندي چيو.

"نه يار پليز هاڻي ٻڌاءِ".

مان سمجهي ويس ته هي جان نه ڇڏيندو تڏهن چيومانس "پڇ"

هن تمام آهستي آواز ۾ منهنجي پرسان منهن ڪري چيو "تو ڪڏهن ڪنهن خوبصورت عورت کي ڪپڑا ٺيندي ڏٺو آهي"؟

"لعنت اٽئي ادا" مون چادر مان منهن ڪيڊي چيو "آنءُ پريشان لڳو پيو آهيان ۽ تون اهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين".

"يار توکي پريشان ڏسي ئي اهڙي ڳالهه ڪيم ته جيئن تنهنجو خيال به منجي ۽ ڪجهه ٻڌائين به سهي ته ٽيو چا آهي".

مون هن کي سڃي ڳالهه ڪري ٻڌائي. هن منهنجي ڳالهه ٻڌي وڏن مفڪرن وانگر سمجهائيندي چيو.

"يار رافع پنهنجي يونيورسٽي ۾ چوڪريون تمام گهٽ آهن. ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن خوشنصيب چوڪري سان ڪا چوڪري سيٽ تي ويندي آهي ته ٻين چوڪرن کي مزو ڪونه ايندو آهي ۽ سماني ته ماشاءالله خوبصورت به ڏاڍي آهي. ان کي توسان گڏ چوڪرا خاص ڪري ڪامريڊ ٽورئي برداشت ڪندا. ان ڪامريڊ کي ڪا چوڪري لفٽ ڪو نه ڪرائيندي هوندي جنهن جي ڪري هن اها باهه تو مان ڪيڊي چڏي ايترين ننڍين ڳالهين تي مايوس نه ٽيو آهي".

"يار هو ڏمڪيون ڏئي ويو آهي ۽ تون چوين پيو مايوس نه ٿيءُ.

جيڪڏهن پيو دفعو به هن سماني اڳيان بي عزتي ڪئي ته پوءِ آنءُ ته ختم ٿي ويندس" مون کٽ تان اٽندي چيو.

"منهنجي ذهن ۾ هڪ ترڪيب آهي. تون گهبراءِ نه سياڻي ڪان ڪوئي توکي ۽ سماني کي ڪجهه ڪونه چوندو".

***

صبح جو عالماڻي ۽ مان ڪئمپس وڃڻ لاءِ تيار ٿي وياسين پر قمرالزمان ستو ئي رهيو مون هن کي اٽارڻ لاءِ آواز ڏنو پر هو ڪو نه اٽيو مون ٻيهر هن کي اٽارڻ لاءِ هن جي منهن تي چادر پري ڪندي چيم.

"ڪتا اٽي جاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري.

امتحانن ۾ مارڪس ننڊ ڪندي نه ملن".

هن آرس پيچندي چيو.

.توهان هلو آنءُ ٻئين ڪلاس ۾ ايندم". اهو چئي هو چادر سان منهن ڍڪي وري سمهي پيو.

به ڪلاڪ گذري ويا پر قمرالزمان استاد جو منهن بورڊ جي طرف

ڏسي چورن وانگر آهستگي سان ڪلاس ۾ داخل ٿيو ته جيئن استاد کي خبر ڪو نه پوي. اڪثر استاد دير سان اچڻ جي ڪري يا ته ڪلاس ۾ ويهڻ ڪو نه ڏيندا هئا يا وري حاضري ڪو نه لڳائيندا هئا. قمرالزمان ايا ڊيسڪ پرسان مس پهتو ته استاد منهن ڦيرائي هن ڏانهن ڏسي چيو.

"قمرالزمان هي اچڻ جو ٽائيم آهي. آئوٽ. وڃ وڃي ٻاهر انتظار ڪر جڏهن ڪلاس ختم ٿئي ته پوءِ اچجانءِ".

"سائين منهنجي ڳالهه ته ٻڌو مان هن جي ڪري ليٽ ٿيو آهيان" قمرالزمان مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"سائين ڪلهه رافع جي مڱڻي ٿي اٽئو هن مون کي ڦاٽڪ تي موڪليو ته وڃي مٺائي ونڊي اچان". هن هٿ ۾ پڪڙيل مٺائي جي ٽيلهي ڏيکاريندي چيو.

"مبارڪ هجيو مبارڪ هجيو" ڪلاس ۾ شاگردن شور مچائڻ شروع ڪري ڏنو. هڪڙي شاگرد پويان آواز ڏيندي چيو.

"اڙي هن جي ته مڱڻي ٿي وئي هاڻي مس قاضي جو چا ٿيندو؟".

چوڪري جا لفظ ٻڌي قمرالزمان استاد ڏانهن ڏسي وري ڳالهائيندي چيو.

"سائين توهان ته ڊبل مٺائي کائيندو. چوڪرو به توهان جو شاگرد ۽ چوڪري به توهان جي شاگرد. رافع جي مڱڻي 93 بئچ جي مس سماني قاضي سان ٿي آهي".

هڪ دفعو ٻيهر ڪلاس ۾ گوڙ مچي ويو. چوڪرن خوشيءَ ۾ ڊيسڪ وڄائڻ شروع ڪئي ۽ مبارڪون ڏيڻ لڳا جڏهن ته مان ۽ عالماڻي هڪ ٻئي کي واڙڻ وانگر ڏسي رهيا هئاسين.

استاد پرسان اچي مون سان هٿ ملائيندي مون کي مبارڪ ڏئي چيو.

"سماني قاضي تمام سٺي چوڪري آهي توهان خوش رهندو".

قمرالزمان جلدي ۾ مٺائي جو ڊبو کولي سائين اڳيان جهليو سائين هڪ گلاب جامن کنيو ۽ باقي مٺائي قمرالزمان چوڪرن ۾ ورهائڻ شروع ڪيئي. مون ڏٺو ته قمرالزمان مٺائي جا ٻه ڊبا چوڪرن ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ هڪڙو اڃا ٽيلهي ۾ پيو هئس.

مان ان وقت ڪلاس ختم ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيو هئس ته جيئن قمرالزمان سان ڳالهائي سگهان پر جيئن ئي ڪلاس ختم ٿيو قمرالزمان بغير ڳالهائڻ جي منهنجي جو ڏهو هٿ ۾ ڪنيون ڪلاس مان نڪري ويو. هن جي خوش خوش چهري کي ڏسي ائين پئي لڳو جڙ سچ پچ منهنجي مڱڻي ٿي هجي.

چوٽون ڪلاس هلي رهيو هيو استاد بورڊ تي ڪا شڪل ٺاهي رهيو هيو ۽ اسان پنهنجي ڪاپي ۾ اها نوٽ ڪري رهيا هئاسين جو منهنجي پرسان ويٺل چوڪري مون ڏانهن ڏسي ڪنڌ دريءَ ڏانهن ڦيرائيندي چيو.

"رافع! گهران ٻار آيا اٿئي سڏني تا"

مون دري ڏانهن ڏٺو سماني ٻاهر ٻيني اشاري سان ٻاهر اچڻ لاءِ چئي رهي هئي.

مون کي ان وقت ڏاڍي گهبراهٽ ٿيڻ لڳي. سمجهي ويم ته سماني کي ٻه مڱڻي جي مبارڪباد ملي هوندي. تڏهن هوءَ آئي آهي ۽ هاٿي پنهنجي ڪاوڙ مون تي ڪيڻ پئي چاهي.

استاد کي ٻاهر گيسٽ آيل آهن چئي ڪلاس مان نڪري ويم. جڏهن سماني جي پرسان پهتم ته هن تعجب ۾ مون ڏانهن ڏسي يو.

"رافع هي سيني کي چا ٿي ويو آهي! جو منهنجي توسان مڱڻي جي مبارڪ ڏئي رهيا آهن".

هن جڏهن شرمائيندي اهو چيو ته هن جي چپن تي مسڪراهٽ اچي وئي. هن جي مسڪراهٽ ڏسي منهنجي جان ۾ ٻه جان آئي. مون سماني کي ڪلاس کان پري وٺي وڃي سڀ ڪجهه ٻڌايو.

"لڳي ٿو تنهنجو ڏاڏو گهرو دوست آهي، جنهن منٽ ۾ اسان جي مڱڻي ڪرائي ڇڏي".

"سماني تون ناراض ته ڪونهي نه؟ يقين ڪر مون کي ٻه خبر ڪو نه هئي ته ڪو قمرالزمان ائين ڪندو". هن مون کي اڳواٽ ايترو ٻڌايو هيو ته هو اهڙي ترڪيب ڪندو جو ان کان پوءِ ڪوئي اسان جي گڏ ويهڻ تي اعتراض ڪو نه ڪندو".

"رافع پهرين مون کي ڪاوڙ ته ڏاڍي لڳي پر پوءِ سوچيو مڱڻي ۽

شادي چا ٿيندي آهي. شادي معنيٰ هميشہ گڏ رهڻ جو اقرار ۽ مگٽي گڏ رهڻ جو فيصلو هوندو آهي. اسان تہ اڳ ۾ ئي فيصلو ڪيو آهي گڏ رهڻ جو ان حساب سان اسان جي مگٽي تہ ڪافي اڳ ٿي وئي آهي".

"تون ڪيڏي نہ ذهين آهين سماني! دل ٿي چوي تہ جيڪر توجهڙي ٻي بہ مگيندي هجي". مون خوشي ۾ هن ڏانهن ڏسي چيو.

"رافي!" هن شرمائيندي چيو.

ڪجهہ ڏينهن تہ ڏاڍا سڪون ۾ گذريا. ڪئمپس ۾ اڪثر چوڪرا اسان ٻنهي کي ڏسي هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا تہ هي لکي جوڙو آهي. پهرئين سال ئي محبت ٿي وين ۽ ٻئي سال مگٽي. ٻئي چوڪري چيو.

"هنن جي رفتار مان لڳي پيو تہ جڏهن يونيورسٽي مان فارغ ٿيندا تہ بہ هار بہ گڏ هوندن".

سماني ان چوڪري جا لفظ ٻڌي ڏاڍي ڪلي. هوءَ ايترو ڪلي جو سندس اکين ۾ پاڻي ويو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ يونيورسٽي ۾ الائي ڪير افواهہ هلائڻ لڳو تہ رافع ۽ سماني جي مگٽي ڪونہ ٿي آهي ۽ هي ٻئي ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن. تڏهن اڪثر ڪلاس جا شاگرد مون وٽ اچي قسم ڏيندا هئا تہ سماني سچ پچ منگيتر آهي يا مذاق پيا ڪريو. مان مصنوعي ڪاوڙ ڏيکاريندي چوندو هيم.

"يار ڏاڍا عجيب ماڻهو آهي مون کان منهنجي منگيتر جي باري ۾ تا پڇو تہ هوءَ منهنجي منگيتر آهيو يا ڪونہ. هاڻي مگٽي جو ڪونڪاح نامي وانگر مگٽي نامو تہ ٿيندو ڪونهي جو مان ڏيکاري سگهان. جي يقين اچيوءَ تہ يقين ڪيو نہ اچيو تہ نہ ڪيو توهان جي يقين ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ سان مون تي ڪو فرق ڪونہ ٿو پئي".

چوڪرن کي مگٽي جو يقين ڏيارڻ لاءِ بحث ٻڌي اڪثر قمرالزمان کي بہ ڪاوڙ اچي ويندي هئي. هڪ ڏينهن هن مون کي ٻڌايو تہ هن جو چاچو حيدرآباد آيل آهي ۽ هو ان سان ملڻ حيدرآباد وڃي رهيو آهي جتي رات رهي صبح جو پاڻ سان گڏ اچي هُن کي بہ يونيورسٽي گهمائڻ وٺي ايندو ۽ يونيورسٽي ۾ جڏهن چاچو ايندو تہ هو ان کي منهنجو پيءُ ظاهر ڪندو.

"چريو ته نه آهين جوپاڙ واري چاچي کي منهنجو پيءُ ظاهر ڪندين"

مون ڪاوڙ ۾ قمرالزمان ڏانهن ڏسي چيو.

"اڙي يار ٻڌ ته سهي نه. هو اچي ڪري توسان ۽ سماني پايي سان ائين ملندو جو چوڪرن کي يقين ئي ويندو ته هن ٻنهي جي مڱڻي ٿيل آهي".

"پر سماني ڪيئن هن سان ملندي؟" مون پريشاني ۾ چيو.

"تون اڳواٽ سماني کي سمجهائي ڇڏجانءِ".

***

ٻئي ڏينهن تي مان ۽ سماني پروگرام موجب ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ بدران آرڪيٽيڪچر ڊپارٽمينٽ گهمڻ وياسين. قمرالزمان پنهنجي چاچي سان گڏ يونيورسٽي پهچي سول انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۽ ڪينٽين ۾ اسان جي هر واقف چوڪري سان چاچي کي ملائي ان کي ٻڌائي رهيو هيو.

"يار هي رافع جو پيءُ آهي. ڳوٺان رافع سان ملڻ آيو آهي پر رافع ڪٿي نظر ئي ڪونه پيو اچي. توهان ڪٿي هن کي ڏٺو آهي چا؟"

هر شاگرد پنهنجي اٽڪاٽائي جو اظهار ڪري رهيو هيو ڪافي دير ڪانپوءِ جڏهن مان ۽ سماني ڊپارٽمينٽ پهتاسين ته جيڪو شاگرد ملي بابا جي باري ۾ ٻڌائي. اسين به بابا کي ڳولهڻ جي بهاني ڪينٽين جو رخ ڪيوسين. ڪينٽين جي در وٽ پهچڻ سان مون ڏٺو ته هڪ وڏي قد جو ڏاڙهي مڇن سان پنجاهه سالن جو همراهه قمرالزمان سان گڏ گيٽ کان باهر نڪري رهيو هيو. قمرالزمان مون کي ۽ سماني کي ڏٺو ته يڪدم منهنجي پرسان اچي چوڻ لڳو.

"يار رافع ڪمال آهي ڪيتري دير کان تنهنجو والد صاحب ۽ مان توکي ڳولهي رهيا آهيون ۽ تون آن جو ليي ئي ڪونه ٿو".

مون قمرالزمان جي لکيل هن ڊرامي جي اسڪرپٽ موجب پنهنجي بابي سان پيرين پئي مليم ۽ سندس خيريت دريافت ڪئي. سماني به هن کي سلام ڪيو جنهن تي بابي هن جي مٿي تي هٿ رکي دعا

ڪيس.

"بابا ڪهڙي وقت پهتا اچڻ جي اطلاع ئي ڪو نہ ڏنو اڄ ٽيون ڏينهن ٿہ مون امڙ سان ڳالهائيو هيو ان ٽہ ڪو نہ ٻڌايو ٽہ اوهان اچي رهيا آهيو" مون وقتي طور ٻڌايل بابي ڏانهن ڏسي چيو.

"ها بس اوچتو پروگرام ٿي ويو" هن رعبدار آواز ۾ چيو.

"رافع! مون کي هتي اچي ڏاڍو افسوس ٿيو آهي. مان سمجهندو هيم ٽہ تون ڈيءَ سماني پنهنجو وقت پڙهائيءَ ۾ گذاريندا هوندا پر هت اچي خبر پئي ٽہ توهان ٻئي ٽہ ڪلاس جي ٽائيم ۾ بہ گهمڻ ڦرڻ هليا ٿا وڃو. اڄ ٽہ مون توهان جي صرف مگڻي ڪرائي آهي ۽ هي حال آهي سياڻي جيڪڏهن تنهنجي شادي ڪرائيندم ٽہ پوءِ ٽہ تون ڏندا ڏاڙي چڏي ڪري اچي زال سان ويهي رهندين".

نقلي بابي جو گرجدار آواز ٻڌي مان ٽہ وقتي طور گهبرائجي ويم. مون کي اميد ڪو نہ هئي ٽہ قمرالزمان جو چاچو ايڏي سڻي ايڪٽنگ ڪندو. مون کي هڪ وڏي عمر جي ماڻهو کي ڏڙڪا ڪائيندو ڏسي اسان جي چوڏاري ڪافي شاگرد تماشو ڏسڻ ٻيهجي ويا.

چاچي وري سماني ڏانهن ڏسندي چيو.

"ڈيءَ هيءَ ٽہ لاپرواهہ ماڻهو آهي. تون ٽہ سمجهدار آهين تون بہ هن سان گڏ هن جي رنگ ۾ رنگجي وئينءَ. مون ٽہ توهان کي ڪڏهن ڪڏهن يونيورسٽي ۾ ملڻ جي اجازت ڏني هئي ٽہ جيئن ڪو ڪم ڪار ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي ٽہ هي آٽي ڈيئي. پر توهان ٽہ پنهنجي مقصد کي ئي وساري وينا آهيو".

"چاچا هو مان...." سماني ڪنفيوز ٿيڻ جي ايڪٽنگ ڪرڻ لڳي.

"بس ٹيڪ آ پٽ اڄ تائين جيڪو ٿيو سو ٿيو هاڻي خيال رکجانءِ ۽ هي وٽ رافع جي امي‌ءَ تنهنجي لاءِ چيو هيو ٽہ منهنجي ٻُنهن کي بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ وٺي ڈجانءِ".

"قمرالزمان جي چاچي هٿ ۾ جهليل هڪ ٿيلهي سماني ڏانهن وڌائي. مون کي کٽڪو ٿيو ٽہ قمرالزمان هاڻي هاسٽل پهچي پوئين دفعي جي منائي وانگر هن ڪيڪ جا بہ مون کان ڈبل پئسا چارج ڪندو.

"ٻيو ڪنهن شيءِ جي ضرورت؟" بابي سماني کان پڇيو.

"نہ چاچا" سماني ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو.

"ڇگو پٽ تون هاٽي پنهنجي سهيلين سان گڏ هاسٽل وڃ، مان رافع سان گڏ ان جي هاسٽل وڃان پيو".

سماني جڏهن ڪيڪ جي ٽيلهي سان گڏ اتان هلي وئي تہ پرسان بيٺل ٻيا شاگرد بہ ڪلندي ڪلندي پنهنجي رستي ڏانهن وڃڻ لڳا. مون کي پڪ هئي تہ هاٽي بہ ٽي ڏينهن چوڪرا هڪ ٻئي کي مصالحہ هٽي هي واقعو ٻڌائيندا تہ ڪيئن رافع جي ٻيءِ رافع ۽ ان جي مڱيندي‌ءَ تي ڪاوڙيو.

هاسٽل ويندي رستي ۾ مون قمرالزمان جي چاچي جو شڪريو ادا ڪيو جنهن منهنجي ڪري ايڏو زبردست ڊراموڪيو. خالي شڪريي مان جان ڇڏائيندو ڏسي قمرالزمان چيو.

"يار شڪريي مان ڪم ڪو نہ هلندو چاچي کي منجهند جي ماني هلي ڦاڪ تي ڪاراءِ ۽ منهنجو ڪيڪ بہ ٽيئي، چاچو منهنجي لاءِ حيدرآباد مان وٺي آيو هيو".

"اڙي مر نہ ڪيڪ لاءِ، شام جو سماني کان آڻي ڏينڊو مانءِ، هوءَ سڄو ڪيڪ کاڏي ڪندي، هونئن بہ چوڪرين کي گهٽيون منيون شيون نہ کائڻ گهرجن".

ان ڏينهن قمرالزمان جي چاچي جي خوب سدست ڪئي، شام جو جڏهن سماني سان ملڻ ويس تہ هوءَ بہ ڏاڍي خوش هئي ۽ گهڙي گهڙي چاچي جي اداڪاري جي تعريف ڪري رهي هيئي، جڏهن ٻگالهين ۾ مون هن کان ڪيڪ بابت پڇيو تہ هن ٻڌايو تہ ڪافي ڏينهن کان هاسٽل جون چوڪريون مڱڻي جي مٺائي گهري رهيون هيون، اڄ ڪيڪ مليو تہ اهو انهن جي حوالي ڪري ڇڏيم. سماني جا لفظ ٻڌي مون کي قمرالزمان جي قسمت تي رحم اچڻ لڳو.

سماني مون کي ڪاپي هٿ جي آڱر ۾ پهريل منڊي ڏيکارينديي چيو.

"رافع هيءَ منڊي ڏس سٽي آهي مان چوڪرين کي ڏيکارينديي آهيان تہ هيءَ مون کي مڱڻي ۾ ملي آهي".

"ها سٽي آهي پر تو اها منڊي ڪٿان آندي، مون تہ ايڏا تائين

توکي ڪائي منڊي ڪو نہ ڏني آهي".

"اميءَ وٽي ڏني هئي، جڏهن منهنجي يونيورسٽي ۾ داخلا ٿي هئي پر مون کي سون پائڻ جو شوق ڪونهي. ان ڪري مون لڪائي رکي ڇڏي هئي".

"سماني تون ڪيڏي نہ اڪانامیکل چوڪري آهين، سون پائڻ جو شوق توکي ڪونهي، میڪ اپ جي ضرورت توکي ڪونهي، گهمڻ ڦرڻ ۾ مزو توکي ڪو نہ اچي، هاڻي تہ مان سوچان پيو اسان کي پڙهائي دوران ئي شادي ڪرڻ گهرجي. بابا اجايو چوندو آهي تہ شادي کان پوءِ خرچ ۾ ضرورتون وڌي ويندیون آهن جيڪي ماڻهو کي باپ ڪمائي بدران آپ ڪمائي سان پوريون ڪرڻ گهرجن".

"ها چاچا تہ صحيح چوندو آهي". سماني بابي جي حمايت ڪندي چيو.

"سجي ڳالهہ تہ ہڏ. پوءِ فيصلو ڪر، هو صحيح چوندو آهي يا آنءِ. بابا چوندو آهي تہ استوڊنٽ لائيف ۾ شادي ڪرڻ لاءِ جڏهن پيءُ کان پئسا گهرڻا پوندا آهن تہ ڪافي لڄ ايندي آهي".

"ها اهو بہ چاچا صحيح پيو چوي" سماني وري بابا جي حمايت ڪئي.

"ها اهو بہ چاچا صحيح پيو چوي" مون سماني جي نقل ڪندي ڪاوڙ ۾ هن کي گهوريندي هن جا لفظ ورجايا.

"ايئن ڪونهي، مون کي خبر آهي هڪ تہ تون فرمائشون گهٽ ڪندينءَ، ٻيو مان بابا کي چوندو آهيان شاديءَ کان پوءِ توهان اڳواٽ ئي هر مهيني جي پهرئين تاريخ ايترا پئسا ڏئي ڇڏيندا ڪيو جو مون کي بار بار گهرڻ جي ضرورت ئي ڪو نہ پئي".

"پوءِ چاچا چا چوندو آهي؟ هن ڪلندي پڇيو.

"بابا جو پنهنجو تجربو آهي، هو چوندو آهي تہ هن 17 سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي، جنهن جي ڪري هن کي ڪافي پريشانيون ڏسڻيون پيون ان ڪري هن فيصلو ڪيو آهي تہ هو پنهنجي پٽن جي شادي پنهنجي پيرن تي بيهڻ کان پوءِ ڪرائيندو. خبر اٽئي بابا جڏهن اها ڳالهہ ڪندو آهي تہ مان چا چوندو آهيان؟"

"چا؟"

"مان چوندو آهيان بابا توهان 17 سالن جي عمر ۾ شادي ٿيڻ جي ڪري مسئلا ڏٺا ۽ مان 17 سالن جي عمر ۾ شادي نہ ٿيڻ جي ڪري مسئلن جو شڪار آهيان، ان ڪري مون فيصلو ڪيو آهي تہ منهنجو پٽ جڏهن 17 سالن جو ٿيندو تہ مان شادي ڪرائي چڏيندوسانس".

منهنجو جواب ٻڌي سماني ٿهڪ ڏئي کلڻ شروع ڪيو.

"سماني اها منڊي تہ لاهي ڏجانءِ". مون هن جي آڏر ۾ پاتل منڊي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"هن منڊي لاهي ڏني ۽ مون اها وڻي ڪيسي ۾ رکي چڏي.

"توکي ڪڏهن کان ليڊيز منڊي پائڻ جو شوق ٿي ويو". هن ڪيسي ۾ منڊي رکندي ڏسندي چيو.

"گهراڻ نہ مان ڪو نہ پائيندس، مون تہ ماپ لاءِ منڊي ورتي آهي، تنهنجي لاءِ ان سائيز جي هڪ منڊي نهرائيندم".

"رافع اهو نيڪ ڪونهي، توکي مون اڳ ۾ئي ٻڌايو هيو تہ مون کي سون ۾ دلچسپي ڪونهي، تون هينئن ڪجانءِ منهنجي لاءِ هڪڙو گولڊن ڪلر جو پتل جو چلو ونجانءِ هونئن بہ سون صرف نالي چڙهيل آهي، نہ تہ آهي اهو بہ پتل وانگر".

سماني جا لفظ ٻڌي مون کي انهن ماڻهن تي ڪاوڙ اچڻ لڳي جيڪي چوندا آهن تہ چوڪرين جي محبت ۾ ماڻهو خرچ ڪري ڪنگال ٿي ويندو آهي. سماني جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي منهنجي دل ۾ هن لاءِ محبت ۽ احترام وڌي ويندو هيو.

سماني مون کي خيالن ۾ گم ڏسي چيو.

"رافع ماڻهو چوندا آهن تہ اڪثر شيخ ڪنجوس هوندا آهن، مون سان بہ نندپڻ ۾ هڪ شيخ چوڪري پڙهندي هئي، جيڪا ڪاپيءَ جي هڪ لائين ۾ بہ لائينن جيترا لفظ ننڍا ننڍا اکر ڪري لکندي هئي، تون بہ تہ شيخ آهين پر تون تہ ايڏو ڪنجوس ڪونهين".

"چري شيخ قوم ان ڪري ڪنجوسي ڪري پئسا گڏ ڪندي آهي تہ جيئن هو وڏا ماڻهو ٿي پنهنجي بزرگ جي خواهش پوري ڪري سگهن ۽ هن جا اهي خواب پورا ٿي سگهن جيڪي هو اڪثر ڏسندو

رهيو".

"توهان جو بزرگ ڪير هيو؟" سماني چيو.

"شيخ چلي" مون مرڪندي جواب ڏنم.

شيخ چلي جو نالو ٻڌي سماني ٿهڪ ڏئي ڪلڻ لڳي. مون سماني کي ڪلندو ڏسي چيو.

"سماني! شيخ ڪنجوس ڪونہ هوندا اٿئي. هو تہ بچت ڪندا آهن تہ جيئن اهي پئسا ڪنهن نيڪ ڪم ۾ استعمال ٿي سگهن. تو ٻڌو ڪونهي تہ هڪ شيخ جي گهر ڪجهہ ماڻهو چندو وٺڻ ويندا آهن. در کڙڪائي هو جڏهن ٻاهر انتظار ڪندا آهن تہ اندران شيخ صاحب جو گرجدار آواز ٻڌڻ ۾ ايندو اٿن. جيڪو زال تي ڪاوڙجي رهيو هوندو آهي تہ هن ناشتي ناهڻ ۾ ماچس جون هڪ بدران ٻہ تيليون چو ٻاريون. شيخ صاحب جو هڪ تيلي تي ڪاوڙجڻ ڏسي چندي وارا مايوس ٿي موٽڻ لڳندا آهن پر شيخ صاحب انهن کي روڪي. اڇو جو سبب پڇندو آهي ۽ جڏهن خبر پوندي اٿس تہ چندو وٺڻ آيا آهن تہ هو انهن کي ڪيسي مان هزار روپيو ڪڍي ڏيندو آهي.

ڏس اهي هوندا اٿئي شيخ. جيڪي ڪنجوسي ڪري نيڪ ڪمن لاءِ پئسا گڏ ڪندا آهن". مون فخر ۾ سماني ڏانهن ڏسي چيو.

"مون کي ان ڳالهہ تي يقين ڪونہ پيو اچي تہ اهو شيخ هوندو".

توکي في الحال يقين ڪونہ ايندو ڪجهہ عرصي بعد جڏهن تون ٻہ شيخ ٽيندينءَ ۽ سماني رافع شيخ سڏائيندينءَ تہ پوءِ اصليت جي خبر پوندئي".

"رافع زماني جي اها رسم نيڪ ڪونهي". سماني احتجاج ڪندي چيو جيئن مرد عورت سان شادي ڪندو آهي. تيئن عورت ٻہ برابري جي بنياد تي مرد سان شادي ڪندي آهي پوءِ عورتن کي چو مجبور ڪيو ويندو آهي تہ هوءِ پنهنجي ذات مٽائي. مان تہ توکي ڪونہ چوندم تہ تون شادي کان پوءِ رافع سماني قاضي سڏاءِ پوءِ تون مون کي چوتو اُن ڳالهہ لاءِ چوين؟".

سماني جا لفظ ٻڌي مون کي ڪل اچي وئي مون هن ڏانهن مرڪندي ڏسي چيو.

"تون هاڻي بينظير ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪر".

اهي لفظ ٻڌي هوءَ بہ مون سان گڏ مرڪڻ لڳي.

روم تي جڏهن پهتس تہ عالماڻي کي ڪجهہ پريشان ڏٺم. مون جڏهن هن جي پريشاني جو سبب پڇيو تہ نٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پر پوءِ قمرالزمان ٻڌايو تہ، عالماڻي جا گهر وارا مالي طور ڪافي پريشان آهن، سندس والد کي ڪنهن دوست آسرو ڏنو آهي تہ عالماڻي چاهي تہ هن کي پرائمري ماستري ونڊي ڏئي سگهجي ٿي، سندس والد ان ڳالهہ تي راضي ٿي ويو آهي تہ عالماڻي کي يونيورسٽي ۾ پڙهڻ بدران ماستري ڪرڻ گهرجي، ان سان نہ صرف هن جو يونيورسٽي جو خرچ بچي پوندو پر ان سان گڏ ماستري جي پگهار بہ گهر ايندي، مون کي ان وقت عالماڻي جي پيءُ جي سوچ تي ڪاوڙ اچي رهي هئي، جيڪو پٽ کي انجنيئرنگ جي ٻئي سال مان ڪڍي ماستر بڻائڻ پيو چاهي. پر پوءِ سوچيم شايد هن جا گهر وارا يا تہ سچ پچ مالي طور پريشان آهن يا وري هو انجنيئرنگ بعد نوڪري ملڻ کان ناميد آهن، يونيورسٽي ۾ پڙهندي اسان کي پراڻن شاگردن کان خبر پئي هئي تہ اڪثر شاگرد نوڪري لاءِ ڏڪا ٽاپا کائي آخر همت هاري يا تہ ڪو ڪاروبار ڪن ٿا يا وري ڪا هلڪي ڦلڪي نوڪري ڪلرڪي يا پرائمري ماستري ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا.

مون کي پڪ هئي تہ عالماڻي منهنجي ڳالهہ ڪو نہ مڃيندو پر پوءِ بہ مون عالماڻي سان مخاطب ٿيندي چيو.

"يار عالماڻي قدرت هر انسان کي هر شيءِ ڪو نہ ڏيندي آهي، ڪنهن کي پئسو ڏيندي آهي تہ ڪنهن کي پيار ۽ ڪنهن کي عزت ملندي آهي تہ وري ان کي صحت ۾ ڪٽائي وجهندي آهي، تون گهبرائين ڇو ٿو يار! الله سائين توکي سٺو دماغ ڏنو ٿئين ۽ اسان کي سڀ مالدار گهر، توکي خبر آهي منهنجو پيءُ هر مهيني مون کي ايترا پئسا ڏيندو آهي جو ان مان ست اٺ سئو بچي بہ پوندا آهن ۽ قمرالزمان وٽ تہ مون کان بہ وڌيڪ پئسا هوندا آهن، ڪيئن قمرالزمان؟. مون قمرالزمان ڏانهن ڏسي ان جي حمايت حاصل ڪرڻ چاهي.

"بلڪل يار منهنجو پيءُ تہ ڪوڙ سارا پئسا موڪلڻ کان پوءِ مون کي چوندو آهي تہ جي وڌيڪ گهرجن تہ ٻيا بہ گهرائجان ۽، خبر اٽئي

منهنجو پيءُ چوندو آهي تہ هن کي بہ پڑهائي جو ڏاڍو شوق هيو پر هڪ تہ انجنيئرنگ ۾ داخلا کونہ ملي ۽ هيو وري بابا ڪراڙپ جي ڪري پاڻ سان دڪان تي ويهاري ڇڏيو تنهنجي ڪري منهنجي پيءُ کي جڏهن خبر پوندي آهي تہ کوچوکرو مالي مسئلن جي ڪري تعليم حاصل نہ ڪري رهيو آهي تہ هو ان جي مدد ضرور ڪندو آهي".

عالماڻي اسان ڏانهن ڏسي تمام نماڻي آواز ۾ چيو.

"يار توهان دوستن جي مهرباني پر مان هُئي جي پئسي تي پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کونہ ٿو چاهيان".

"چگو هيئن ٿا ڪيون" مون ڳالهائيندي چيو "يونيورسٽي هر شاگرد کي هر سال ست هزار روپيہ يونيورسٽي جي خرچ لاءِ قرض حسنہ ڏيندي آهي مان ۽ قمرالزمان اهي پئسا کونہ ونندا آهيون. تنهنجي ڪري اسان بہ انهن جو فارم پرينداسين ۽ پئسا وٺي توکي ڏينداسين. جڏهن تون يونيورسٽي مان نڪرڻ بعد ڪمائڻ لائق ٿيندين تہ سڀ پئسا قسطن ۾ يونيورسٽي کي موٽائي ڏجانءِ".

وڏي مشڪل سان اسان عالماڻي کي ان ڳالهہ تي راضي ڪيوسين. هڪ پل لاءِ تہ عالماڻي جو يونيورسٹي ڇڏڻ مون کي ائين لڳو جڙ جسم جو ڪو حصو ڌار ٿي رهيو هجي. پر پوءِ هن جي راضي ٿيڻ ۽ هن جي اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ ڏسي اطمينان ٿيو تہ زندگي ائين ئي نارمل هلندي جيئن هلي رهي اهي.

***

اڻ ڏينهن روز وانگر مان ۽ سماني آڊيٽوريم پٽيان ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين. سماني پنهنجي ماءُ جي تعريف ڪري رهي هئي.

"رافع! اسان جي مما ڏاڍي بولڊ اٿئي. هوءَ جيڪو فيصلو ڪندي آهي. دل سان ڪندي آهي ۽ پوءِ ڪڏهن بہ ان تي پشيمان کونہ ٿيندي آهي. هن جو چوڻ هوندو آهي تہ اسان جا فيصلا ان وقت پنهنجي حساب سان صحيح هوندا آهن پر پوءِ وقت جي بدلجندڙ سان اهي غلط محسوس ٿيندا آهن. هن پاپا سان لو مئريج ڪئي هئي ۽ پوءِ پاڻ ئي پاپا کي طلاق ڏيڻ تي مجبور ڪيو هئائين".

"چو ايئن آنٽي چو ڪيو؟" مون حيرت ۾ سماني ڏانهن ڏسي پڇيو.

"اصل ۾ مون کان پوءِ جڏهن منهنجي پيٽ جمڙ واري هئي تہ امي کي ڊليوري ۾ ڪافي مسئلو ٿي ويو هيو. جنهن جي ڪري ڊاڪٽر کي آپريشن ڪرڻو پيو. ان آپريشن کان پوءِ ڊاڪٽر ٻڌايو تہ امي ٻيهر ماءُ ٿي ڪو نہ سگهندي. ان خبر تي اسان جي ڏاڏاڻي گهر ۾ ماتم مچي ويو. منهنجي ڏاڏي پنهنجي پٽ جي وارث ۽ پنهنجي پوٽي لاءِ روئڻ لڳي. ان کان پوءِ اڪثر منهنجي ڏاڏي اسان جي پاڙيا کي اسان جي مما لاءِ ورغلائيندي هئي ۽ ڪيس ٻي شادي ڪرڻ لاءِ چوندي هئي. گهر ۾ اهڙي حالت ڏسي منهنجي مما پاڻ ئي منهنجي پاپا کان طلاق گهري. هڪ تہ ان وقت هن کي اهو ڊپ هيو تہ سياڻي ايئن ڪو نہ ٿئي جو منهنجو پاپا هن مان بدظن ٿي هن کي پاڻ طلاق ڏئي. شايد هوءَ پنهنجي محبت جو اهڙو پوائنٽو انجام ڏسڻ ڪو نہ پئي چاهي ٻي ڳالهہ تہ هن پاپا جي دل ۾ ٻہ پٽ جي خواهش محسوس ڪري ورتي هئي. مما اڪثر چوندي آهي تہ جنهن سان محبت هوندي آهي، ان جي خوشيءَ لاءِ پنهنجون ڪوڙ خوشيون ختم ڪرٽيون پوندیون آهن".

"پوءِ توهان جي پاپا توهان جي مما کي طلاق ڏئي چڏي؟" مون غمگين لهجي ۾ چيو.

"ها پهرين تہ پاپا راضي ڪو نہ پيو ٿئي. پر پوءِ ڏاڏيءَ جي ضد ۽ مما جي زور پرڻ تي راضي ٿي ويو".

"توهان جو پاپا توهان سان ملڻ ايندو آهي؟"

"مما ٻڌائيندي آهي تہ شروع شروع ۾ اسان جو پاپا اسان سان ملڻ اڪثر ايندو هيو پر پوءِ اسان سان ملڻ جي ڪري هن جي نئين گهر ۾ مسئلا پيدا ٿيڻ لڳا. جنهن جي ڪري هن اڇڻ وڇڻ چڏي ڏنو اڃڪلهہ ڪڏهن ڪڏهن فون تي خيريت دريافت ڪندو آهي".

سماني جڏهن ٻڌائي رهي هئي تہ مون سمجهيو هوءَ پنهنجي پيءُ جي ذڪر سان روئي ويهندي پر هن جو سپاٽ چهرو ڏسي مون کي ايئن لڳو جڻ هن حالات سان مڪمل ڪمپرومائيز ڪري چڏيو آهي.

گهڙي ۾ وقت ڏسندي سماني چيو "رافع هاڻي اسان کي هلڻ

گهرجي".

مان عادت موجب مايوسي مان دکي تان اتي سماني سان گڏ هلڻ لڳم. اسين اڃا ڪجهه قدم ڪنيا هونداسين جو سامهون کان اهو ساڳيو ڪامريڊ پنهنجي دوستن سان گڏ اسان ڏانهن اچي رهيو هيو منهنجي پرسان اچي هن منهنجي شرٽ جي گريبان ۾ هٿ وڌو. ان کان اڳ ۾ جو مان يا سماني ڪجهه چئون هن ڪاهي هٿ سان منهنجو گريبان پڪڙيندي ساڃي هٿ سان هڪ زوردار ڏڪ منهنجي ڪاهي ڇل تي هڻندي چيو.

"جي آئنده وري يونيورسٽي ۾ هن چوڪريءَ سان ڏاڍ آئين ته اهڙو انجام ڪندوسانءِ جو يونيورسٽي ياد ڪندئي".

اهو چئي هو وڃڻ لڳا ته. پويان سماني هنن کي ڪاوڙ ۾ ڏاڍيون گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. "توهان ڪتا آهيون. ڪمينا آهيو بزدل آهيو" پر هو هن جي گارين کان بي پرواهه ڪلندا اتان هليا ويا.

سماني منهنجي پرسان اچي منهنجي شرٽ جا بٽڻ بند ڪري پهريون دفعو منهنجو هٿ پڪڙي پاڻ سان گڏ پنهنجي هاسٽل ونئي وئي. ڪافي دير تائين نصيحتون ڪندي رهي ته مان ان ڇالهه جو نوٽيس نه ونان. خراب ماڻهو هوندا ئي خراب آهن ۽ هو سڀن ماڻهن کي برداشت ڪو نه ڪري سگهندا آهن. هن چوڪري کي به ڪو ڪامپليڪس آهي جنهن کان جان ڇڏائڻ لاءِ هن اها حرڪت ڪئي آهي. ان کان سواءِ به سماني ڪافي ڇالهيون ڪندي رهي ۽ مان جيڪو ان وقت ڏرتي تي نه پر ڪنهن برنڊ سج تي بيٺل هيم هن جي لفظن کان بي خبر ان سوچ ۾ گم هئس ته ڪيئن ان چوڪري کان بدلو ونان.

پنهنجي هاسٽل تي پهچي مون سڄي ڇالهه قمرالزمان ۽ عالماڻي کي ٻڌائي. عالماڻي به سماني وانگر ڇالهائيندي ڇالهه کي درگذر ڪرڻ لاءِ چيو پر قمرالزمان جيڪو منهنجي ڇالهه ٻڌي اڳ ۾ ئي ڪاوڙ ۾ هيو تنهن عالماڻي جو جڏهن مشورو ٻڌو ته ان تي به ڪاوڙجي ويو هن مون ڏانهن ڏسي چيو.

"رافع در گذر معنيٰ آئنده ڪڏهن به سماني پايي سان يونيورسٽي ۾ ڪو نه ملندي ۽ انهن ڪامريڊن جي اڳيان ڏڃي ڏڃي هلندي پر هڪ ٻيو به رستو آهي جيڪو آهي ته خطرناڪ پر ماڻهو عزت ۽ پنهنجي مرضي

سان يونيورسٽي ۾ رهي سگهي ٿو".

منهنجي لاءِ سماني کي چڏڻ ناممڪن هيو مون قمرالزمان کي ٻيو رستو ٻڌائڻ لاءِ چيو.

هو مون کي هاسٽل جي متئين فلور تي هڪ ڪمري ۾ وٺي ويو جتي يونيورسٽي جي هڪ تنظيم جا ڪاميد شاگرد رهندا هئا.

ڪمري ۾ داخل ٿياسين تہ روم ۾ وچايل قالين تي چار ڇٽا تاش کيڏي رهيا هئا ۽ پنجون انهن کي ڏسي رهيو هو.

اسان کي ڪمري ۾ ڏسي سڀ ڪاميد اٿي بيٺا. انهن مان هڪ جيڪو عهدي ۾ تنظيم جو جنرل سيڪريٽري ۽ قمرالزمان جو ڳوٺائي هيو. تنهن اسان کي پنهنجي پرسان ويهاري هڪ ماڻهو سان تعارف ڪرايو جيڪو شايد مهمان هيو ان کان سواءِ باقي اڪثر هاسٽل ۾ ڪينٽين ۾ ملندا هئا. حال احوال کان پوءِ قمرالزمان ڳالهہ شروع ڪندي چيو.

"سائين مخالف پارٽيءَ جي چوڪرن جي غنڊا گردي وڃي ٿي ڏينهون ڏينهن وڌندي. اڄ اسان جي دوست سان بہ انهن جي هڪ ميمبر بدتميزي ڪئي اهي. توهان تہ سڄي يونيورسٽي جي يونٽ جا جنرل سيڪريٽري آيو توهان کي تہ ان ڳالهہ جو نوٽيس ونڊ گهرجي".

"ڪير هيو چوڪرو" ڪاميد سگريٽ جو ڪش هڻندي چيو.

"چون ٿا گلزار نالو اٿس ۽ آهي بہ خسيس ميمبر پر لئي ايڏي ٿو ڪري جڙ يونيورسٽي جو مالڪ جي".

"اڙي اهو گلزار پدي! اهو تو ايڏي لئي ڪري. مون تہ توهان کي پهرين ڏينهن ئي چيو هيو تہ اسان جي پارٽي جا ميمبر ٿيو ڪوئي توهان کي چتائي ڪو نہ ڏسندو. چگو دير پر درست. آيو تہ سهي اسان وٽ".

اهو چئي هن پرسان ويٺل چوڪري کي فارم ڪڍي اڇڙ لاءِ چيو. چوڪري جلدي ۾ ڪٻٽ مان فارم ڪڍي هڪ مون کي ۽ هڪ قمرالزمان کي ڏنو. اسان اتي ئي فارم پري هنن جي حوالي ڪيو. ڪاميد جي اسسٽنٽ فارم سان گڏ اسان کان ڏهہ ڏهہ روپيا تنظيمي فيس بہ گهري جيڪا قمرالزمان 20 روپيا ڏئي بنهي جي ادا ڪئي. ڪاميد پنهنجي اسسٽنٽ کي نصيحت ڪئي تہ ميمبر شپ جي تاريخ بہ ٽي مهينا اڳ جي هٽي چڏي. ان کان پوءِ هن اسان ڏانهن ڏسندي چيو.

"چوري کي سياڻي ئي ٿا سڏکو ڪيونس، توهان بہ ان نيڪ ڪم ۾ گڏ هوندوءِ يا اهو ڪم اسان کي ئي ڪرڻو پوندو؟".

"مان بہ گڏ هوندم" مون جوش ۾ چيو.

سياڻي تي مان ڪلاس اٽينڈ ڪرڻ بدران تيار ٿي ڪامريڊن جي روم ۾ هليو ويس. جيڪي سڀ ڏاڍي مزي سان ننڊ پيا هئا. تقريبن ڪلاڪ انتظار ڪرڻ کان پوءِ واري واري سان اٿندا تيار ٿيندا ويا. جڏهن سڀ تيار ٿي ويا تہ انهن ناشتي جي فرمائش ڪئي، مون انهن جي خواهش مطابق امداد جي ڪينٽين تي ناشتو ڪرايو. جت مون پهريون دفعو ڏٺو تہ هن ڪامريڈن چانهہ بدران ناشتي سان گڏ بوتل پيتي، مون کي ڪامريڈن سان گڏ ويٺل ڏسي اڪثر ڪينٽين ۾ موجود شاگرد جيڪي مون کي سچاڻيندا هئا حيرت ۾ پئجي ويا. ناشتو ڪرڻ کان بعد اسان سڀ ان نيت سان اٿياسين تہ گلزار کي ڳولهيون. هن کي ڳولهڻ ۾ گهڻو وقت ڪونہ لڳو. هو پنهنجن هن ساٿين سان گڏ ڪينٽين جي سامهون جوس واري وٽ انب جو شيڪ ڏاڍي مزي سان پي رهيو هيو. مون کي مخالف تنظيم جي پنجن ڪامريڈن سان گڏ ايندو ڏسي هن خوف ۾ پنهنجي ٻنهي ساٿين ڏانهن ڏٺو جيڪي هن کان بہ وڌيڪ ڊنل پئي لڳا.

ڪامريڈ هن جي پرسان اچي هن ڏانهن ڪاوڙ ۾ ڏسي چيو.

"چورا توکي ايڏي مستي ٿي پئي آهي جو تون اسان جي تنظيم جي ميمبر سان ٽوڙهين. ان کي داڍا ڏين. ڇاتو ڙي سمجهين تون پاڻ کي".

"اهو ڇئي ڪامريڈ هن جي ڳچي ۾ هٿ وجهي هڪ زوردار ڇمات اهڙي طرح ڪيرايائين جيئن ان مون کي هنئي هئي. مون کي ان وقت لڳو سيني ڪامريڈن جو وڙهڻ جو استائيل ساڳيو آهي. وڏي ڪامريڈ جي مار ڪيڻ کان پوءِ ننڍين ٽن ڪامريڈن بہ هلڪي هلڪي ڇمات وهائي ڪڍيس جڏهن تہ هڪ ڪامريڈ جيڪو قد ۾ بہ سيني کان ننڍو هيو تنهن پري کان هن کي هٿ جون پنجئي آڱريون ڏيکارينديون چيس.

"جي حيا وارو هوندين تہ وري ڪنهن کي تنگ ڪونہ ڪندين".

ان کان پوءِ ڪامريڈ مون ڏانهن ڏسي چيو. "منهنجي خيال ۾ گهٽي ٿي اٽس يا تون بہ وارو ونندين؟".

"بس نيڪ اٽس" مون ڪامريڈ ڏانهن ٽورائتي نظرن سان ڏسندي

چيمر.

ان واقعي کان پوءِ ڪجھ ماڻھن مون کي ڊيڄاريو تہ گلزار جي پارٽي وارا ڪنھن بہ وقت بدلو وٺي سگھن ٿا. ان ڪري مون کي ڪامريڊن سان گڏ رھڻ گھرجي. پر ڏينھن ڪامريڊن سان گڏ گذارڻ کان پوءِ مون کي احساس ٿيو تہ مان ڪامريڊن جي طريقي مطابق ڪونہ ٿو ھلي سگھان. سڄو ڏينھن. تاش ۽ ڪچھريون ھر وقت ڪونہ ڪوئي دوست يا مھمان جيڪڏھن ڪو نئون آھي تہ ان کان ان جي حيثيت مطابق چانھ پيئڻ يا ماني کائڻ. جي ڪو پراڻو ڪامريڊ اچي تہ ان کي اوڏر تي چانھ ماني کارائين.

ہن ڏينھن کان پوءِ مان واپس پنھنجي روٽين تي موٽي آيس. پر اھي ٻہ ڏينھن ڪامريڊن سان گڏ گذارڻ کان پوءِ ۽ خاص طور چوڪري کي مار ڏيڻ واري واقعي کان بعد مان بہ يونيورسٽي ۾ ڪامريڊ مشھور ٿي ويس. جيتوڻيڪ مان صرف ڪڏھن ڪڏھن ڪامريڊن سان جيڪي رستي ۾ يا ڪينٽين ۾ ملي ويندا ھئا تہ ويھي ڪجھ گھڙيون ڳالھيون ڪندو ھئس پر آھستي آھستي عام چوڪرن وانگر ڪامريڊ بہ مون کي پنھنجي تنظيم جو خاص ميمبر سمجھڻ لڳا ۽ ان جو نقصان اھو ٿيو جو مھيني بعد مون کي يونيورسٽي ۾ تنظيم جو پريس سيڪريٽري بڻايو ويو. يونيورسٽي جي ھر ڊپارٽمينٽ ۾ وڏا وڏا پوسٽر لڳايا ويا. جن تي ھين عھديدارن سان گڏ منھنجو نالو بہ پريس سيڪريٽري جي خاني ۾ وڏن اکرن ۾ لکيو ويو.

ان وقت ڪنھن تنظيم جو عھديدار ٿيڻ سان لئي وڏي ٿي ويندي ھئي پر لئي سان گڏ ھر ماڻھو جي ذھن ۾ اھو ھوندو تہ ڪامريڊ معنيٰ پڙھائي کان آجو تڏھن منھنجن دوستن ۽ استادن کي منھنجي پريس سيڪريٽري ٿيڻ تي افسوس ٿيو.

سماني کي جڏھن منھنجي پريس سيڪريٽري ٿيڻ جي خبر پئي تہ ھن کي يقين ڪونہ پئي آيو شام جو جڏھن مان ھن سان ملڻ ويس تہ ھن ناراض لھجي ۾ چيو.

"اڄ يونيورسٽي جو ايڏو وڏو ڪامريڊ مون سان ڪيئن ملڻ آيو آھي؟".

"سماني پليز تون تہ گھٽ ۾ گھٽ ائين نہ چئہ. توکي چاتو لڳي تہ

مان بہ روايتي ڪامريڊن وانگر آهيان، افسوس آهي جو تون بہ سمجهين ٿين تہ مان عهدي ملڻ سان هڪدم بدلجي ويندم".

"اڙي بابا مان مذاق پئي ڪيان ڪامريڊ سائين" هن لهجو مٺائيندي چيو.

"پر رافع مون سان هڪ واعدو ڪر، تون تنظيم جي ڪنهن خراب يا تشدد وارين سرگرمين ۾ حصو ڪو نہ ونندين ۽ پنهنجي پڑهائي تي بہ ساڻئي توجهہ ڏيندين".

مون هن سان واعدو ڪيو تہ سڻن ٻارن وانگر مان اهو سڀ ڪجهہ ڪندم جيڪو هوءِ چاهي ٿي ۽ اهو ڪو نہ ڪندم جيڪو هن کي پسند ڪو نہ هيو.

وقت گذرڻ سان مان پنهنجو واعدو وفا ڪندو رهيم. يونيورسٽي جي ڪنهن بہ امتحان جي ڪنهن بہ پيپر ۾ مان فيل ڪو نہ ٿيم ۽ نہ ئي وري ڪنهن سان ڪا لڙائي جهيڑو ڪيو ها ٿورو گهٽو داهو درڪو ڏئي اڪثر چوڪرن ۾ ناهہ ڪرائيندو هيم. سماني ۽ عالماڻي کي پهريان ڪجهہ ڏينهن تہ منهنجي ڪامريڊ ٿيڻ تي افسوس رهيو پر پوءِ جڏهن هنن ڏٺو تہ منهنجي ڪامريڊ ٿيڻ جي ڪري چوڪرا هنن کان ڌڃڻ لڳا هئا تہ هو بہ ان ٻالهہ کي انجواءِ ڪرڻ لڳا. پهريون ڪلاس ۾ شاگرد اڪثر عالماڻي کي ميڊونا سڏيندا هئا جيڪو نالو هن کي سخت ناپسند هيو پر پوءِ جڏهن کان مان ڪامريڊ ٿيو هئس ڪنهن جي همت ڪو نہ ٿيندي هئي جو عالماڻي کي ڪو ميڊونا چئي، ساڻئي طرح سماني کي بہ پهريون جيڪي چوڪرا چتائي ڏسندا هئا هاڻي جڏهن هن کي ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪندا هئا تہ هن کي منهنجي ڪامريڊ ٿيڻ تي فخر ٿيندو هيو.

وقت ڪنهن تيز گهوڙي وانگر ائين ڌڪندو رهيو جو اسان کي خبر ئي ڪو نہ پئي ۽ فائنل ايئر ۾ اچي وياسين. جيتوڻيڪ فائنل ايئر ۾ اچڻ جي پنهنجي خوشي آهي، هڪ ماٺهو منزل جي ويجهو اچي ويندو آهي ۽ ٻيو يونيورسٽي ۾ سڀ کان سينيئر هوندو آهي، پر فائنل ايئر ۾ اچڻ جي مون کي بلڪل ڪائي خوشي ڪا نہ ٿي. التو سماني جو سوچي دل ڀڏي ويندي هئي. هوءَ انين يعني آخري سيمسٽر ۾ هئي ۽ مان ستين ۾ ڇهن

مهينن کان پوءِ سماني کي يونيورسٽي ڇڏڻي هئي ۽ مون کي ڇهه مهينا ٻيا هن جي بغير يونيورسٽي ۾ گذارڻا هئا. سماني کي بغير يونيورسٽي ۾ وقت ڪيئن گذرندو. اهو سوچي ئي دل تي گهري اداسي ڇائنجي ويندي هئي. مون گهر ڪيئي ڀيرا بابا سان هن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي پر هر دفعي بابا چوندو هيو جيستائين فائنل ايئر جو امتحان ڪو نه ڏينديون مڪمل ڪو نه ڪرائيندم يا چوندو هيو تنهنجي شادي نئين صدي ۾ ڪرائيندس. امڙ سان ڳالهائڻ فضول هيو ڇو جو هوءَ هر وقت اهو سوچيندي هئي ته مان يونيورسٽي مان اچي ڪري هن جي ڪنهن مائٽياڻي سان شادي ڪندس. مون کي اهو ڊپ رهندو هيو ته ائين نه ٿئي جو يونيورسٽي مان نڪرڻ کان بعد سماني جي مما هن جو رشتو ڪٿي طئي ڪري ڇڏي. جيتوڻيڪ سماني ٻڌايو هيو ته هن جي مما ڪڏهن به هن جي مرضي کان سواءِ هن جو رشتو ڪو نه ڪرائيندي. پر پوءِ به دل ۾ الائي ڇو ڪيئي وسوسا ايندا هئا. يونيورسٽي ۾ سماني سان گذريل ڇهن سالن ۾ مان هن جو ايترو ته عادي ٿي ويو هئس جو هن جي بغير زندگي گذارڻ ڏاڍو ڏکيو لڳي رهيو هيو. گذريل ٽن سالن کان منهنجا ڪپڙا ۽ بوٽ هوءَ مون سان گڏ گل سينٽر هلي پسند ڪندي هئي. سندس خواهش موجب مان "اوپن" پرفيوم کان سواءِ ٻي ڪا پرفيوم ڪو نه هٽندو هيم پهرين مان چانهه سان گڏ ٻيري کي چوندو هيم چانهه ۾ ڪ گهٽي ۽ پ گهٽ. هو سمجهي ويندو هئو ڪير ڪنڊ گهٽي ۽ پاٽي پتي گهٽ پر پوءِ سمانيءَ جي سختي جي ڪري ڪ گهٽ پ گهٽي واري چانهه پيئندو هيم. اها به هن ڪوپن کان مٿي ڪو نه. مٿيون شيون بلڪل بند ڪري ڇڏيون هيم. اهي سماني کي ڪو نه وٽندیون هيون. مطلب ته زندگي منهنجي هئي ۽ پسند سماني جي.

***

ان ڏينهن جڏهن مان هن کي هاسٽل مان وٺي آڊيٽوريم جي پويان اچي ويٺم ته هوءَ منهنجي پسند ڪيل ڳاڙهي ڪلر جي قميص ۽ ڪاري ڪلر جي شلوار ۾ ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي هئي. هن کي ڏسندي جڏهن اوچتو منهنجي چهري تي اداسي ڇائنجي وئي ته هن سبب پڇندي چيو.

"رافع! اڄ ڪلهه توکي ڇا ٿو ٿي وڃي جو ويٺي ويٺي اداس ٿيو

وڃين؟"

"سماني مان سوچان پيو ڇهن مهينن بعد جڏهن تون امتحان پاس ڪري هلي ويندينءَ تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟ مون کي توکان سواءِ يونيورسٽي ڏاڍي اوپري لڳندي".

"تون ڇا ٿو سمجهين تہ مان توکي ايترو آساني سان ڇڏي ڏينديندم. مون کي بہ 99 بئچ ۾ آيل خوبصورت ڇوڪريون ڏسي ڊپ لڳڻ لڳو آهي، توکي ڪيئن انهن سان يونيورسٽي ۾ اڪيلو ڇڏيندم". سماني جو شرارتي لهجو ڏسي مون کان ٿهڪ نڪري ويو.

اسان جي فائنل ايئر ۾ اچڻ سان گڏ ئي ملڪ ۾ فوجي حڪومت اچي وئي هئي، جنهن جي ڪري يونيورسٽي ۾ رينجرز گهرائي سياسي تنظيمن جون سرگرميون محدود ڪيون ويون، هوڏانهن وائيس چانسلر بہ وقت پنهنجي هٿ ۾ ڏسي يونيورسٽي ۾ ڪوڙ ساريون اصلاحون ڪيون، جن کي هونئن سياسي تنظيمون رد ڪري ڇڏيندیون هيون پر فوجي دور هٿ جي ڪري ڪنهن بہ پارٽي اصلاحن تي اعتراض ڪو نہ ڪيو. اسان جي فائنل ايئر ۾ اچڻ سان اهو قانون بڻايو ويو تہ هر سبجيڪٽ جا گهٽ ۾ گهٽ 40 ڪلاس هلايا ويندا پوءِ بہ هن جي غير حاضري لڳندي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڇوڪري جي ڪنهن بہ سبجيڪٽ ۾ حاضري 75 سيڪڙو کان گهٽ هوندي تہ ان کي هڪ سيمسٽر پوئتي ڪيو ويندو. ان کان علاوہ بہ ڪيترائي اصلاحي قدم کنيا ويا، جيڪي اسين سوچيندا هئاسين تہ يونيورسٽي کي ڪافي اڳ ۾ کڻڻ گهرجن ها، گهڻن اصلاحي قدمن کان سواءِ فل پاور ملڻ جي ڪري يونيورسٽي انتظاميہ اهڙا قدم بہ کڻڻ لڳي جن جو ٻڌي ڪري دل چوندي هئي وري موقعو ملي تہ احتجاج ڪجي جيئن هاسٽل ۽ يونيورسٽي جي فيس اسان جي بئچ کان نئين ايندڙ بئچ جي 4 دفعا وڌيڪ هئي جيڪا غريب شاگردن لاءِ ادا ڪرڻ ڪافي ڏکي هئي.

فائنل ايئر ۾ اچڻ سان جتي مون سان سماني جي جدائي جو خوف گڏ رهڻ لڳو اتي عالماڻي بہ ڪافي پريشان رهندو هيو هن جي گهر جي مالي حالت ڏينهون ڏينهن بگڙجندي پئي وڃي ۽ ان جو قصور وار هن کي سمجهيو پيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ وڏو پاءُ هٿ جي ڪري پيءُ سان گڏ جنهن

جي ڪلرڪي جي پگهار گهر ۾ رهندڙ پياتين لاءِ گهٽ هئي. هن کي ڪمائڻ جو ذميوار سمجهيو پيو وڃي. هن جي گهر وارن جو خيال هيو ته جيڪڏهن عالماڻي به ڪنهن روزگار يا نوڪري سان لڳل هجي ها ته گهر جي ڪجهه مالي حالت بهتر ٿي وڃي ها. فائنل ايئر تائين جيئن تيئن ڪري عالماڻي يونيورسٽي جا ٽئي سال سٺن نمبر سان پاس ڪري آيو هيو ۽ ڪيس انتظار هيو ته سال گذرڻ بعد هن کي ڊگري ملي ته هو ڪنهن روزگار سان لڳي. گهر وارن جون اميدون پوريون ڪري سگهي.

فائنل ايئر کان اڳ قمرالزمان جي اهائي بي ڊنگي چال هئي. پوئين ٽن سالن ۾ 20 پيپرن ۾ فيل ٿي چڪو هيو پر هن کي انهن جي ڪائي پرواهه نه هوندي هئي. مان ۽ عالماڻي اڪثر هن کي سمجهائيندا هئاسين ته يار ڪجهه پڙهائي تي توجهه ڏئي پيپر ڪڍ. پر سندس ساڳيو جواب هوندو هيو.

"ڪهڙي جلدي آ يونيورسٽي مان نڪرڻ جي. ڪهڙيون اسان لاءِ يونيورسٽي کان ٻاهر نوڪريون پيون آهن؟"

پر پوءِ فائنل ايئر ۾ اسان جي نصيحت اثر ڏيکاريو. قمرالزمان ۾ پڙهائي جو شوق ته ڪو نه پيدا ٿيو البته هن ۾ اچانڪ پيپر پاس ڪرڻ جو شوق جاڳي پيو. تڏهن ئي هن ڪجهه پاڻ جهڙن شاگردن سان ملي ڪري هڪ پارٽي ٺاهي جنهن جو نالو "جڏا ويلفيئر ايسوسيئيشن" رکيو. هن جي ان پارٽي جو مقصد يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ انهن شاگردن جي مدد ڪري پاس ڪرائڻ هيو جن جا ڪافي پيپر رهيل هئا. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ميڙ ڪري استاد ڏانهن ويندا هئا ۽ انهن کي ايلاز منٽون ڪري "جڏا ويلفيئر ايسوسيئيشن" جي ميمبرن کي پاس ڪرڻ جي درخواست ڪندا هئا. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ جڏا ويلفيئر ايسوسيئيشن ڪافي مقبول ٿي وئي ۽ ميمبر شاگرد ان جي نالي کان مطمئن ڪونه هئا ۽ تڏهن شرمندگي محسوس ڪندا هئا. جڏهن ڪئمپس ۾ انهن کي ويندو ڏسي ڪو شاگرد چوندو هيو "وڃي ٿو جڏو" قمرالزمان ۽ ان جي ساٿين اها صورتحال ڏسي تنظيم جو نالو مٽائي "الفقرا ويلفيئر ايسوسيئيشن" رکي ڇڏيو.

فائنل ايئر ۾ مان وڏو ڪان وڏو وقت سماني سان گڏ گذارڻ چاهيندو

هيمر پر هن کي الائي چا ٿي ويو هيو جو مهيني ۾ ڪيئي ڏينهن گهر هلي ويندي هيئي، جڏهن هن جي اڻين سيمسٽر ۾ اسان جي ستين سيمسٽر جي امتحان جا فارم پرجڻ شروع ٿيا تہ مون کي اهو ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو تہ سماني جو فارم ڪلاس گهٽ اٽينڊ ڪرڻ جي ڪري ڪو نہ پرجي سگهيو ۽ هن کي هڪ سيمسٽر پوئتي ڪري اسان جي ڪلاس ۾ شامل ڪيو ويو آهي. مون کي هن جي پنهنجي ڪلاس ۾ اچڻ ۽ اڻين ۽ آخري سيمسٽر ۾ پاڻ سان گڏ ويهڻ جي ڪائي خوشي ڪو نہ ٿي رهي هئي. مان جڏهن سماني سان شام جو ملير ۽ منهنجي ڪري جاڻي واڻي ڪلاس اٽينڊ نہ ڪرڻ ۽ پاڻ کي سيمسٽر پوئتي ڪرائڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو تہ هن ڪلي جواب ڏيندي چيو.

"رافع مان توکي ڪيئن پئي يونيورسٽيءَ ۾ اڪيلو ڇڏي سگهان، مون کي خبر آهي تہ تون مون کان سواءِ اداس ٿي وڃين ها ۽ سچ پچين تہ منهنجي ڏاڍي خواهش هوندي هئي تہ توسان گڏ ڪلاس اٽينڊ ڪيان ۽ ان کان سواءِ اهو جيڪو اسان جي وچ ۾ سينيئر ۽ جونئر جو فرق هيو اهو مون کي بلڪل سنو ڪو نہ لڳندو هيو".

"پر سماني تون پنهنجا ڇهہ مهينا ضايع ڪري ڇڏيا". مون احتجاجي لهجي ۾ چيو.

"ضايع نہ رافع سجايا ڪري ڇڏيا".

هن جي جواب کان پوءِ مان وڌيڪ ڪو جواب ڏئي ڪو نہ سگهيم.

سماني جي ڪلاس ۾ اچڻ کان پوءِ اسان جي ڪلاس جي رونق ويتر وڌي وئي، پهرين ڏيسڪ جيڪا چوڪرين لاءِ مخصوص هئي ان جي آخري ڪناري تي سماني ويهندي هئي ۽ مان ٻي ڏيسڪ جي منڊ ۾ ويهندو هئس، منهنجي ۽ سماني جي وچ ۾ پوين ڏيسڪن تي وڃڻ لاءِ نهيل رستو هوندو هيو ڪڏهن ڪڏهن هلندڙ ڪلاس ۾ جڏهن بوريت ٿيندي هئي تہ مان استاد جو منهن بورڊ ڏانهن ڏسي سماني جي وارن تي پين ڇُنبڑائي ڇڏيندو هيم يا وري هن سان اشاري ۾ ڪچهري ڪندو هئم. اڪثر چوڪرا اسان کي هلندڙ ڪلاس ۾ اشارن سان ڳالهائيندو ڏسي اهڙي طرح وات تي هٿ رکي ٿهڪ روڪيندا هئا جو استاد کي خبر ئي ڪو نہ پوندي

هئي.

آخري سيمسٽر ۾ اسان جو هڪڙو سبجيڪٽ ٽيسس جو هيو جنهن ۾ چار پنج چوڪرا گروپ ٺاهي ڪنهن موضوع تي ريسرچ ڪري ان جا نوٽس جمع ڪرائيندا هئا. گروپ ۾ هڪڙي گروپ ليڊر هوندو هيو جنهن کي نوٽس جمع ڪرائڻ وقت ڪميٽي جي اڳيان پنهنجي ريسرچ بابت بريفنگ ۽ ڏيڻي هوندي هئي. اسان جيڪو گروپ ٺاهيوسين ان ۾ مان، سماني، قمرالزمان ۽ ۽ بيا شاگرد هئا منهنجي زور ڀرڻ تي اسان گروپ ليڊر سماني کي بڻايوسين. جڏهن ته عالماڻي پنهنجو گروپ الڳ ٺاهيو هيو جنهن جو هو ليڊر هيو اسان جي گروپ جي موضوع ۾ مختلف سيمينٽ جا قسم چيڪ ڪرڻ شامل هيو جنهن جي ڪري ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ اسان لائبريري ۾ ڪافي دير تائين ڪم ڪندا هئاسين. سماني جي گروپ ۾ هڪڙ جي ڪري مون کي دير تائين ڪم ڪرڻ ۾ ڪائي ٽڪاوٽ ڪونہ ٿيندي هئي. جڏهن ته قمرالزمان ۽ بيا چوڪرا ٿوري دير ڪم ڪرڻ کان پوءِ لائبريري مان کسڪي ويندا هئا ۽ پوءِ بس مان ۽ سماني رهجي ويندا هئاسين.

آخري سيمسٽر وارو وقت زندگي جو سڀ کان شاندار عرصو هيو ٿي ڪلاڪ آرام کان سواءِ ڏينهن جو سڀ کان وقت سماني مون سان گڏ گذاريندي هئي. صبح جو ناشتو اسين ڪلاس شروع ٿيڻ کان اڳ گڏجي ڪندا هئاسين. منجهند جي ماني ب گڏ کائيندا هئاسين. ان کان پوءِ سماني هاسٽل تي هلي ويندي هئي ۽ وري اسان شام جو ملندا هئاسين.

يونيورسٽي ۾ وقت هونئن ئي ڏاڍو تڪڙو گذري ويندو هيو پر اهي ڇهه مهينا ايئن گذري ويا جو لڳندو هيو ڏينهن ڳڻڻ ۾ ڪائي غلطي ٿي وئي آهي ۽ ڇهن ڏينهن کي يونيورسٽي وارا ڇهه مهينا پيا چون.

جڏهن اسان فائنل ايئر جو امتحان ڏئي چڏيو ۽ صرف ٽيسس ۽ ان جي واءِ واءِ رهيل هيئ ته مان ڪجهه ڏينهن لاءِ گهر هليو ويم ته جيئن پنهنجي زندگي جي اهم خوشيءَ جا انتظام ڪرڻ لاءِ گهر وارن کي راضي ڪيان. گهر پهچي جڏهن مون بابا سان ڳالهه ڪيئي ته بابا اهڙي طرح پنهنجي لاچاري ڏيکاريندي اميءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ چيو ڇڻ گهر جو سربراهه هونہ امي هجي. مون کي ان وقت لڳو ڇڻ منهنجو پيءُ مون لاءِ

اوپرو ٿي ويو آهي. جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هئس تڏهن ڪان بابا مون کي چوندو هيو.

"پٽ سڀ ڪان پهرين پنهنجي تعليم مڪمل ڪريو جڏهن تعليم مڪمل ٿي وڃي ۽ ڪنهن مقام تي پهچي وڃو تہ ان کان پوءِ ڪنهن چوڪري بابت سوچيو. پوءِ پلي اها انگريزياٽي هجي يا سنڌياٽي. امريڪن هجي يا آفريڪن "لفظ آفريڪن تي زور ڏئي بابا ٺهڪ ڏئي ڪلندو هيو پر اڄ بابا جو شادي جي معاملي تي ائين هٿ ڪيڊي وڃڻ مون کي ڏاڍو عجيب لڳو. مون بابا سان احتجاج ڪندي چيو.

"بابا توهان تہ چيو هيو شادي اسان جو ذاتي مسئلو آهي ۽ فيصلي ڪرڻ جو حق اسان کي هوندو".

"مان تہ اڄ بہ ان ڳالهہ کي ميان ٿو ان ڪري نہ تنهنجي حمايت ٿو ڪريان نہ مخالفت. جيڪڏهن تون پنهنجي ماءُ کي راضي ٿو ڪرين تہ مون کي ڪوئي اعتراض ڪونهي".

مون جڏهن امڙ سان سماني جي باري ۾ ڳالهہ ڪئي تہ ايئن لڳو جڙ ڪنهن بند کي گهارو لڳي ويو. جنهن ۾ هر شيءِ سيلاب جي نظر ٿي وئي. اميءَ مون کي دڙڪا ڏيندي چيو.

"توکي چا ٿي ويو آهي، جو اهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين. اسان هي ذات ۾ رشتو ڪيئن ٿا ڪري سگهون. توکي خبر آهي تہ هي ذات ۾ رشتي جي ڪري اسان جا پنهنجا مائٽ اسان جي گهر اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏيندا. ڇو جو هنن کي ڊپ رهندو تہ اسان جي گهر ۾ هي ذات جا ڏاريا ماڻهو نہ آيل هجن. ان کان سواءِ رافع اسان جي پنهنجي گهر ۾ بہ نياٽيون آهن. مان برداشت ڪو نہ ڪندم تہ نياٽين جي موجودگي ۾ ڏاريا ماڻهو اسان جي گهر ۾ اچن ۽ ٻڌ جي اها چوڪري اسان جي فيملي جي بہ هجي ها تہ بہ مان اهو رشتو ٽيڻ ڪو نہ ڏيان ها. ماڻهو چا چوندا تہ اچي اسان کي چوڪري ملي بہ تہ ان طلاق يافتہ عورت جي ڏيءَ، جنهن پاڻ مرد کان سواءِ زندگي گذاري ۽ وري ڏيءَ کي آزادي سان يونيورسٽي ۾ چڏي ڏنائين".

"امڙ تون سماني ۽ ان جي ماءُ جي باري ۾ ڪجهہ نہ چئہ. مون کي خبر آهي هو ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن. تون پنهنجا گمان نہ ٻڌاءِ مون پنج سال ان چوڪريءَ سان گڏ گذاريا آهن. هوءَ مون سان روز ملندي آهي پر

پوءِ بہ ڪڏهن هن مون کي پنهنجي هٿ کي بہ ڇهڻ ڪو نہ ڏنو آهي ۽ تون ان جي باري ۾ شڪ ڪري رهي آهين".

"رافع تون ان ڏائڻ چوريءَ جي محبت ۾ ايڏو انڌو ٿي ويو آهين".

امڙ اهو جملو اهڙو تہ ڪاوڙ ۾ چيو جو منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. مان اتان اٿي وڃي پنهنجي ڪمري ۾ بستري تي ڪري پيم. ڪمري ۾ اچي مون کي خبر ئي ڪو نہ پئي تہ منهنجي اکين مان ڪيتري دير تائين لڙڪ وهائي کي آلو ڪندا رهيا ۽ ڪهڙي وقت مون کي ننڊ اچي وئي.

ہ ڏينهن گهر ۾ رهڻ کان پوءِ مون کي گهر ڏاڍو اوپرو لڳڻ لڳو. جيئن ڪو زنده ماڻهو قبر ۾ قاسي پوندو آهي. تيئن لڳو تہ جي مان وڌيڪ گهر ۾ رهيس تہ منهنجي دل ڦاٽي پوندي. گهر ۾ امڙ مون سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو جڏهن بہ هوءَ مون ڏانهن ڏسندي هئي تہ هن جي اکين ۾ آلاڻ اچي ويندي هئي. مون کي لڳندو هيو جڻ مان هن جو قصور وار آهيان. هوءِ تہ پنهنجي لڙڪن ۾ پنهنجي ناراضگي ۽ ڏک ظاهر ڪري رهندي هئي پر گهر ۾ مان ڪنهن کي پنهنجو درد ڪو نہ ٻڌائي سگهيم. بابا ڪافي سارن مائڻن کي مون کي سمجهائڻ لاءِ گهرائيو هر ڪو ساڳئي نصيحت ڪرڻ لڳو تہ ماءُ پيءُ جا فيصلا اولاد لاءِ هميشہ بهتر هوندا آهن. ڪنهن کي منهنجي جذبات جي پرواهہ ڪو نہ هئي. خبر ناهي ڇو وڏن کي ننڍا هميشہ غلط ۽ بي سمجهہ لڳندا آهن. ان ڏينهن جڏهن منهنجو مامو مون کي سمجهائڻ لاءِ آيو تہ مون پهرين هن جي ڳالهين تي توجهہ ڪو نہ ڏنو بس هن کي سگريٽ پيئندو ڏسندو رهيم پر پوءِ هن جڏهن سماني جو نالو ڪنيو تہ منهنجو ڏيان هن ڏانهن چڪجي ويو.

"ڏس جيڪڏهن تون گهر وارن جي مرضي جي خلاف شادي ڪندين تہ تنهنجي ڪوشش جي باوجود بہ سماني کي اها عزت ڪو نہ ملي سگهندي جيڪا حاصل ڪرڻ هر عورت جي خواهش هوندي آهي. هونئن بہ رافع ماءُ پيءُ جي مرضي خلاف ڪيل ڪم قدرت کي بہ پسند ڪو نہ هوندو اٿئي. مون کوڙ اهڙا جوڙا ڏٺا آهن جن ۾ ايتري محبت هوندي هئي جو گمان ٿيندو هيو تہ ايڏي محبت تہ ڪڏهن بہ ختم ٿي ڪو نہ ٿي سگهي پر ماءُ پيءُ جي نافرماني جي ڪري قدرت هنن جي محبت ائين ختم ڪري ڇڏيندي آهي جو لڳندو ئي ڪونهي تہ هنن ۾ بہ ڪڏهن ڪو

تعلق رهيو هوندو. مون کي پوءِ ٿوٿئي ته متان توسان بہ ائين نہ ٿئي ته تنهنجي ماءُ جي ڏکايل دل مان، سماني لاءِ کا آهہ نڪري وڃي". مامي جا لفظ ٻڌي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا جيڪي عادت موجب ٻئي جي موجودگي جي ڪري اکين ۾ ئي رهيا. ان وقت سماني مون کي پاڻ کان ڪافي دور ويندي نظر آئي، مون کي لڳو جيڪڏهن سماني کي حاصل ڪري بہ ورتو ته اسان جو انجام بہ سماني جي مما پاپا جي محبت جهڙو ٿيندو. مان ڪنهن بہ قيمت تي سماني کي ڏکن ۽ تڪليف ۾ ڏسڻ کو نہ ٻئي چاهيم. تڏهن ئي مون هڪڙو فيصلو ڪيو ۽ صبح جو يونيورسٽي هليو ويم.

يونيورسٽي ۾ بن ڏينهن تائين مان هاسٽل جي ڪمري کان ڪو نہ نڪتم. سماني جي سامهون بيهڻ جي مون ۾ همت ئي کو نہ ٻئي ٿئي. قمرالزمان سماني کي منهنجي اچڻ جو اطلاع ڏئي ڇڏيو هو. هن ٻهرين ڏينهن هاسٽل تي منهنجو انتظار ڪيو پر مان کو نہ ويم وري ٻئي ڏينهن ڪئمپس ۾ ڳولهيندي رهي، اتي بہ کو نہ مليومانس ته قمرالزمان کان منهنجي باري ۾ پڇيائين. قمرالزمان ايترو ئي چيس ته جڏهن کان گهران آيو آهي ڪنهن سان ڳالهائي کو نہ ٿو بس چپ چاپ رهي ٿو شام جو روم تي هڪ چوڪري اچي ٻڌايو ته منهنجي لاءِ سماني جي فون آهي، مون هن کي چيو ته ڇيس روم تي ڪونهي پر ٿوري دير کان پوءِ وري ٻيو چوڪرو جڏهن ٻڌائڻ آيو ته سماني جي فون آهي ته مان ٽڪل قدمن سان پاڻ کي گهليندو فون تائين آيم. رسيور کڻي جڏهن هيلو ڪيم ته ڪافي دير بعد سماني جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هن جي آواز ۾ هن جو درد محسوس ٿي رهيو هيو. هن ڳالهائيندي چيو.

.رافع چا تون مون کي هاڻي ان لائق بہ کو نہ ٿو سمجهين جو پنهنجن ڏکن ۾ شريڪ ڪري سگهين، جي تنهنجي دل ۾ اڃا منهنجي لاءِ محبت آهي ته مون سان هاڻي جو هاڻي آڊيٽوريم وٽ مل".

اهو ڇئي هن رسيور رکي ڇڏيو مان بہ رسيور رکي سڏو آڊيٽوريم ڏانهن ويم. جڏهن آڊيٽوريم ۾ پهتس ته سماني کي سامهون ايندو ڏسي تي ئي بيهي ويس. سماني منهنجي ۾ سان اچي ٻيني کو نہ ۾ هلندي جي ان ئي ڏکي تي وڃي وينِي جتي هوءَ ويهندي هئي. مان بہ هن جي

پرسان اچي ويهي رهيم. ڪافي دير تائين اسان چپ چاپ هڪ ٻئي کي ڏسندا رهياسين. ڪنهن مهل منهنجي دل چاهيو ته هن سان ڪجهه ڳالهائيان پر سمجهه ۾ ڪو نه پيو اچي ته چا ڳالهائيان. ساڳئي طرح وقفي وقفي سان سماني جا چپ گهڙي ڪن لاءِ لرزندي اچانڪ چپ ٽيندا ڏسي لڳو ته هوءَ به ڪجهه چوڻ ٻڌي چاهي پر چئي ڪو نه ٿي سگهي آخر هن ئي همت ڪري چيو.

"چا چيو تنهنجي گهر وارن؟".

مون هن جي سوال جو ڪوئي جواب ڪو نه ڏنو ۽ چپ رهيم. هن وري ڳالهائيندي چيو.

"راضي ڪو نه ٿيا؟"

مون کان ان وقت به جواب ۾ هڪ لفظ زبان مان ڪو نه نڪتو. هن مسلسل مون کي خاموش ڏسي ڪاوڙ ۾ چيو.

"رافع تون ته صفا ٻار آهين. جي اسان جو جسماني طور ملڻ ممڪن ڪو نه آهي ته پوءِ چا ٿيو روح ته مليل آهن نه. مان تڏهن توکي چوندي هئيم ته تون منهنجي روح جو ساٿي ٿيءُ. ڏس فائدي ۾ وئين نه؟"

"سماني پليز! مان مذاق جي موڊ ۾ ڪو نه آهيان".

مون پهريون دفعو ڳالهائيندي چيو.

"رافع! مان توکان صرف هڪڙي ڳالهه پڇڻ ٿي چاهيان چا تون به پنهنجي گهروارن سان اتفاق ڪرين ٿو؟"

"سماني! مان پنهنجي خوشيءَ لاءِ پنهنجي ماءُ جي اکين ۾ هر وقت ڳوڙها ڏسي ڪو نه ٿو سگهان ۽ سماني مون کي ڊپ ٿو لڳي ته هنن جي ڳوڙهن ۾ تنهنجون خوشيون نه ٻڏي وڃن. مان توکي تڪليف ۾ ڏسي ڪو نه سگهندس. مان پنهنجي ماءُ کي به تڪليف ۾ ڏسڻ ڪو نه ٿو چاهيان. پر پوءِ....." ان کان وڌيڪ مان ڪجهه به ڪو نه چئي سگهيم ۽ ڳوڙها مسلسل منهنجي اکين مان وهڻ شروع ٿي ويا. اهو زندگي ۾ پهريون دفعو هيو جو مان هوش ۾ اچڻ کان پوءِ ڪنهن جي سامهون رنو هيس. مون سان گڏ سماني جي اکين مان به ڳوڙها ٽمڻ شروع ٿي ويا. ڪڏهن ڪڏهن ته اکين تي به حيرت ٽيندي آهي جو ائين وهڻ شروع ڪندیون آهن جڙ پويان ڪو سمنڊ هجين.

سماني پنهنجا ڳوڙها اگهندي مون ڏانهن ڏسي چيو.

"رافع! ڪاش تون مون کي جدا ٿيڻ جو ڪوبه سبب ٻڌائين ها ته جيئن مان توکي آهستي آهستي وساريڻ جي ڪوشش ته ڪيان ها، تون ته پاڻ کي هميشه هميشه لاءِ منهنجي دل ۾ امر ڪري ڇڏيو".

ان کان پوءِ منهنجي سماني سان آخري ملاقات ٽيسس جي واءِ واءِ ۾ بريفنگ وقت ٽي هوءَ ڪميٽيءَ کي پروجيڪٽ جي باري ۾ ٻڌائي رهي هئي ۽ مان چپ چاپ هن کي ائين ڏسي رهيو هئس جيئن ڪو مريض موت قريب اچڻ وقت پنهنجي محبوب کي آخري ڀيرو ڏسندو آهي.

***

اڄ سماني کان جدا ٿئي ٽي سال گذري چڪا آهن پر پوءِ بہ هن جون يادون ائين گڏ هونديون آهن جو لڳندو آهي ته ايا ڪلهہ هن سان آخري ملاقات ٽي هئي. هوءَ هاڻي مون سان ڪڏهن ڪڏهن فون ٽي ڳالهائيندي آهي. ٻہ سال اڳ جڏهن هن جي شادي ٿيڻ واري هئي ته هن فون ڪري دعوت ڏني ۽ ضد ڪرڻ لڳي ته مان هن جي شادي ۾ شرڪت ڪيان. مان نٽائيندو رهيم ۽ هوءَ اصرار ڪندي رهي جڏهن مون هن کي سمجهائيندي چيو.

"تون ته عورتن ۾ ويٺي هونديءَ ۽ مان مردن ۾. پوءِ منهنجي اچڻ نہ اچڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پئي" تنهن کان پوءِ هن وڌيڪ اصرار ڪو نہ ڪيو وري پوئين سال فون ڪري هن خوشخبري ڏني ته هوءَ هڪ پٽ جي ماءُ ٽي آهي ۽ سپ کان پهرئين مون کي مبارڪباد ڏئي رهي آهي مون جڏهن هن کي مبارڪ ڏني ته هن پنهنجي پٽ جو نالو منهنجي نالي تي عبدالرافع رکڻ جي اجازت گهري.

تڏهن مون کي احمد فراز جو شعر ياد آيو.

اور کتنی محبتیں چاہیئے تجھے فراز

مائوں نے اپنی بیٹوں پہ تیرے نام رکھ دیے

مون کلي هن کي چيو.

"سماني! تون پٽ کي منهنجو نالو ڏئي منهنجي ڪاوڙ هن مان ڪيڻ ٽي چاهين مان توکي ان جي اجازت هرگز نہ ڏيندم".

"مان هن ۾ توکي محسوس ڪرڻ چاهيان ٿي رافع". هن ڏکويل آواز ۾ چيو.

مان جڏهن ڪافي دير تائين هن کي ايلاز ڪندو رهيم تہ ڪوبہ سنو نالو رکيس چاکاڻ تہ منهنجي نالي وارن ماڻهن جا پاڻ سڻا ڪو نہ ٿيندا آهن تہ هوءَ روئي ويٺي ۽ روئندي چوڻ لڳي تہ مان پنهنجي پٽ کي راسم ئي چونديس، ٻيا ڪٽي کيس کهڙي بہ نالي سان سڏين اهو نالو يونيورسٽي ۾ مون ۽ سماني پنهنجي پنهنجي نالي جو اڌ ملائي پنهنجي پٽ لاءِ سوچيو هيوسين.

ڪجهہ ڏينهن اڳ سماني فون ڪري مون کي خوشخبري ٻڌائي هيئ تہ راسم هاڻي ڳالهائڻ شروع ڪيو اهي، هوءَ راسم کي فون ڏئي ڳالهائڻ لاءِ همٿائڻ لڳي پر هو ويچارو آ، اي ڪرڻ لڳو تہ سماني هن کي سمجهائيندي چيو پٽ چئو پاپا، پاپا آهي نہ فون تي....

سماني جا لفظ ٻڌي الائي ڇو منهنجي هٿ مان رسيور ڪري پيو ۽ مان راسم جا لفظ ٻڌي ڪو نہ سگهيم.

يونيورسٽي مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هڪ سال نوڪري ڳولهيندو رهيم پر ناڪام رهيم. جت درخواست ڏيان تہ جواب ڪو نہ اچي. جي ڪنهن نوڪري لاءِ لکت جي ٽيسٽ ۾ گهرائين ۽ اها پاس ڪيان تہ زباني ٽيسٽ ۾ فيل ڪري ڇڏين. ڪيئي دفعا نوڪري لاءِ ڪراچي حيدرآباد جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي آخر همت جواب ڏئي وئي. هڪ يا ٻن نوڪرين لاءِ انٽرويو ۾ پنج سئو کان هزار چوڪرا ڏسي پنهنجي ڪامياب ٿيڻ جي اميد گهٽ لڳندي هئي. هونئن بہ اسان کي يونيورسٽي ۾ ڪورس جو چوٿون حصو بہ مشڪل سان پڙهايو ويو هيو ۽ امتحان ونڊڻ اها اميد رکندا هئا تہ اسان يونيورسٽي ۾ پڙهيل 40 سبجيڪٽن ۾ ئي حافظ هجون ۽ هو جنهن بہ سبجيڪٽ مان جيڪو سوال پڇن اهو اسان کي اچڻ گهرجي.

انٽرويو تي آيل چوڪرن جي هٿن ۾ 16 سالن جي تعليم جا سرٽيفڪيٽ ۽ چهرن تي 25 سالن جي عمر ۾ پنجاهہ سالن جي پريشاني ڏسي شعر ياد اچي ويندو هيو.

کڑا هوں آج بھی روٹی کے چار حروف لیئے
سوال یہ ہے کتابوں نے کیا دیا مجھ کو

آخر هڪ ڏينهن مايوس ٿي بابا کي چيم ته مون کي پاڻ سان گڏ ڪاروبار تي ويهاري. منهنجا لفظ ٻڌي بابا کي شديد ڏڪو لڳو. نوڪري نه هجڻ باوجود به بابا پنهنجي دوستن کي مون سان ملائي فخر مان تعارف ڪرائيندي چوندو هيو "هي منهنجو پٽ انجنيئر آهي".

ڪافي ڏينهن تائين بابا نٿائيندو رهيو پر پوءِ روز گهر ۾ مون کي پنهنجي ڪمري ۾ سڄو ڏينهن بند ڏسي، هو هڪ ڏينهن مون کي پاڻ سان گڏ پنهنجي آفيس ۾ وٺي ويو. جتي هن اڳ ۾ئي مون لاءِ ٽيبل رکرائي ڇڏي هئي. ٽيبل ڏسي مون کي بابا جي آرزو جي شڪست تي افسوس ٿيو. وڏي ٽيبل تي سائي ڪلر جي چادر رکيل هئي. جنهن تي ڪاري ڪلر جو شيشو رکيل هو. ان جي مٿان آفيس جي سامان سان گڏ پاڪستاني جهنڊو ۽ دنيا جو گول نقشو رکيل هيو. شايد بابا پنهنجي آفيس ۾ مون کي سرڪاري آفيس ۾ ويٺل محسوس ڪرڻ پئي چاهيو.

شروع شروع ۾ ڪم جي وچ ۾ جڏهن بابا کي پاڻ ڏانهن ڏسندي ڏسندو هيم ته هن جون غمگين اکيون مون کي به اداس ڪري ڇڏيندیون هيون. پر پوءِ وقت گذرڻ ۽ نفعي وڌڻ سان بابا منهنجي ڪم مان خوش ٿيڻ لڳو. هاڻي اڪثر هو دوستن کي فخر مان ٻڌائيندو آهي ته منهنجي ڪاروبار ۾ شرڪت جي ڪري هن کي ڪيئي سيڪڙو وڌيڪ فائدو ٿيندو آهي.

هڪ ڏينهن بابا خوش ٿي منهنجي اڳيان هزار جي نوٽن جو هڪ بنڊل رکندي چيائين ته مان هنن کي جت دل وٺي اتي خرچ ڪيان پر مان اهو ان کي موٽائي ڏيندي چيو.

"هن وقت هي پئسا منهنجي ڪائي ضرورت پوري ڪو نه ٿا ڪري سگهن".

ڪاروباري ماڻهو کي پئسا ملندي خوشي ٿيندي آهي پر ان ڏينهن بابا کي اهي پئسا واپس ونڊندي ڪائي خوشي ڪو نه ٿي. هن جي خواهش هئي ته مان اهي پئسا رکان پر مون کي جيڪي شيون ونڊيون هيون ان لاءِ اهي پئسا ٿورا هئا. منهنجي خواهش هئي. مان هڪ پتل جو چلو وٺي سماني کي ڏيان يا ان کي ڪنڊ گهٽ ۽ پتي گهٽي واري ڇانهه جو هڪ ڪوپ پياريان پر اهو سڀ ڪجهه انهن پئسن ۾ هاڻي ممڪن ڪو نه هيو.

ڪالهه ٽن سالن بعد قمرالزمان سان ملاقات ٿي هو پنهنجي ننڍي پاڻ جي شادي جو ڪارڊ ڏيڻ آيو هيو. قمرالزمان ۽ منهنجي وچ ۾ 140 ڪلوميٽرن جو فاصلو هيو جنهن کي طئ ڪرڻ ۾ هڪ هزار ڏينهن ڪان مٿي لڳي ويا هئا. شايد قصور منهنجو هيو جو يونيورسٽي کان پوءِ ڪنهن سان ملڻ ڳالهائڻ تي دل کو نه ڪندي هئي. مون جڏهن قمرالزمان کي ڏٺو ته يقين کو نه پئي آيو ته کو هن جهڙو ڪل مک ۽ چڑواڳ ماڻهو ايترو جلدي ايڏو سنجيده ٻ ٿي سگهي ٿو مون هن کي نظر جو چشمو پاتل ڏسي مرڪندي چيو.

"هي ڪڏهن کان؟ سچ پچ نظر جو آهي يا تون پاڻ کي سنجيده ۽ پڙهيل لکيل ٿو ظاهر ڪرڻ چاهين".

"نظر جو آ گذريل ٻن سالن کان اکين تي آهي" هن سنجيده لهجي ۾ چيو.

هن جڏهن پنهنجي پاڻ جي شاديءَ جو ڪارڊ ڏنو ته مون شڪايت ڪندي چيو".

"يار تون پنهنجي شاديءَ جو سڏ ته ڪو نه ڏنو هاڻي پاڻ جي شادي جو ڏيڻ آيو آهين".

"مان جڏهن شادي ڪندس ته توکي ضرور سڏ ڏيندسُ" اهو چئي قمرالزمان جي چپن تي ڪي مرڪ اچي وئي. هن جو جواب ٻڌي آنءَ چرڪي پيم. ڪجهه دير چپ چاپ هن کي ڏسندم رهيم پوءِ خاموشي ٽوڙيندي چيم.

"تنهنجي ماسات جو ڇا ٿيو؟"

"شادي ٿي ويس. پنهنجي مڙس سان خوش آهي".

"تون ڇو نه ساڻس شادي ڪئي؟"

"هون...." قمرالزمان ڏکو ساهه کڻي مون ڏانهن ڏسندي چيو.

"يار ڪڏهن ڪڏهن پنهنجا ٻه دوکو ڪري ويندا اٿئي. اسان جڏهن رشتو گهريوسين ته چيائون اسان جي ڏيءَ ڊاڪٽر آهي ان لاءِ ڪو ڊاڪٽر چوڪرو ئي ٺيڪ رهندو. جيڪو ان جي پروفيشن ۽ ان جي ڪري پيدا ٿيندڙ مسئلن کي سمجهي سگهي".

"ٿي سگهي ٿو هو صحيح چوندا هجن". مون هن جي چشمي جي

اندر هن جون اداس اکيون ڏسندي چيو.

"مون کي کو افسوس کو نہ ٿئي ها جيکڏهن هن جي شادي کنهن ڊاڪٽر سان ٿئي ها، افسوس هن ڳالهه جو آهي ته هن جي شادي هڪ وڏي کاروباري ماڻهو جي کاروباري پٽ سان صرف ان کري کرائي وئي جو هو اسان کان پئسن ۾ وڌيڪ هئا".

"پوءِ چا تون ان جي کري شادي کو نہ کندين؟" مون پڇيو.

"اهو سوال مان توکان به پڇي سگهان ٿو؟، قمرالزمان مون ڏانهن ڏسي چيو".

هن جي سوال کان پوءِ مان چپ ٿي ويس.

جڏهن ملازم ٽيبل تي بوتلون رکي ويو ته مون هڪ بوتل قمرالزمان ڏانهن وڌائيندي چيو.

"يار يونيورسٽي ڈاڍي ياد پئي اچي، کنهن ڏينهن پروگرام ناهه ته يونيورسٽي ڏسي اچون".

قمرالزمان بوتل وٺندي کنڊ لوڏائي هاکار کئي.

"کيڏو مزو ايندو تون گڏ هوندين، عالماڻي کي به حيدرآباد مان کٽنداسين ۽ پوءِ پراڻيون يادون تازيون کنداسين".

قمرالزمان بوتل اڃا چپن ۾رسان رکي مس جو عالماڻي جو نالو ٻڌي جڙ هن کي جهٽکو لڳي ويو، هن بوتل ٽيبل تي واپس رکندي مون ڏانهن حيرت ۾ ڏسي چيو.

"رافع توکي عالماڻي جي خبر کونهي چا؟"

"چاجي؟" مون سواليه نظر سان هن ڏانهن ڏٺو.

"عالماڻي ته بيروزگاري کان تنگ اچي کيئي ڏينهن اڳ خودکشي کري پنهنجو انت آڻي چڏيو".

"خودکشي؟..... عالماڻي خودکشي کئي؟"

ذهن ۾ ڏماکا ٿيڻ لڳا ها، منهنجي آس پاس جي هر شيءِ گول گهمي رهي هيئي، چئني پاسن جون ڀتيون، کرسيون ٽيبلون در دريون ۽ پيرن هيٺان زمين هر شيءِ منهنجي چوڌاري ڦري رهي هئي، کافي دير تائين مان کرسي کي زور سان پکڙي اتي ويٺو رهيم کجهه دير بعد جڏهن زمين بيٺل محسوس ٿي ته منهنجي نظر قمرالزمان تي پئي جنهن

جي اکين ۾ لڙڪ لارون ڪري ڳلن تي ڪري رهيا هئا.

مون قمرالزمان ڏانهن ڏسي روڪڙهار ڪي آواز ۾ چيو.

"يار ڪهڙا حسين خواب اکين ۾ سجائي يونيورسٽي وبا هئاسين ۽ ڪهڙي پياڪ تعبير نصيب ٿي، اسان ته جڙ سموري زندگي ڏگري جي نالي ۾ ڪاغذ جي هڪ ٽڪڙي عيوض ڪپائي آياسين".

ڏگهو عرصو قيد ڪاٽي موٽي ايندڙ قيدي ٻ پاڻ کي اسان کان وڌيڪ خوش ۽ آزاد محسوس ڪندو هوندو.....

هاڻي ڪٿان آڻجي....

سماني، جيڪا مون کان پتل جو چلو گهري

عالماڻي جنهنجي سنجيدگي ٻ زندگي جو احساس ڏيارينديي هئي، ۽ پنهنجا اهي خواب جيڪي يونيورسٽي جي ديوارن پٽيان ڪٽي گم ٿي ويا.

❊❊❊



عبدالرافع شيخ جي هن ناول "يونيورسٽيءَ ۾ گم ٿيل خواب" جي تعارف ۾ تعريف هڪ جملو لکڻ ئي کافي آهي ته. "هي هن کتاب جو ٽيون ايڈيشن آهي."

هن کتاب جي پهرين ايڈيشن کان هن ٽين ايڈيشن تائين سال جا کيترا به ڪلينڈر تبديل ٿيا هجن پر ان کان وڌيڪ تيزيءَ سان هي دنيا ۾ خاص طور اسان جا ادبي رويا تبديل ٿيا آهن

ناول کان هٽي ڪهاڻي ۽ وري مختصر ڪهاڻي ۽ مائڪرو ڪهاڻي 100 لفظن جي ڪهاڻي 50 لفظن جي ڪهاڻي وغيره جو گوڙ وڌي ويو آهي. نوجوان ليکڪن تجربن جي نالي تي ۾ مون جهڙن ڪاڻ ليکڪن جن جا هٿ ڏکي تحرير لکڻ وقت ڏکي رهيا آهن ۾ ڪنگهه کان پريشان ٿي پنهنجي ڪاوڙ ڪهاڻي کي مختصر ڪري ڪڍي رهيا آهن.

پر پوءِ به حقيقت اها آهي ته پڙهڻ وارا ڪونه پيا ملن اهڙي ماحول ۾ جتي 2 صفحا پڙهڻ لاءِ ڪو مشڪل سان تيار ٿئي ٿو. اتي هن ناول جو ٽيون ايڈيشن اچڻ ليکڪ ۾ پبلشر ۾ پڙهندڙن لاءِ واقعي به خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي ۾ ليکڪ ۾ پبلشر جس لهڻ.

انور ڪليم

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.